
Sindhica
سنڌيڪا
اندر جو اُهاءُ
ڪهاڻيون
ابو ايليا

# اندر جو اُهاءُ

(ڪهاڻيون)

## ابو ايليا

ڊجيٽل ايڊيشن:

2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”اندر جو اُهاءُ“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب لاڙڪاڻي جي ليکڪ محترم **ابو ايليا** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

امداد چنا لکي ٿو:
”ابو ايليا هڪ اهڙي شخصيت جو مالڪ آهي جيڪو نه ته دنيا جي نشي ۾ مست دين کان اياڻو آهي ۽ نه ئي وري ديناريءَ جي مستيءَ ۾ دنيا کان پاسيرو آهي. بس هو پنهنجي اندر ۽ ٻاهر هڪ اهڙي انسان جي ڳولها ڪري رهيو آهي، جيڪو يا ته ماڻهوءَ کان انسان بڻجڻ جي منزل ڏانهن وکون کڻي رهيو آهي ، يا وري انسان شناسيءَ جو اهو سفر مڪمل ڪري انسانيت جي معراج تي پهچي چڪو آهي.“

هي ڪتاب **سنڌيڪا اڪيڊمي** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون محترم ابو ايليا جا جنهن ڪتاب ڪي ٻيهر ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ليکڪ بابت

ابو ايليا هڪ سٺو ڪهاڻيڪار ته آهي ، پر هڪ بهترين شخصيت جو مالڪ به آهي. لاڙڪاڻي جي پيپلز ڪالوني جو رهواسي پاڻ پائلٽ اسڪول مان ميٽرڪ ۽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان گريجوئيشن ڪيائين. ڪيس ننڍي هوندي کان وٺي پڙهڻ لکڻ جو شوق رهيو هو ۽ اهو ئي شوق اسان ٻنهي جي دوستيءَ جو ڪارڻ بڻيو . هو هڪ تمام سٺو دوست ۽ پنهنجي محبت ڀرِي، خيال رکندڙ طبيعت ڪري پنهنجي چوڌاري ماڻهن سان سنا ۽ اڻ ٽٽ ناتا جوڙي وٺندو آهي. ابوايليا ۾ هڪ اهڙي لچ آهي، جيڪا هن جي ڪهاڻين مان ايان آهي، سا اها ته دين کي ٻن طرفن کان ڇيهو رسيو آهي، هڪ ته انهن کان جيڪي دين جي ويجهو ئي ناهن. پر شايد اهو ايترو وڏو نقصان نه آهي جيترو انهن کان ٿيو آهي جيڪي نالي ماتر مسلمان آهن يا اهي جيڪي پاڻ کي دين جا ٺيڪيدار ٿا سڏائن ٿا. ابو ايليا هڪ اهڙي شخصيت جو مالڪ آهي جيڪو نه ته دنيا جي نشي ۾ مست دين کان اياڻو آهي ۽ نه ئي وري ديندايءَ جي مستيءَ ۾ دنيا کان پاسيرو آهي. بس هو پنهنجي اندر ۽ ٻاهر هڪ اهڙي انسان جي ڳولها ڪري رهيو آهي، جيڪو يا ته ماڻهوءَ کان انسان بڻجڻ جي منزل ڏانهن وکون کڻي رهيو آهي ، يا وري انسان شناسيءَ جو اهو سفر مڪمل ڪري انسانيت جي معراج تي پهچي چڪو آهي. ابو ايليا ۽ مون پهريون دفعو گڏجي هڪ پرائيوٽ چينل لاءِ سيريل لکي هئي، جنهن جو پلاٽ ابوايليا لکيو هو ۽ ڊرامائي شڪل مون ڏني هئي، پر ڪجھ سببن جي ڪري اها مڪمل نه ڪري سگھياسين. پر مون ان وقت ڄاڻي ورتو هو ته ابوايليا ۾ ڪهاڻي لکڻ جون سڀ صلاحيتون موجود آهن. هو پنهنجي مصروفيتن ڪري هن منزل تائين ٿورو دير سان پهتو آهي، هن ته لکڻ گهڻو وقت اڳ کان شروع ڪري ڇڏيو هو پر ان کي ڪتابي شڪل تائين پهچائڻ ۾ ڪجھ وقت لڳي ويو پر هن ڪتاب جي ڇپجڻ کان پوءِ مان سمجهان ٿو اسان کي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اهي نوان تجربا نظرياتي ڪهاڻين جي صورت ۾ ملندا رهندا ۽ هو پنهنجي قلم کي هميشه اهڙي طرح معاشرتي، سماجي ۽ مذهبي اصلاح لاءِ استعمال ڪندو رهندو.

**امداد چنا**

# فهرست


1. پڙهين تہ پروڙ 6
2. رانگ نمبر 19
3. مسلمان 24
4. خود ڪش 30
5. چتو ڪُتو 36
6. ڏپ 44
7. واپسي 56
8. باغبان 60
9. بيوقوف 69

# پڙهين تہ پروڙ

آءٌ معمول مطابق آفيس ۾ هيس تہ پٽيوالو سهڪندو سهڪندو منهنجي چيمبر ۾ آيو.
”سا ئين! هو اوهان جو دوست عادل اوهان سان ملڻ آيو آهي، لڳي ٿو ڏاڍو پريشان آهي، مون هن کي ويٽنگ روم ۾ ويهاريو آهي“.
آءٌ جلدي جلدي ويٽنگ روم ڏانهن ويس جتي عادل بيچيني سان منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. مون کي ڏسي ائين ڊوڙندي اچي مليو چڻ تہ آءٌ ڪو سندس پيرومرشد هجان ۽ هو ڪا وڏي حاجت کڻي آيو هجي. هن جي حالت ٿر جي ريگستان مان آيل ان مسافر جيان پئي لڳي، جيڪو تتل ريت مان ڪيئي ميل سفر ڪري اچي، ڪنهن پاڻيءَ جي تلاءَ مٿان ڪري پيو هجي. هن جا چپ ڪجهہ چوڻ لاءِ حرڪت تہ ڪن پيا پر ان مان لفظ ٻڌجي نہ پيا نڪرن. شايد هن جو ڳلو بلڪل خشڪ ٿي ويو هو. مون پٽيوالي کي پاڻي کڻي اچڻ لاءِ چيو پاڻي پياري هن کي ڪجهہ ٿڌو ڪيم.
”حسين! تو کي خبر آهي هن “ Yan Sou” مونڏي خط موڪليو آهي.“ هن سهڪندي سهڪندي ٻڌايو.
“ Yan Sou”هن جي هڪ ڪورين نيٽ فرينڊ هئي جنهن سان هو نيٽ تي چيٽنگ ڪندو رهندو هو.
”نيڪ آهي خط لکيو اٿس تہ ان ۾ ايڏو پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آ هي، خط ئي تہ آهي ، ڪو سرڪاري ميمو تہ نہ آهي جو تو کي ميمواسڪينڊل جو ڊپ پيو ٿئي.“ مون کيس ٿڌو ڪرڻ لاءِ چيو.
”اڙي يار مذاق ڇڏ، هي ڏس نہ هي خط ڪورين زبان ۾ لکيل آهي ڪيئن پڙهندا سين.“ هن ائين ڏهن پنن جو خط منهنجي هٿ ۾ ڏيندي چيو.
”مونکي لڳي پيو تہ هن غلطي سان ڪو آفيس جو ليٽر تو ڏانهن پوسٽ ڪري ڇڏيو آهي ۽ هونءَ بہ اڄڪلهہ هنIT جي دور ۾ ڪيرٿو ڪنهن کي خط لکي“ مون هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.
”نہ ائين نہ آهي هن مون ڏانهن خط ئي لکيو آهي، مون توکي ٻڌايو نہ هو تہ ڪجهہ ڏينهن کان هوءَ نيٽ تي چيٽنگ لاءِ بہ نہ پئي اچي، گهر وارن هن جي مٿان سختي ڪري ڇڏي آهي Job بہ ڇڏرائي وئي اٿس ۽ شايد ڪٿي هن جي شادي ڪرائن پيا.“ هن پنهنجي پريشاني ظاهر ڪندي چيو.
مون هن کي هڪ نظر ڏٺو هن جي چهري ۾ هڪ عجيب قسم جو تجسس هو هن جي اکين ۾ انتها درجي جي تڙپ ۽ بيچيني هئي. هوپنهنجي پُراشتياق نظرن سان هُن خط ڏانهن ائين ڏسي رهيو

هو جيئن ڪو ڪوهه پيما جبلن جي نقشي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. اُن بيچينيءَ، تڙپ ۽ اشتياق هن کي پريشانين جي ڳُن ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو . ان کان اڳ جو هن جي پريشاني سڄي آفيس جي پريشانيءَ جو باعث بڻجي ها، مون ان ۾ بهتري سمجهي ته اڄ آفيس کان موڪل ڪجي ۽ هن جي مسئلي جو ڪو حل ڳولهجي.

عادل منهنجو ننڍپڻ جو دوست هو . اسين ٻئي گڏ ڪيڏندي وڏا ٿيا هئا سين اسڪول کان وٺي يونيورسٽي تائين هڪ ڪلاس هڪ ڊپارٽمنٽ ۽ وري هاسٽل ۾ به روم ميٽ رهيا هئا سين. بس خبر نه آهي ته الائي ڪيئن Job ٻنهي کي مختلف ڪمپنين ۾ ملي هئي.

عادل ننڍپڻ کان وٺي ڏاڍو ضدي هو. جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه تي اڙجندو هو ته اها ڪري ئي ساهه پٽيندو هو ۽ وري ننڍپڻ کان گڏ هجڻ ڪري هن جوگهڻي قدر مون سان ئي هر ڳالهه تي ضد ٿيندو رهندو هو. پهلي ڪٽي اهو اسمبليءَ ۾ اڳيان بيهڻ تي هجي يا ڪلاس روم ۾ هڪ ئي ڊيسڪ تي دريءَ واري پاسي ڏانهن ويهڻ تي هجي. ڪرڪيٽ پريڪٽس دوران ٻئي ڪنهن کان ته بال وٺي نه سگهندو هو پر مون کان زوريءَ کسي بالنگ ڪرائڻ شروع ڪري ڏيندو هو. آءُ به هميشه هن جي ضد اڳيان گوڏا کوڙي ڇڏيندو هئس، ڇاڪاڻ ته مونکي خبر هئي ته پهلي آءُ ڇا به ڪيان پر هو ضد تا نه لهندو. اهي ننڍڙا ننڍڙا ضد اسان سان گڏ وڏا ٿي وڏن وڏن بحثن ۾ تبديل ٿي ويا. وڏا ۽ اڻ ڪٽ بحث ۽ عادل صاحب پنهنجي عادت مطابق منهنجي قوي ۾ قوي دليلن کي به پنهنجي ضعيف دليلن سان رد ڪري ڇڏيندو هو ۽ هميشه هار مونکي ئي مڃڻي پوندي هئي . هن جا بحث به عجيب هوندا هئا، مثال طور ڪڏهن چوندو هو ته دنيا ۾ پاڻي وڌيڪ اهميت رکي ٿو يا باهه . جيڪڏهن انسان حيوان ناطق آهي ته ڇا حيوان کي گونگو انسان چئي سگهجي ٿو وغيره وغيره. هن جو منطق هن جو فلسفو به عجيب هو. جيڪڏهن هڪ پاسي کان هٽ وجهيس ته ٻئي پاسي پهچي ويندو هو. دنيا جون سڀ دليلون ختم ٿي وڃن پر هو پنهنجي موقف تان نه هٽندو هو.

مون آفيس مان گاڏي ڪڍي ۽ ٻئي گڏجي احمد ڏانهن ويا سين ته متان وٽس هن جي مسئلي جو ڪو حل هجي. اسين احمد جي گهر پهتاسين ته هو اکيون مهٽيندو ٻاهر نڪتو . هي صاحب سڄي رات نيٽ تي چيٽنگ ڪرڻ کان پوءِ سڄو ڏينهن ستو پيو هوندو هو. اسان ٻنهي کي معمول جي ابتڙ ايترو سوير در تي ڏسي حيران ٿي ويو.

”ڇو وري ڇا ٿيو اڄ وري ڪا هڙتال ٿي آهي ڇا جو توهان ٻئي آفيس ڇڏي هتي اچي نڪتا آهيو.“ احمد اکيون مهٽيندي پڇيو.

”ڇو توکي خبر نه پئي آهي ڇا ؟ آمريڪا نارٿ ڪوريا تي ائٽم بم ڪيرايو آهي “ مون هن جي ننڊ ڦٽائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

”نه اهو نه ٿو ٿي سگهي “ هن اکيون مهٽيندي چيو.

”ڇو! ڇونه ٿو ٿي سگهي“ مون هن کان پڇيو.

”ان ڪري تہ آمريڪا اهو بزدل ملڪ آ جيڪو پنهنجي دشمن کي ڌمڪيون تہ ڏئي سگهي ٿو پر ان تي ائٽم بم تہ ڇا پٿر بہ نہ ٿو اڇلائي سگهي، اهو سيڪجهہ هو صرف پنهنجي پنو ملڪن سان ئي ڪري سگهي ٿو“.
”پر يار! ڪوريا تي ائٽم بم ڪيرائڻ سان اسان جي صحت تي ڪهڙو فرق ٿو پوي ؟“ هن وري حيرانگيءَ وچان چيو.
”ڇو ؟ آخر هو بہ اسان جا دوست آهن پري آهن تہ ڇا ٿيو نيٽ فرينڊ تہ ٿي سگهن ٿا نہ.“ ساڻس مذاق ڪندي چيم.
”يار احمد! حسين کي تہ رڳو مذاق جي لڳي آهي.“ عادل پنهنجي صبر تي ڪنٽرول نہ ڪري سگهيو.
”مسئلو هي آهي تہ هي خط آيو آهي جيڪو ڪورين زبان ۾ لکيل آهي، جنهن جو ترجمو ڪرائڻو آهي.“ هن خط احمد جي هٿ ۾ ڏيندي چيو.
احمد هن جي هٿ مان خط ورتو ۽ خط کي وڏي غور سان ڏسڻ لڳو ڪجهہ گهڙين لاءِ ان ۾ ائين گم ٿي ويو ڄڻ خط نہ پر صادقين جي تخليق ڪيل ڪا پينٽنگ ڏسي رهيو هجي.
”اسان توکي هي خط تحقيقي مشاهدي ڪرڻ لاءِ نہ ڏنو آهي ، هن خط جو ترجمو ڪرائڻو آهي.“ مون کيس ٻانهن کان لوڏيندي چيو.
هو ٿورڙو ڇرڪيو ۽ عجيب نظرن سان عادل ڏانهن ڏسڻ لڳو.
”يار عادل! هن خط کي ترجمي ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، هي ڪيڏو نہ خوبصورت آهي، هن کي فريم ڪرائي ڪمري ۾ هڻي ڇڏ. ائين لڳندو ڄڻ واٽر ڪلر جي ڪا شاندار جديد تخليق آهي.“ احمد کيس صلاح ڏيندي چيو.
”اڙي يار! مذاق ڇڏ تون بہ وري حسين جي پويان لڳي پئين. ادا! هي منهنجي نيٽ فرينڊ جو خط آهي، هن کي انگلش لکڻ ڪونہ ايندي آهي ان ڪري هي خط ڪورين ٻولي ۾ لکي موڪليو اٿس.“ هن احمد کي سمجهائيندي چيو.
”فرينڊ ! يعني محبوب، هي محبوب جو خط آهي!“ احمد خط کي بہ ٽي چميون ڏئي اکين سان لائيندي چيو.
”محبوب جو خط، يار عادل تون وڏو خوش نصيب آهين، ڇڏ ترجمي کي چريا هي وڏي احترام لائق آهي، هن کي چمي ڏئي پيار سان سيني سان لائي رک، ائين ڪٽي رلائيندو نہ وت.“ احمد خط کي سيني سان لائيندي چيس.
عادل کي ويتر ڪاوڙ لڳي وئي، هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هو هن کي ڪيئن سمجهائي.
” تون تہ صفا ڪو بيوقوف آهين. مونکي اهو ڏسڻو آهي تہ هِن خط ۾ ڇا لکيل آهي؟ آخر هوءَ مونکي چوڻ ڇا ٿي چاهي؟ اها خبر مونکي هن خط کي سمجهڻ سان پوندي يا چمي ڏئي سيني سان لائي رکڻ

سان پوندي؟" ذري گهٽ دڙڪا ڏيندي چيائينس.

احمد جي چهري تي پشيمانيءَ جا آثار صاف نظر اچڻ لڳا. هن مون ڏانهن هڪ نظر نهاريو.

"لڳي ٿو معاملو گهڻو سنجيده آهي ڪجهہ ڪرڻوئي پوندو" هن اسان کي پنهنجي ڪمري ڏانهن وٺي ويندي چيو.

هن نوڪر کي چانهہ ناهي اچڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ ائين سوچڻ ۾ گم ٿي ويو ڄڻ تہ ڪيس برمودا ٽرينگل جي ڳجهہ کي سلجهائڻ لاءِ چيو ويو هجي. ويٺي ويٺي هن جي ذهن ۾ ڪا ڳالهہ سجهي , هن عادل کان پڇيو.

"هڪ ڳالهہ تہ ٻڌاءِ! جيڪڏهن تنهنجي فرينڊ کي انگلش لکڻ نہ پئي آئي تہ پوءِ هوءَ توسان نيٽ تي چيٽنگ ڪئين پئي ڪندي رهي؟" هن حيرانگي سان پڇيس.

"ڳالهہ هي آهي تہ آءُ Google Translate استعمال ڪندو هئس, هو جيڪو ميسج موڪليندي هئي اهو Google Translate ۾ وجهي اردو يا انگلش ۾ ٽرانسليٽ ڪندو هئس ۽ اهڙي طرح هن ڏي ڪورين ۾ ٽرانسليٽ ڪري موڪليندو هئس ائين پاڻ ۾ چيٽنگ ڪندا هئاسين." هن احمد جي حيرانگي کي گهٽائڻ بدران اجان بہ وڌائي ڇڏيو.

"تون تہ وڏو خفتي آهين ! چا تہ ٽيڪنڪ استعمال آندي اٿئي." احمد پنهنجي حيرانگي ظاهر ڪندي چيو.

"ادا! انسان وڏو طاقتور آهي, جيڪو چاهي ڪري سگهي ٿو بس ڪرڻ جو جذ بو هجي." مون ٻنهي کي مخاطب ٿيندي چيو.

"ادا! جذبو تہ مون ۾ تمام گهڻو آهي پر پوءِ بہ هي خط مون کان پڙهيو ڪونہ ٿو وڃي. جيڪڏهن هي Soft Copy ۾ هجي ها تہ آءُ هن کي ڪمپيوٽر ۾ ٽرانسليٽ ڪري وٺان ها پر چا ڪيان جو هي ڪاغذي خط آءُ ٽرانسليٽ نہ ٿو ڪري سگهان." هن پنهنجي بيوسي ظاهر ڪندي ٻڌايس.

"احمد! تون ڪو هن مسئلي جو حل ڪڍ, همراهہ هٿن مان پيو نڪتو وڃين." مون احمد آڏو عرض رکيو.

عادل خط لاءِ تمام گهڻو پريشان هو ڪيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هو هن خط جو مطلب ڪيئن سمجهي ,هن کي اها پريشاني هئي تہ آخر هن جي فرينڊ " Yan Sou" هن کي ڪهڙو نياپو موڪليو آهي, شايد ڪوريا اچڻ لاءِ چيو اٿس يا پاڻ پاڪستان اچڻ چاهي پئي, وغيره وغيره انهن سڀني سوالن جا جواب ان خط ۾ لڪيل هئا.

احمد ڪجهہ سوچيندي سوچيندي چيو" هن مسئلي جو هڪ حل آهي".

"ڪهڙو حل آهي؟ جلدي ٻڌاءِ!" عادل ذري گهٽ ٽپ ڏيندي چيو.

"ڪورين ايمبيسي !" هن ٻڌايس.

"پر ڪورين ايمبيسي تہ اسلام آباد ۾ آهي." مون هن کيس ٻڌايو.

”ڪا ڳالهہ نہ آهي، منهنجو هڪ دوست اسلام آباد ۾ آهي، هن کي خط فيڪس ڪيون ٿا، هو وڃي ايمبيسي مان ٽرانسليٽ ڪرائي واپس اسان کي فيڪس ڪري ڇڏيندو.“ هن عادل ڏانهن نهاريندي فاتحانہ انداز ۾ چيو.

”ها زبردست!هاڻي ئي هلي فيڪس ڪيون ٿا .“ عادل کيس ٻانهن کا وٺي اٿاريندي چيو.

”ها پر هڪ مسئلو آهي.“ احمد چيس.

”ڪهڙو مسئلو آهي؟“ عادل کانئس حيرانگيءَ مان پڇيو.

”اهو ڪم سومر تي ٿي سگهندو ڇاڪاڻ تہ ڇنڇر آچر ايمبيسي بند هوندي آهي ۽ جيستائين اسين فيڪس ڪندا سين تہ ايمبيسي بند ٿي ويندي ۽ سياڻي ڇنڇر آهي، سو توکي سومر تائين انتظار ڪرڻو پوندو.“ احمد کيس سمجهايو.

عادل جي منهن تي هڪ منٽ لاءِ آيل سڪون جي بهار بيچينيءَ جي خزان ۾ تبديل ٿي وئي، هو حسرت ڀريل نظرن سان خط کي ڏسڻ لڳو.

”ٻيو ڪو رستو ناهي؟ هي ٻہ ڏينهن ڪيئن گذرندا؟“ هن ذري گهٽ روئيندي چيو.

”يار عادل! صبر بہ ڪا شيءِ هوندي آهي، ٻن ڏينهن جي تہ ڳالهہ آهي، ائين گذري ويندا جو خبر ئي ڪانہ پوندي.“ مون کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”توکي ڪهڙي خبر تو ڪڏهن ڪنهن سان عشق ڪيو هجي تہ توکي خبر پوي نہ. تہ معشوق جو خط هٿ ۾ هجي ۽ عاشق سندس نياپو نہ سمجهي سگهي تہ هو ڪهڙي پيڙا مان گذرندو هوندو. آءُ هن وقت پاڻ کي پيڙائن ۽ سوچن جي ان اونداهين ڪوٺ جو قيدي محسوس پيو ڪيان جنهن جي آزاديءَ جي راهہ هن خط جي مفهوم ۾ لڪل آهي.“ عادل جي اندر جي آهہ هڪ درد ڀري دانهن بڻجي اسان جي سماعتن سان ٽڪرائڻ لڳي.

عادل توڙي جي ڪٽي طبيعتاً ضدي هو پر ڪنهن شيءِ جي لاءِ ايترو پريشان مون هن کي اڳ نہ ڏٺو هو. هو هڪ شريف ۽ مذهبي گهراڻي سان تعلق رکندو هو سندس والد حافظ قرآن هو ۽ سٺي عهدي تي مقرر هجڻ باوجود بہ پاڙي واري مسجد ۾ هر سال تراويح ضرور پڙهائيندو هو.

عادل جي والد ڪوشش ڪئي هئي تہ عادل بہ قرآن شريف حفظ ڪري پر عادل اسڪول جي پڙهائيءَ سبب حفظ نہ ڪري سگهيو هو باقي هن جي گهر جي سڀني ڀاتين جو قرآن شريف حفظ ٿيل هو. ها پر عادل ڪجهہ سورتون حفظ ڪري ورتيون هيون ۽ وري قرآن شريف جو ختمو بہ ڪيڏي وڻندو هو ڪڏهن ڪنهن ميت کي بخشرائڻ لاءِ يا رمضان شريف ۾ ججهو ثواب ڪمائڻ لاءِ.

پلي ڪٽي دين باقاعدي هن تي اثر انداز نہ هو پر تهذيب ۽ اخلاق هن جو ديني هو نماز ۽ عباداتن ۾ ڪٽي هو پنهنجي مرضي جو مالڪ هو پر حياءُ هن جو ديني هو پاڙي ۾ توڙي يونيورسٽي ۾ هن ڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ سان افيئر نہ هلايو هو بس خبر ناهي تہ ڪيئن هيءَ ڪورين فرينڊ ٽڪرائجي وئي هيس ۽ هو سندس عشق ۾ هن حال تي اچي پهتو هو.

جڏهن کان هن سان اهو سلسلو شروع ٿيو هئس هر روز مونکي اچي هن جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو.

”اج هن مونکي چيو تہ تون ڏاڍو خوبصورت آهين“.

”اج هن مونکي پنهنجو نئون فوٽو موڪليو“.

”هن مونکي پنهنجا ۽ پنهنجي گهروارن جا فوٽو موڪليا آهن.“ وغيره وغيره .

هن جون اهي ڳالهيون ٻڌي منهنجا ڪن پچي پيا هئا. هن ٿورڙن ڏينهن ۾ ڪورين تاريخ، جاگرافيءَ اتان جي مذهب توڙي معاشري بابت چڱي معلومات ڪٺي ڪري ورتي هئي. هن اهو بہ ٻڌايو هو تہ هن جي فرينڊ اسلام کان گهڻو متاثر آهي ۽ مسلمان ٿيڻ ۾ دلچسپي رکي ٿي، پر سندس هُن ۾ دلچسپي ڏسي اهو ڀپ لڳندو هئم تہ ڪٿي هي پاڻ نہ هُن جو مذهب اختيار ڪري ڇڏي.

عادل جي ديني معلومات بہ سندس دلچسپي جي حد تائين هئي، ۽ هن جي دلچسپي فقط بحث ۽ مباحثن ۾ ٻين کي پاڻ کان گهٽ ثابت ڪرڻ ۾ هئي، ان ڪري هن هر اهو گُر سکي ورتو هو جيڪو هن کي بحث مباحثا کٽڻ ۾ ڪم ايندو هو. هو جيڪڏهن ڪنهن مُلان سان بحث ڪرڻ ويهندو هو تہ ڪميونسٽ ٿي ڪري هن سان اهڙو بحث ڪندو هئو جو ويچاري مُلان کي ذري گهٽ خدا ۽ خدائيءَ تان هٿ ڪڻڻو پئجي ويندو هو. جيڪڏهن ڪنهن ڪميونسٽ سان بحث ۾ ويهندو هو تہ صوفي ٿي ڪري هن جي اڳيان روحانيت جا اهي باب کولي ڇڏيندو هو جو هن غريب کي ڪک پن ۾ بہ خدا ڏيکاري ڇڏيندو هو ۽ صوفيءَ سان تہ وري اهڙي جُٽ ڪندو هو جو هن غريب کي اهو سمجهہ ۾ نہ ايندو هو تہ پنهنجي مرشد کي موسيٰ چوي يا فرعون.

هر فڪر هر نظريي کي سمجهڻ ۾ وڏي دلچسپي رکندو هو. مارڪس جي ڊائيليڪٽيڪل ٿيوري هجي يا ابن عربي جو وحدت الوجود جو نظريو هن توري تڪي پڙهيا هئا، نيوٽن جو لا آف گريوٽي هجي يا ڪنفيوشس جو فلسفو هن سڀ طرح پڙهي ورتا هئا .

هو هڪ اهڙو مسلمان هو جنهن جي پهرين ۽ آخري ترجيح انسانيت هئي ۽ هن مطابق دنيا جو ڪو بہ اهڙو دين ناهي جنهن انسانيت جي ڳالهہ نہ ڪئي هجي. سو انسانيت جي پرک ۽ ان جي خدمت ۾ ئي الله جو راضپو آهي، باقي سڀ شيون پوءِ جون يا وري چٽجي فضول آهن. ماڻهن کي پنهنجي علم مان متاثر ڪرڻ لاءِ هن صوفي ازم کان وٺي ڪميونزم ، بريلويت کان وٺي شيعت تائين، هر مڪتب فڪر کي پڙهي ورتو هو ۽ وري عجيب ڳالهہ اها هئي تہ سڀ ڪجهہ پڙهڻ کان پوءِ بہ هن جي حالت ڪنهن وڏي چوراهي تي بيٺل هڪ اهڙي واٽڙي شخص جيان هئي جيڪو مختلف منزلن ڏانهن ويندڙ رستن تي لڳل وڏا وڏا سائن بورڊ ڏسندي بہ منجهيل هجي تہ هاڻي ڪيڏانهن وڃجي.

اهو سڀ ان ڪري هو جو هن هميشہ مونجهارا پيدا ڪرڻ وارا ڪتاب پڙهيا هئا جيڪي هن کي هڪ مونجهاري مان ڪڍي ٻئي ۾ داخل ڪري ڇڏيندا هئا ۽ وري اُن مٿان هن جا فضول ۽ بي

مقصد بحث ڪيس هميشہ لاءِ مونجهارن جي دلدل ۾ ڦاسائڻ لاءِ ڪافي هئا. هر دفعي فضول ۾ اٽڪٽ بحث جي ڏُوڙ ۾گهوڙا ڊوڙائڻ سبب لڳل ڏُوڙ اِڇي منهنجي اڳيان ڇنڊبيندو هو ۽ وري هر ڪتاب مان چونڊي چونڊي گند بہ اڇي منهنجي اڳيان هاريندو هو.

آءُ ڪيس هر دفعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس تہ هر ڪتاب صحيح رستي ۽ هر بحث ڪنهن حل تائين ناهي پهچائيندو. منهنجو ائين چوڻ ۽ هن جو مڇرجي وڃڻ ۽ وري پوءِ هڪ اڻ کٽ بحث جي شروعات.

”تنهنجي چوڻ جو ڇا مطلب آهي؟ تہ اسين ڪتاب پڙهڻ ڇڏي ڏيون. اسان کي هر ڪتاب هر فڪر کي پڙهڻ گهرجي تہ جيئن اسين صحيح رستي جي پرک ڪري سگهون“. هن پنهنجو موقف پيش ڪندي چيو.

”بلڪل پڙهڻ گهرجي پر ڇا تو ڪڏهن قرآن شريف ائين پڙهيو آ, جيئن اُن کي پڙهڻ گهرجي , ڇا تو قرآن کان اهو پڇيو آ تہ ڇا پڙهڻ گهرجي؟“

”ڇا تون اهو ٿو چوڻ چاهين تہ مون قرآن شريف نہ پڙهيو آهي. سائين! اوهان کي اها خبر هئڻ گهرجي تہ اسان جي گهر ۾ سڄو ڏينهن قرآن شريف پڙهيو ويندو آهي ۽ رڳو پڙهيو نہ پر پڙهائيو بہ ويندو آهي ۽ مون سڄو قرآن شريف پڙهيو بہ آهي ۽ چڱو ڀلو ياد بہ ڪيو آهي.“ هن فخر سان ٻڌايو.

”قرآن شريف رڳو پڙهيو ۽ حفظ ڪيو اٿئي يا سمجهيو بہ اٿئي.؟“ مون ڪانئس پڇيو.

”الحمدالله ! پڙهيو بہ آهي ۽ سمجهيو بہ آهي, تو وانگر نہ تہ بس رڳو نماز ۾ پڙهڻ واريون بہ ٽي سورتون ياد ڪيون ۽ بس.“ هن مون تي تنقيد ڪندي چيو.

”چڱو ڀلا! آيت الڪرسي جي معنيٰ تہ ٻڌاءِ ,جيڪا توکي ياد بہ آهي ۽ هروقت جن ڀوت جي ڊپ کان پڙهندو بہ آهين.“مون ڪانئس سمجهہ جو امتحان وٺندي پڇيو.

هو ٿورو حيران ٿيو هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين پنهنجي دماغ جي خالي خانن مان آيت الڪرسي جي معنيٰ ڳولڻ جي ڪوشش ڪيائين . هن کي تلاوت تہ ملي پر معنيٰ ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ڪانہ مليس.

”آيت الڪرسي جي معنيٰ جي ڪهڙي ضرورت آهي, هن جي تلاوت ۾ ئي ايڏو وڏو ثواب آهي جو هر مشڪل هر مصيبت اُن جي پڙهڻ سان دوُر ٿي ويندي آهي.“ هن پنهنجي ڪمزوري کي ثواب ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

”تہ اِن مان ثابت ٿيو تہ تو قرآن شريف صرف پڙهيو آهي, سمجهيو ناهي.“ مون هن کي ثواب جي چادر مان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي.

”پڙهيو آهي, سمجهيو ناهي!الائي ڇا پيو ڳالهائين, پڙهڻ ئي تہ سمجهڻ آهي نہ ۽ الله پاڪ قرآن شريف کي پڙهڻ ۾ ثواب رکيو آهي, اهو ثواب اُن جي تلاوت ۾ آهي, ترجمو پڙهڻ ۾ نہ آهي.“ هن تشريح ڏني.

”چڱو پلا! اهو تہ ٻڌاءِ، قرآن شريف هدايت جو ڪتاب آهي يا ثواب جو؟“ مون ڪائنس پڇيو.
”هدايت جو ڪتاب آهي، پر اُن کي پڙهڻ ۾ ثواب رکيل آهي.“ هن جلدي سان جواب ڏنو.
”ان جو مطلب، تہ تو ثواب تمام گهڻو ڪمايو آهي، پر هدايت حاصل ڪرڻ کان محروم رهيو آهين، ڇاڪاڻ تہ هدايت سمجهڻ کان سواءِ ملي نٿي سگهي ۽ سمجهڻ لاءِ رڳو تلاوت ۽ حفظ ڪرڻ ڪافي نہ آهي. “ مون کيس چيو.
”تون بہ بنهہ ڪو جاهل آهين. تلاوت ۽ حفظ کي ڪجهہ بہ نہ ٿو سمجهين. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ الله تعاليٰ تلاوت ۾ ثواب ڇو رکي ها، ۽ هر نماز ۽ عبادت ۾ تلاوت نہ پر ترجمو پڙهيو وڃي ها.“ هن پنهنجو موقف بيان ڪيو.
”تلاوت جي ثواب ۾ وڏو فلسفو آهي، جيڪو تون سمجهي نہ سگهندين. بس ايترو سمجهي ڇڏ تہ جيڪڏهن آمريڪن گرين ڪارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ انگريزي سکي سگهجي ٿي تہ اِلاهي ڪارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ عربي نہ ٿي سکي سگهجي! اسان جي ملڪ ۾صرف 15 کان 20 سيڪڙو ماڻهن جو واسطو دفترن ۾ انگريزي لک پڙهہ سان رهي ٿو پر پوءِ بہ سڄي ملڪ جي دفتري زبان انگريزي آهي، جڏهن تہ ٻئي پاسي ملڪ جي سيني مسلمانن جو واسطو اِلاهي دفترن يعني مسجد، قبرستان، ڪعبۃ الله ۽ ٻين مقدس زيارتن سان ڪڏهن نہ ڪڏهن ۽ ڪٿي نہ ڪٿي ضرور پوي ٿو جتي عربي پڙهي ۽ ٻڌي وڃي ٿي تہ ڇا اسان جي ديني زبان عربي نہ ٿي ٿي سگهي! عربي تلاوت مرڪزيت قائم ڪرڻ جو ذريعو آهي. جنهن اصول تي انگريز ڪم ڪري اسان کي پنهنجي ٻولي پنيان لڳائي ويو ۽ انگريزي زبان کي هر هنڌ پهچائي ويو پر افسوس جو اسين اهو ڪم ڪري نہ سگهياسين. ها! پر ان جو مطلب اهو بہ نہ آهي، تہ اسين صرف عربي تلاوت ئي سڄي عمر ڪندا رهون، بلڪ نمازوعبادات کان علاوه فرصت ۾ اسين قرآن شريف کان سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ پڇؤن تہ الله سائين اسان کي آخر ڪهڙي هدايت ڏيڻ ٿو چاهي.“ مون سندس اڳيان ثواب ۽ هدايت کي کولي رکڻ جي ڪوشش ڪئي.
”قرآن شريف کي سنڌي ٻوليءَ ۾ سمجهڻ مشڪل آهي جيترا ترجما اوترا مونجهارا . ڪنهن کي پڙهي ڪنهن کي پڙهجي، هر ڪنهن جو پنهنجو نقطہ نظر آهي.“ هن ترجمن جي اختلافن ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪئي.
”اهي سڀ قرآن شريف کا پري رهڻ جا اجايا بهانا آهن. پلا! ڇو تون لينن ، مارڪس، ابنِ عربي، شاهہ ولي الله ۽ ٻين کي پڙهي بہ مونجهاري جو شڪار نہ ٿو ٿين، جن ڪڏهن بہ ڪو ڪتاب سنڌي ۾ نہ لکيو آهي تہ پوءِ تون قرآن شريف جو ترجمو پڙهي مونجهاري ۾ ڪيئن ٿو پوين.“ مون ڪائنس پڇيو.
”توبهہ توبهہ تون قرآن شريف کي مارڪس ۽ لينن سان ٿو ملائين، ڪٿي قرآن شريف جو رتبو ۽ ڪٿي هنن دنياوي شخصيتن جون لڪٽيون. قرآن شريف اِلاهي ڪتاب آهي ،اُن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ هر ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ نہ آهي، تون اها ڳالهہ نہ سمجهي سگهندين اهي الله تعاليٰ جا

ڳجهہ آهن. تنهنجي ۽ منهنجي سوچن کان گهڻو مٿي، تون استغفار ڪر تہ الله سائين توکي بخشي، توبهہ توبهہ !“ ٻنهي هٿن سان ڪن پڪڙي توبهہ ڪندي چيائين.

۽ اهڙيءَ ريت هو هر بحث جي اُن ڪڙڪيءَ کي استغفار جو تالو هڻي، هميشہ لاءِ بند ڪري ڇڏيندو هو جنهن مان ڪنهن نتيجي ڏانهن نڪرڻ جي واٽ نظر ايندي هئي. اونداهيءَ ۾ سڄي رات جنهن شيءِ کي ٽاڪوڙا هڻي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو هو ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ان کي سامهون ڏسي منهن ڦيرائي ڇڏيندو هو.

هُن جي اهڙين ڳالهين ڪري، آءٌ هن سان بحث کان پاسو ڪندو هئس. جنهن بحث مان ڪو نتيجو نہ نڪري، ان کي ڇڏي ڏجي تہ بهتر آهي.

احمد جنهن گهڙيءَ ڪيس ہہ ڏينهن انتظارڪرڻ لاءِچيو هو ان گهڙيءَ سندس منهن ائين ڦڪو ٿي ويو هو ڄڻ تہ هو ڪٽهڙي ۾ بيٺل اهو مجرم هجي، جنهن کي عدالت قاسيءَ جي سزا ٻڌائي هجي. احمد ۽ مون کيس آٿت ڏئي گهر ڇڏي آيا هئاسين.

خبر ناهي تہ اهي ٻہ ڏينهن هن ڪيئن گذاريا. پر سومر ڏينهن جڏهن مون وٽ آيو تہ هن جي حالت مريضن جيان هئي. هن جي چهري جي رونق ۽ جسم مان چستي ختم ٿي چڪي هئي. مون گاڏي ڪيڍي ۽ پاڻ سڌو احمد ڏانهن وياسين، جتي هو ڄڻ اڳ ئي اسان جي انتظار ۾ وينو هو.

”آءٌ پاڻ اوهان جي انتظار ۾ وينو هئس، مون عادل جو مسئلو هتي ئي حل ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي اسان کي ايمبيسي مان ٽرانسليشن ڪرائڻ جي ضرورت نہ پوندي“ احمد اسان سان ملندي ئي ٻڌايو.

”چو ڀلا ! تو ٻن ڏينهن ۾ ڪورين ٻولي سکي ورتي آهي ڇا ؟“ مون ساڻس مذاق ڪندي پڇيو.

”نہ يار منهنجو هڪ دوست آهي جيڪو ڏهہ سال ڪوريا ۾ نوڪري ڪري آيو آهي، مون جڏهن هُن کي اهو مسئلو ٻڌايو تہ هو چوڻ لڳو تہ هو اسان کي اهوخط پڙهي ٻڌائيندو.“ اهو ٻڌي عادل جي منهن تي رونق وري آئي.

”ڪٿي آهي؟ هلو تہ پاڻ هُن ڏانهن هلون ٿا.“ عادل ٽپو ڏئي اٿندي چيو.

”هُن ڏانهن هلڻ جي ڪا ضرورت ناهي، هو رات ئي ڪوريا مان پهتو آهي ۽ مون کيس تنهنجي ڪري ئي هيڏانهن گهرايو آهي. اجهو پيو اچي.“ هن کيس ويهاريندي چيو.

احمد جو دوست ٿوري ئي دير ۾ اچي پهتو. جيئن ئي احمد سندس تعارف ڪرايو عادل جهٽ سان هن جي هٿ ۾ پنهنجي گرل فرينڊ جو خط ڏيندي عرض ڪيو.

”ادا! توهان جي وڏي مهرباني ٿيندي هي خط پڙهي ٻڌايو هن خط ٻن ڏينهن کان منهنجون ننڊون ڦٽائي ڇڏيون آهن“.

احمد جي دوست خط هن جي هٿ مان ورتو ۽ پوءِ هن عجيب قسم جي زبان ۾ خط پڙهڻ شروع ڪري ڏنو. شايد اها زبان ڪورين ئِي هوندي. هو مسلسل گهڻي دير تائين ان عجيب قسم جي ٻوليءَ ۾ خط پڙهندو رهيو وچ ۾ ساهي پٽڻ لاءِ بيٺو ۽ پاڻي پيئڻ لڳو.

”واھ سائين واھ! اوھان جي ڪورين تہ تمام سٺي آھي، ايتري تہ Fluent آھي جو ائين پيو لڳي تہ ڄڻ ڪو اتان جو رهاڪو پيو پڙهي. منھنجي فرينڊ ”Yan Sou “ بہ بلڪل ايئن ڳالهائيندي آھي .“عادل ھن جي تعريف ڪندي چيو.

”اوھان جيFluency and Pronunciation تہ سٺي ئي ھوندي پر اوھان جي مھرباني ٿيندي، جيڪڏھن گڏ گڏ معنيٰ بہ ڪندا وڃو تہ جيئن خط جو مفھوم بہ سمجھہ ۾ ايندو وڃي.“ مون وچ۾ ڪيس عرض ڪندي چيو.

احمد جو دوست ڪجھہ پريشان ٿيو. ھن جي نرڙ تي پگھر لھي آيا، ھن پنھنجي نرڙ تان پگھر اگھيا، پاڻي جو ھڪ پيو گلاس پيتو.

”Actually“ ڳالھہ ھي آھي تہ ھن خط ۾ نيٽ ڪورين لکيل آھي، جيڪا آءٌ صرف پڙهي تہ سگھان ٿو پر ان جو ترجمو نہ ٿو ڪري سگھان. ان ڪري ئي آءٌ اوھان کي صرف پڙهي پيو ٻڌايان.“ ھن بيوسيءَ وچان چيو.

”عجيب بيوقوف آھين ! تنھنجي ھن رڳو پڙهڻ سان اسان کي ڪھڙو فائدو. اسين تہ ھن جو مفھوم سمجھڻ ٿا چاھيون . ائين تہ پلي ڪٽي تون سڄو ڏينھن وينو پڙھہ. ڇا اسين ھن جو مطلب سمجھي سگھندا سين .؟“ عادل کيس ڪاوڙمان چيو.

عادل جو منھن ڳاڙھو ٿي ويو. ھن جو وس پڄي ھا تہ کيس گولي ھڻي ماري ڇڏي ھا . ھن غضبناڪ نظرن سان احمد ڏانھن ڏٺو جنھن لڄي ٿيندي نظرون ڪٽي جھڪائي ڇڏيون.

”سائين! در اصل اڄڪلھہ اھا نيٽ ڪورين اُتي گھٽ لکي پڙهي وڃي ٿي. جنھن ڪري ھن جو ترجمو ڪرڻ مشڪل پيو لڳي، پر اوھين پريشان نہ ٿيو منھنجو ھڪ ڪورين دوست آھي، جيڪو ھتي ھڪ ڪمپني ۾ IT ڊپارٽمنٽ جو انچارج آھي، ھو ھڪ منٽ ۾ ھن جو ترجمو ڪري ڏيندو.“ احمد جي دوست پنھنجي شڪست مڃيندي چيو.

”ڪٿي آھي! ڪھڙي ڪمپني ۾ آھي؟ ھلو تہ ھُن ڏانھن ھلون پيا ھاڻي ئي.“ عادل تڪڙ ۾ اٿندي چيو.

”اوھان سڀني جي ھلڻ جي ڪا ضرورت ناھي، آءٌ ھن کان ھڪ ڪلاڪ اندر ئي ترجمو ڪرائي موٽي ٿو اچان. اوھان دلجاءِ ڪيو.“ ھن عادل کي يقين ڏيارڻ جي پوري ڪوشش ڪئي.

”چڱو وڃ ۽ جلدي موٽي اچ.“ احمد کيس ڪمري مان ڪڍندي چيس.

ھو در تائين ويندي ويندي وري واپس موٽيو.

”آءٌ اوھان کي اھو ٻڌائي ڇڏيان تہ ھو ترجمو انگلش ۾ ڪري ڏيندو.“ ھو پڇڻ پيو چاھي الائي ٻڌائڻ پيو چاھي.

”ٺيڪ آ ٺيڪ آ! اسين انگلش سمجھي وٺنداسين. تون پريشان نہ ٿي.“ عادل تڪڙ ۾ جواب ڏنس.

ھو ھڪ دفعو وري در تان واپس وريو.

”هڪ ٻئي ڳالهه پڇڻ وسري وئي تہ ڪهڙي انگلش ۾ ٽرانسليشن ڪرائي اچان آمريڪن ۾ يا برٽش انگلش ۾؟“

”اڙي يار ڪهڙي بہ انگلش ۾ ڪرائي اچ پاڻهي سمجهي ويندا سين تون رڳو اسان تي مهرباني ڪر ترجمو ڪرائي اچ“ عادل هن کي هٿ ٻڌي چيو.

احمد جو دوست خط تہ کڻي ويو پر خط سان گڏ ڄڻ عادل جو ساهہ بہ کڻي ويو. عادل ائين وينو رهيو ڄڻ هن جو رڳو جسم هتي هجي باقي روح ڄڻ خط سان گڏ اڏامي ويو هجي، هن لاءِ هڪ پل هڪ ورهيہ برابر هو. خط جي معنيٰ سمجهڻ جي اڻ تڻ وقت سان گڏ وڌندي پئي ويس، هو مختلف خيالات ۽ سوچن جي ڳُن ۾ قاتل تي نظر آيو هڪ اهڙي ڳُن ۾ قاتل، جنهن مان نڪرڻ جي هر ڪوشش هن کي ويتر ڦاسائڻ جو ڪم ڪري رهي هئي.

ان کان اڳ جو هن جي صبر جو پيمانو لبريز ٿئي ها ۽ سندس انتظار اسان لاءِ وڏيڪ زحمت جو باعث بڻجي ها احمد جو دوست اچي پهتو. عادل ڊوڙي وڃي در کوليو. احمد جو دوست هٿ ۾ هڪ بند لفافو کڻي آيو هو جيڪو هن عادل جي هٿ ۾ ڏنو ۽ هن کي سمجهائيندي چيائين.

”ياءَ عادل! هي ڏاڍو اهم ۽ ذاتي خط آهي آءٌ اهو چوندس تہ اوهان هن کي هتي نہ پر پنهنجي گهر وڃي اڪيلائيءَ ۾ پڙهو باقي جيئن اوهان جي مرضي“.

عادل ڪانئس لفافو وٺي هڪ نظر اسان ٻنهي ڏانهن نهاريو ۽ بغير لفظن جي گهريل اجازت نامي کي اسان بہ اشارن ۾ قبول ڪري ورتو ۽ هو ائين اتان اڏامي ويو. ڄڻ ڪڏهن هتي هيو ئي ڪونہ.

جيئن ئي عادل ڪمري مان نڪتو احمد مونڏانهن هڪ عجيب قسم سان مسڪرائيندي ڏٺو.

”يار حسين! سلام آ توکي چا تہ پلان ٺاهيئي هي عادل تہ صفا بيوقوف بڻجي ويو. هڪ پل لاءِ بہ سمجهہ ۾ نہ آيس تہ هي سڀ فقط هڪ ڊرامو هو. “ احمد مونکي داد ڏيندي چيو.

”نہ احمد مون هن کي بيوقوف نہ بڻايو آهي پر هن کي هڪ بيوقوفاڻي سوچ مان ڪڍڻ جي ننيڙي ڪوشش ڪئي آهي، شايد هُن تي ان جو ڪو اثر پوي“ مون سندس تصحيح ڪئي.

”اڳُ ڪڏهن هُن تنهنجي ڪنهن ڳالهہ جو اثر ورتو آهي، جو هاڻي وٺندو.“ هن پنهنجو گمان پيش ڪيو. هن کي منجهس ڪا بہ مثبت اميد نہ هئي.

”تون صحيح آهين! پر هن ڀيري گهٽ ۾ گهٽ کيس پنهنجو ضمير ملامت ضرور ڪندس، تہ هڪ دنياوي دوست جي پيغام کي سمجهڻ لاءِ جيترو هو پريشان پئي رهيو تہ ڇا ڪڏهن اُن بلند وبالا هستي الله پاڪ جي پيغام کي سمجهڻ لاءِ ايترو پريشان رهيو هو. انن ڏهن پنن جي هڪ معمولي خط جو مواد سمجهڻ لاءِ جيتري جدوجهد ۾ رهيو پئي، ڇا ڪڏهن انسانيت کي عطا ڪيل هدايت جي سر چشمي قرآن شريف کي سمجهڻ لاءِ ايتري جاکوڙ ڪئي هئائين. مونکي اميد آهي تہ اسان جي هن نيڪ ڪاوش جو مٿس سٺو اثر پوندو“ مون کيس اميد ڏياريندي چيو.

”الله ڪري ائين ئي ٿئي، پر مونکي ڊپ ٿو لڳي تہ ڪٿي هُن ڪورين گرل فرينڊ جي خيالي بت ٽٽڻ

تي هو ويتر تنهنجي مٿان ڏمرجي نہ پئي.“ هن پنهنجي ڊپ جو اظهار ڪندي چيو.
”ڏسجي ! مون تہ فقط هن جي ذهن ۾ هن دور جي آزر جا ٺاهيل جديد بت ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“ مون کيس سمجهايو.
”اهو تہ ٺيڪ آهي پر يار! اهو تہ تو ٻڌايوئي ڪونہ تہ ان بند لفافي ۾ ڇا هو ڪهڙي خط جي ٽرانسليشن هئي جيڪو عادل کٽي ويو آهي.“ هن سوال پڇيو.
”اُن لفافي ۾ ڪنهن بہ خط جي ٽرانسليشن ڪانہ آهي، ها پر مون اُن ۾ سڄي ڪهاڻيءَ جي حقيقت لکي آهي تہ هن سڄي ڊرامي ٺاهڻ جي پويان اسان جو ڪهڙو مقصد هو.“ مون احمد کي ٻڌايو.

هي سڄو ڊرامو مون تخليق ڪيو هو مون هڪ ڪورين گرل فرينڊ جو خيالي ڪردار ٺاهيو ۽ احمد کي اُن پلان ۾ شامل ڪيو. اهو ان ڪري تہ احمد کان سواءِ ڪورين گرل فرينڊ جو ڪردار ٺاهڻ مشڪل هو. هو ڪورين گرل فرينڊ جي طور تي رات جو دير تائين هن سان چيٽنگ ڪندو هو ۽ ٻئي ڏينهن تي جڏهن آءٌ کيس عادل جا تاثرات ٻڌائيندو هئس تہ هن کي ويتر مزو ايندو هو.

هن سڄي ڊرامي ٺاهڻ ۾ منهنجو مقصد صرف اهو هو تہ آءُ عادل کي سمجهائي سگهان تہ قرآن شريف هدايت جو ڪتاب آهي صرف تعويذ سڳي جو ڪتاب ناهي، قرآن شريف زنده ماڻهن جِي سڌي رستي ڏانهن رهنمائي ڪرڻ لاءِ نازل ڪيو ويو آهي، مُردن کي پڙهي ٻڌائڻ لاءِ نہ. هي قرآن شريف پوتين ۾ ويڙهي ڪمري جي ڪنهن سنسان ڪنڊ ۾ رکڻ لاءِ نہ آهي ۽ نہ وري بغير سمجهي طوطي وانگر رٽڻ لاءِ آيو آهي، پر جيڪڏهن قرآن شريف نازل ٿيو آهي تہ صرف اسان کي اوندانهين مان ڪڍي روشنين تائين پهچائڻ لاءِ. هي اهو ڪتاب آهي جنهن ۾ سڄي انسانيت لاءِ رحمت ۽ آسانين جا اصول ٻڌايل آهن. قرآن شريف منشور آهي، دين اسلام جو جيڪو حضرت آدم کان شروع ٿي حضرت محمد ﷺ تائين پهتو ۽ الله تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر حضرت محمد ﷺ کان مڪمل ڪرائي، پنهنجو راضپو ڏيکاريو ۽ اسين چڱي طرح ڄاڻون ٿا تہ منشور صرف مختلف هنڌن تي سائن بورڊ وانگر هڻڻ ، ماڻهن کي ياد ڪرائڻ، ٽي وي ريڊيو تي ٿوري دير لاءِ نشر ڪرڻ يا وري آفيس ۽ گهرن ۾ خوبصورت اکرن سان لکي لڳائڻ لاءِ نہ هوندو آهي ، پر منشور لاڳو ڪرڻ لاءِ هوندو آهي پنهنجي ذات کان وٺي گهر، گهر کان آفيس، آفيس کان معاشري ۽ معاشري کان ملڪ ۾، ۽ ڪو بہ منشور تڏهن لاڳو ٿي سگهندو آهي جڏهن اُن کي سمجهيو ويندو آهي.

احمد ۽ مان اڃان ان سوچ ويچار ۾ هئاسين تہ عادل تي هن سڄي پلان جو ڇا اثر ٿيو هوندو؟ تہ اچانڪ در کڙڪيو احمد جيئن ئي در کوليو تہ سامهون عادل اهو ساڳيو لفافو هٿ ۾ کنيو بيٺو هو. هن جي اکين ۾ عجيب قسم جي چمڪ هئي، اها چمڪ هن جي چهري تي آيل شرمندگيءَ کي بہ لڪائي رهي، هئي. هو ايئن مطمئن نظر پئي آيو جيئن ڪو ڪنهن وڏي مقصد حاصل ڪرڻ کان پوءِ مطمئن هوندو آهي. جيترو بيچين ۽ پريشان هو ڪجهہ دير اڳ هو اوترو ئي پر سڪون ۽ مطمئن هو هاڻي نظر پئي آيو.

هو سڏو مون ڏانهن وڌي آيو ۽ مونکي ڀاڪر پائي، ائين سيني سان لاتائين، ڄڻ اسين ٻئي صدين کان پوءِ مليا هجون. سندس اکين مان لڙڪ وهي آيا هئا ، هن منهنجي هٿن کي جهلي چيو.

”حسين! تو اڄ منهنجون اکيون کولي ڇڏيون . آءٌ تنهنجو اهو ٿورو ڪڏهن بہ لاهي نہ سگهندس. اڄ مونکي پنهنجي سوچ ۽ نظريي تي شرم پيو اچي. آءٌ هڪ گرل فرينڊ جي لکيل خط جو مفهوم سمجهڻ لاءِ جيترو پريشان رهيس، ايترو آءٌ ڪڏهن الله تعاليٰ جي موڪليل عظيم پيغام قرآن شريف جو مفهوم سمجهڻ لاءِ بہ نہ رهيو هئس .

هو جذبات سان ڀرجي ويو هو. هن جي اکين مان لڙڪ جاري هئا هن جا احساسات انقلابي جملن ۾ تبديل ٿي نڪري رهيا هئا، سندس هر جملي مان قرآن جي صدا بلند ٿي رهي هئي، جنهن ۾ قرآن پنهنجي محجوريت ۽ اڪيلائپ جي دانهن ڏئي رهيو هو.

”حسين! اڄ کان وٺي آءٌ قرآن شريف جو سنڌي ترجمو ۽ تفسير پڙهندس ۽ پاڻ ٻئي عربي بہ سکنداسين.“ هن وچن ڪندي چيو.

# رانگ نمبر

اڄ خبر ناهي تہ سهيل کي ڇا ٿيو هو جيئن ئي روم ۾ آيو عليءَ کي ٻانهن کان ڇڪي ڪٽي اٿاريائينس.

”هل تہ تنهنجي دماغ مان ديندارِيءَ جو ڀوت ڪڍان“. عليءَ کي روم مان ٻاهر ڪڍندي چيائين.

مان سمجهي ويس تہ وري هنن جو ڪنهن ڳالهہ تي بحث ٿيو هوندو ۽ سهيل ڪيس مڃائڻ لاءِ ڪا شيءِ ڏيکارڻ گهرندو هوندو.

اسين سافٽ ويئر انجنيئرنگ جي آخري سال ۾ پڙهي رهيا هئاسين ، ٽئي روم ميٽ بہ هياسين تہ فائينل پروجيڪٽ ۾ بہ گڏ هئاسين. منهنجو سڄو ڌيان پراجيڪٽ ۾ هو پر هي ٻئي هئا جو هنن جا بحث ڪٽڻ ئي ڪونہ پيا.

علي هُن کي ديني اصول سمجهائي دين ۽ الله طرف آڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ وري سهيل هُن کي ديندار ۽ دين جي ٺيڪيدارن جا ڪرتوت ڏيکاري، دين کان ڀڄائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. وري جڏهن کان عامر خان جي فلم ”پي ڪي“ رليز ٿي هئي، تڏهن کان تہ جڻ سهيل جي عيد ٿي ويئي هئي ، هر ڪنهن کي رانگ نمبر، هر عمل کي رانگ نمبر چئي ٺٺوليون ڪندو هو.هندن ويچارن سان تہ آزار ڪري ڇڏيو هئائين پر علي کي بہ چڱو سوڙهو ڪيو هئائين.

اڄ خبر ناهي تہ ڇا هن جي ذهن ۾ آيو هو، ڪٽي عليءَ کي ڇڪي روم مان ٻاهر ڪڍي آيو.مان بہ هنن جي پويان نڪري پيس . رمضان جو مهينو هو جاڏي ڪاڏي ديني ماحول گرم لڳو پيو هو هن ڀلاري مهيني ۾ مسجدن ۾ رونق ۽ ماڻهن ۾ نماز جو شوق ڏسي ائين لڳندو آهي جڻ نماز صرف رمضان جي مهيني لاءِ فرض ڪئي وئي آهي.

ظهر جي نماز جو وقت ٿيڻ وارو هو، ٿوري دير ۾ آذانن جا آواز بلند ٿيڻ لڳا، هو اسان کي ڦيريان هڪ مسجد ڏانهن وٺي ويو جتي آذان الله اڪبر کان شروع ٿي وري ٻئي مسجد ڏانهن وٺي ويو جتي آذان درود شريف کان شروع ٿي.

”جڏهن دين جي مسجدن جي آذانن ۾ ئي فرق آهي تہ اهڙي آذان جو سڏ مان ورنايان“ هن علي کي چيو.

ٿورڙي دير ۾ هن اسان کي ٻن ٽن مسجدن جا چڪر هڻائي ورتا، جتي ظهر جي نماز پڙهي پئي وئي. ڪٿي نمازي هٿ دن کان مٿي ٻڌي پيا پڙهن تہ ڪٿي دن کان هيٺ ، ڪٿي تہ وري بلڪل هٿ ڇوڙي پيا پڙهن.

”مونکي ڪهڙي نماز پڙهڻي آهي ڪهڙي نہ، ڪنهن جو ثواب ملندو ڪنهن جو گناه، ڪا خبر ڪانهي؟ ان نماز کان تہ مان بي نمازي ڀلو آهيان“. سهيل عليءَ ۽ مونکي مختلف مسجدون گهمائڻ کان

پوءِ چيو.

عليءَ مونکي روزو هيو سهيل کنهن هوٽل تي ماني کاڌي ۽ پاڻ ٻنهي نماز پڙهي ورتي سين. سهيل اتان اسان کي سڌو ڪنهن مولويءَ ڏانهن وٺي ويو.

کانئس پڇائين " سائين! اوهان پياري پيغمبر حضرت محمد ﷺ جن کي نور ٿا سمجهو يا بشر" "سبحان الله سائين پاڻ نورئي نور آهن. ان ۾ ڪو شڪ آهي ڇا" مولوي صاحب پنهنجي موقف ۾ قرآن ۽ حديث مان دليل پيش ڪندي اسان کي سمجهايو.

سهيل اتان وري هڪ ٻئي مولويءَ ڏانهن وٺي ويو ۽ ساڳيو ئي سوال هن اڳيان رکيائين. هن مولويءَ وري قرآن ۽ حديثون ڪڍيون ڪري حضور ﷺ جن کي بشر ثابت ڪري ڏيکاريو.

"جڏهن اسان اهو فيصلو نه ٿا ڪري سگهون ته نبي ﷺ نور آ يا بشر ته باقي دين جي ٻين ڳالهين کي ڪيئن سمجهنداسين؟" سهيل اتان نڪرندي ئي علي جي مٿان ٻيو سوالي حملو ڪيو.

اسان کي واپس ڪيمپس پهچندي پهچندي مغرب جو ٽائيم ٿي ويو. سڀ افطاري جي تيارن ۾ لڳي ويا سين. سهيل روزو رکندو نه هو پر افطاريءَ ۾ گڏ هوندو هئو. يونيورسٽيءَ جي مسجد ۾ سڀ گڏ افطار ڪندا هئاسين. هر مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ سني،شيعه سڀ گڏ جمع ٿيندا هئا ۽ پنهنجي پنهنجي ٽائيم مطابق افطار ڪندا هئا. جيئن ئي سنين جي آذان آئي، سهيل وچي شيعه دوستن مٿان ويهي رهيو.

" کوليو نه. اوهان ڇو نه ٿا کوليو؟"

هنن ٻڌايس ته اسان ٿوري دير سان کوليندا سين . ته وري هو وڃي سني دوستن مٿان ويهي رهيو.

"اوهان ٿورو ترسو نه ٿا ته شيعه دوستن سان گڏ افطار ڪيو." هنن ٻڌايس ته اسين دير ڪنداسين ته روزو مڪروه ٿي ويندو.

پوءِ ته سڄي رات هو عليءَ جو مٿو کائي ويو. " سڀ رانگ نمبر! مذهبن ۽ فرقن هميشه ماڻهون منجهايا آهن. جنهن ڏي وڃ ته چوي ٿو رڳو مان سهي آهيان. باقي ٻيا سڀ غلط . مڃجي ته ڪنهن کي مڃجي. ڪو ميلاد ۾جهمريون هڻندي ٿو نظر اچي ته ڪو ان کي بدعت ٿو سمجهي، ڪو محرم ۾ ماتم ٿو ڪري ته ڪو شهيدن کي زنده سمجهي ماتم کي غلط ٿو سمجهي. ڪو پاڻ کي مقلد ٿو سڏائي ته ڪو عقل کي بنياد بڻائي، ڪنهن جي تقليد کي غلط ٿو سمجهي. ڪو وحدت الوجود جو قائل آ ته ڪو وري وحدت الشهود جو مڃيندڙ اهڙي دين. اهڙي اسلام ۽ اهڙي مسلمانن کان اسان ائين ڀلا آهيون . جنهن سان اسان مونجهارن ۾ پئون ۽ اهو سمجهي نه سگهون ته ڪهڙي شيءِ صحيح آ ڪهڙي غلط . ڪنهنجي پويان لڳجي ڪنهنجي پويان نه . هي سڀ رانگ نمبر آهن. جي الله جو تعين ڪيل دين اسلام هڪ آهي ته پوءِ هي سڀ هڪ ڇو نه آهن . انهن سڀن رانگ نمبرن کان اسان آزاد ڀلا آهيون نه اسان کي دين کپي نه دين جا ڏنل قاعدا، اسان ائين ئي چڱا آهيون" .

ان ڏينهن کان پوءِ عليءَ هن کي دين طرف مائل ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو. ڇاڪاڻ ته هن جاڻي ورتو هو ته

سهيل اجاين بهانن جي اهڙي ڪُن ۾ ڦاٿل هو. جنهن ۾ گهٽ طريقن سان نماز پڙهي وچڻ، هُن لاءِ نہ پڙهڻ جو جواز هو۽ مختلف اوقات تي روزو رکڻ، هن لاءِ روزو نہ رکڻ جو سبب هو. هو ان مسافر وانگر هو جيڪو منزل ڏانهن ويندڙ گهٽ رستن مان هڪ صحيح رستو چوندي منزل ڏانهن وڌڻ بدران منزل کي پنهنجي ڏئي بيٺو هجي.

اسان پنهنجي فائينل پروجيڪٽ کي مڪمل ڪرڻ ۾ لڳي وياسين. جيڪو اسان کي امتحانن کان اڳ ۾ جمع ڪرائڻو هو. اسان ٽنهي اهو فيصلو ڪيو تہ پروجيڪٽ کي يونيورسٽي جي IT EXHIBITION ۾ پيش ڪرڻ لاءِ اسان کي هڪ سٺو ليپ ٽاپ وٺڻ گهرجي، جيڪو جديد سسٽم سان ليس هجي، تہ جيئن اسان IT EXHIBITION ۾ پوزيشن حاصل ڪري سگهون.

هڪ ڏينهن عليءَ کي وري الائي ڇا ٿيو اچي سهيل کي ٻانهن کان وٺي چيائين هلو تہ ليپ ٽاپ وٺي ٿا اچون، EXHIBITION ۾ ٽائيم ٿورو بچيو آهي . ٻاڻ ٽئي شهر جي وڏي ڪمپيوٽر مارڪيٽ ۾ آيا سين.

هڪ مشهور ڪمپنيءَ جي اسٽال تي ويا سين جتي هنن ڪجھ ليپ ٽاپ ڏيکاريا. سهيل ليپ ٽاپ ڏسڻ ۾ مصروف هيو ئي تہ عليءَ سيلز مين کان پڇيو.

"هي جيڪو ليپ ٽاپ آهي ان جي اسڪرين ڪهڙي آهي؟"

"سر هن ۾ LCD آهي پر وائيڊ اسڪرين آ ۽ رزوليوشن بہ پلي اٿس".

"۽ هو جيڪو بليڪ ڪلر ۾ پيو آهي ان جي اسڪرين ڪهڙي آ؟" علي سيلز مين کان وري پڇيو.

"سر ان ۾ LED آهي ۽ هو جيڪو پريان پيو آهي ان ۾ ڪرسٽل اسڪرين آهي".

علي سهيل ۽ مونکي اٿاريندي چيو.

"ڪنهن ۾LCD تہ ڪنهن ۾LED تہ وري ڪنهن ۾ ڪرسٽل اسڪرين ڇا مذاق آهي اسان ڪهڙو ليپ ٽاپ وٺون. هل سهيل هي سڀ رانگ نمبر آهن، اسان کي هنن کان ليپ ٽاپ ناهي وٺڻو."

هو اسان کي اسٽال مان ٻاهر ڪڍي آيو. اسٽال وارا اسان کي ۽ اسان عليءَ کي حيرت وچان ڏسڻ لڳاسين .هو اسان کي وري ٻئي اسٽال تي وٺي هليو. هُنن جديد ماڊل جا ليپ ٽاپ ڪڍي، اسان جي سامهون رکيا. سهيل ليپ ٽاپ غور سان ڏسڻ ۾ گم هو تہ عليءَ وري سيلزمين کان پڇيو

"ادا! هنن ۾RAMڪهڙي لڳل آهي؟"

"سر هي جيڪوTHINKPAIDآهي، ان ۾ 2GB DDRپيل آهي ۽ هن ڊيل واري ۾DDR2 آهي. هيHP جو نئو ماڊل آهي ان ۾3GB DDR3 آهي." سيلز مين ڪيس ٻڌايو.

هڪ دفعو وري عليءَ سهيل کي ڇڪي اٿاريو.

"نہ وٺنداسين اوهان جا ليپ ٽاپ، جنهن ۾RAM بہ هڪ جهڙي ناهي اسان وٺون تہ آخر ڪهڙي RAM وٺون توهان اسان کي منجهائي ڇڏيو آهي. هل سهيل هي بہ رانگ نمبر آهن، نہ ڪپي هنن جو ليپ ٽاپ." علي اسٽال مان ٻاهر ڪيندي چيو.

سهيل ۾ مان هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳاسين تہ هن کي ڪهڙو بيوقوفيءَ جو دورو پيو آهي.
وري هو اسان کي ٻئي اسٽال تي وٺي آيو.
”يار اوهان جا ليپ ٽاپ تہ ڏاڍا سنا آهن. پر هنن ۾ Operating System ڪهڙا آهن.؟“ هن مختلف ليپ ٽاپ ڏسڻ کان پوءِ ڪانئن پڇيو.
”سر! هي ايپل جا ليپ ٽاپ آهن. هنن ۾ MAC جو سسٽم آهي ۽ هي Del ۽ HP جا ليپ ٽاپ آهن. هنن ۾ Windows جو Operating System آهي.“ ان کان اڳ جو هو ٻنهي جون خوبيون ۽ خاميون ٻڌائن ها. علي وري رانگ نمبر چئي اتان اسان کي اٿاريو.
اسين بغير ڪنهن ليپ ٽاپ وٺڻ جي روم تي اچي پهتا سين. سهيل جو منهن صفا ڳاڙهو ٿي ويو هو.
”هي ڪهڙي جاهلن واري حرڪت آهي. هيڏا سارا ليپ ٽاپ هوندي . تون هڪ بہ ليپ ٽاپ چوندي نہ سگهين. هيترو وقت يونيورسٽي ۾ ڪمپيوٽرن جي وچ ۾ گذاريو اٿئي. تو کي اها خبر ڪانہ ٿي پوي تہ ڪهڙو سسٽم تو لاءِ صحيح آهي ڪهڙو نہ . ڪهڙي RAM جي توکي ضرورت آهي ڪهڙيءَ جي نہ . جيڪڏهن تون پنهنجي جهالت جي ڪري مونجهاري جو شڪار هئين تہ ڪٿي اسان کان پڇي وٺي هان ؟ اسين توکي ٻڌايون ها تہ ڪهڙو ليپ ٽاپ وٺڻو آهي. ڪهڙو نہ. ائين خالي هٿين ڪو نہ موٽي اچون ها. جاهل! ڏس تہ سڀاڻي مان ڪيئن ٿو هڪ سٺو ليپ ٽاپ وٺي اچان.“
سهيل ڪاوڙ مان عليءَ کي جاهل ثابت ڪندي چيو.
”ان جو مطلب اهو ٿيو تہ تون صرف دين ۾ اڻڄاڻ آهين. باقي دنياجي معاملات ۾ ڏاڍو عقلمند آهين.“
عليءَ هن جي ٿي ناهيل جاهليت جي چادر سندس عقل جي قبر مٿان چاڙهيندي چيو.
”ڇا مطلب؟ مان اڻڄاڻ بہ آهيان عقلمند بہ. مونکي تہ تنهنجي عقل تي ڪل ٿي اچي.“ سهيل مٿان ٺٺول ڪندي پڇيس.
”ڇو هڪ ئي اسٽال تي هڪ ئي ڪمپني جي ليپ ٽاپ ۾ مختلف قسم جا سسٽم. مختلف سائيز جي ريم ۽ گهڻن قسمن جي اسڪرين هجڻ باوجود بہ تون منجهين نہ ٿو ۽ پنهنجي مرضي جو ليپ ٽاپ وٺي ٿو سگهين پر دين جي نماز ۽ عبادتن ۾ مختلف طريقا ڏسي دين نہ ٿو وٺين سگهين ۽ مونجهاري جو شڪار ٿي دين کي ڦٽي ڪري ٿو اڇين.“ مان سهيل جي منهن تي شرمندگيءَ جا تاثرات صاف ڏسڻ لڳس.
”ڇا تون بہ پاڻ کي پي ڪي فلم جي عامر خان وانگر ايلين ٿو سمجهين. جنهن ويچاري کي اوچتو هن ڌرتيءَ تي ڦٽو ڪيو ويو ۽ هو ماڻهن جي ٺاهيل مختلف ريتن رسمن ۽ رواجن کي ڏسي مونجهاري جو شڪار ٿي ويو. هو تہ ويچارو هزارين سال گذري وڃڻ کانپوءِ بہ ماڻهن کي پٿرن ۽ خود ماڻهن جي آڏو جهڪندي ڏسي پريشان ٿي ويو. هزارين سالن جي علمي ۽ تمدني ترقيءَ باوجود ماڻهون پٿرن ۽ قبرن تي اونڌا پيل ڏسي ايلين تہ ڇا پر ملائڪ بہ پريشان ٿي ويندا. تہ خدا انسان ذات کي ڪمال تائين پهچائڻ لاءِ ڪهڙو نہ سڌو ۽ صاف رستو پنهنجي نبين ذريعي ڏنو . پر ماڻهون ڪهڙن گمراهہ رستن تي

هلي، پاڻ کي بچڙائين ۽ براين ۾ ڦاسائي ڇڏيو. پر  تون تہ يار هن ڌرتي تي 22 سالن کان رهين پيو ۽ تو وٽ هزارين سالن جو مشاهدو مختلف ڪتابن گيتا ، ويد، بائيبل ۽ قرآن شريف جي صورت ۾ موجود آهي. حقيقت ۾ انسانيت جو ڪمال ان ۾ ئي تہ  آهي تہ هو رانگ نمبر ۽ رائيٽ نمبر ۾ تميز ڪري سگهي ،کيس چونڊ جي آزادي آهي، حيوان وانگر نہ جيڪو جبري طور هڪ اهڙي زندگي گذاري ٿو جنهن ۾ هن کي رهڻ، کائڻ ۽ پيئڻ ۾ انسان وانگر چونڊ جي آزادي نہ آهي“. هن وڌيڪ چيو ”مونکي حيرانگي ان ڳالھ تي آهي تہ جيڪا خوبي ۽ صلاحيت ڏئي ڪري الله تعاليٰ توکي اشرف المخلوقات بڻايو اها خوبي اها صلاحيت استعمال ڪري  الله تعاليٰ جي راضپي ڳولهڻ جي ڪوشش نہ ٿو ڪرين پر ويتر مونجهاري جو شڪار ٿو رهين، پر وري بہ ئي پاسيدنياداريءَ ۾ ان ئي صلاحيت جو ڀرپور فائدو وٺندي دنيا ۾ پنهنجي تسڪين جو سامان گڏ ڪندو ٿو وتين ۽ وري عجيب ڳالھ تہ مونجهاري جو شڪار بہ نہ ٿو ٿين. سڀ کان وڏو رانگ نمبر تہ تون پاڻ آهين جيڪو دين ۾ تہ ابوجھ آهي پر دنيا ۾ چالاڪ “.

اهو سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ سهيل ابوجھ ۽ چالاڪ جو فلسفو سمجهي سگهيو هو يا نہ پر سندس چهري تي پريشاني ڏسي اهو صاف ظاهر هو تہ هو اڄ کان پوءِ وري ڪنهن کي رانگ نمبر نہ چوندو.

# مسلمان

”نہ نہ! اسان مسلمان آهيون ۽ هن انگريزياڻيءَ سان تنهنجي شادي ڪڏهن نہ ڪرڻ ڏيندا سين.“ فواد جي ماءُ مون ڏانهن نهاريندي ڪيس دڙڪا ڏيندي چيو.

فواد Skype تي وڊيو چيٽ دوران پنهنجي ماءُ کي اسان جي شاديءَ جي خبر ڏئي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

”پر ماما! جين هاڻي مسلمان ٿي چڪي آهي، هن جو نالو هاڻي جنت آهي ۽ مان هن سان شادي ڪري چڪو آهيان.“ فواد مون ڏانهن اشارو ڪندي ماءُ کي مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”جنت نالو رکيو اٿس تہ ڇا ٿي پيو. آهي تہ انگريز جي ڌيءَ نہ. ڪافرن جي گهر ۾ پيدا ٿي آهي نہ. نالو نہ بدلائي ڪٿي ڇا بہ ڪري، اسان مسلمانن جهڙي ٿي سگهندي ڇا. ماڻهون ڇا چوندا مرحوم الحاج نظام الدين جو پٽ هڪ عيسائي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري آيو.“ ماءُ دڙڪا ڏيندي چيس.

”پر ماما! هاڻي جنت مسلمان آهي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي دور ۾ ڪيترا ڪافر ۽ مشرڪ مسلمان ٿيا هئا ۽ انهن کي ڪيڏو نہ مان ۽ مرتبو ڏنو ويو.“ فواد ماءُ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”ها ها! مونکي سڀ خبر آ . تون مونکي سمجهائڻ جي ڪوشش نہ ڪر . اسان تو کي لنڊن پڙهڻ لاءِ موڪليو هو شادي ڪرڻ لاءِ نہ . هاڻي شرافت سان پڙهائي ۽ اها ڇوري ڇڏي جلدي واپس اچ تہ باقي تنهنجي رهيل پڙهائي ۽ شاديءَ جو شوق هتي ٿا پورو ڪيون.“ ماءُ ڪاوڙ مان چيس ۽ ڪال ڪٽي ڇڏيائين.

مان بت بڻجي ٻنهي جو بحث ٻڌي رهي هيس . فواد هڪدم مون ڏانهن نهاريو مونکي پريشان ڏسي ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين.

”تون پريشان نہ ٿي جنت! سڀ ٺيڪ ٿي ويندو“.

پر منهنجي پريشاني وڌي وئي هئي. مان اسلام قبول ڪري مسلمان تہ ٿي هيس پر هاڻ لڳو پئي تہ مسلمان ٿيڻ لاءِ رڳو اسلام قبول ڪرڻ ڪافي نہ هيو.

مان مسلمان ٿي بہ پاڻ ۾ ڪا گهٽتائي محسوس ڪرڻ لڳس . توڙي جو مون باقاعدي ريسرچ ڪري پنهنجو دين ڇڏي اسلام قبول ڪيو هو پر اڄ فواد جي ماءُ جون ڳالهيون ٻڌي مون ۾ اڃان بہ وڌيڪ پڙهڻ ۽ عمل ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيو. مون اهو محسوس ڪيو تہ شايد هنن جي سالن جي نماز ۽ عبادتن ۽ علم وعمل جي اڳيان منهنجي ٻن ٽن ڏينهن جي عبادت ڇا حيثيت رکندي هوندي.

مون نماز ۽ عبادتن تي ويتر زور ڏنو. اسان جي بلڊنگ کان بہ ٽي گهٽيون ڇڏي مسجد هئي جتي هر

هفتي مولوي صاحب ايندو هو هن جو درس به ٻڌڻ لڳس ته جيئن دين جي باري ۾ وڌيڪ معلومات ڪٺي ڪرڻ جو موقعو ملي.

مان باقائدي ڪلمو پڙهي مسلمان ته ٻه مهينا کن اڳ ٿي هيس پر اسلام ڏانهن مائل ٽيڻ کي سال ٿي ويو هو. مونکي جنهن شيءِ سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪري مسلمان ٿيڻ تي مجبور ڪيو هو اها هئي اسلام ۾ عورت جي حيثيت هُن جو مقام ۽ حجاب جو فلسفو. منهنجي فيملي ڪيٿولڪ ڪرسچن هئي پر ڪرسچنتي اسان جي گهر ۾ صرف هڪ ثقافت طور نظر ايندي هئي، باقي عمل ۾ سڀ ايٿيئسٽ هئا. خاص ڪري منهنجو پيءُ هڪ آزاد خيال انسان هو، هو ايترو ته آزاد خيال هو جو پاڻ آزاديءَ سان هڪ نه ٻئي ڏينهن ڪنهن دوشيزه کي گهر وٺي ايندو هو پر وري جي زال کي ڪنهن آفيس ورڪر سان گڏ ڪافي شاپ تي يا ڪنهن پبلڪ پليس تي ڏسي وٺندو هو ته روئي اچي اسان کي دانهن ڏيندو هو. هُن کي جي ڪجھ ڪري نه سگهندو هو ته پاڻ کي شراب جي نشي ۾ ڏت ڪري ٻه ٽي ڏينهن دنيا کان لاتعلق ٿي ويندو هو.

اسان جي گهر ۾ هر مهيني ٻه ٽي پارٽيون ٿينديون رهنديون هيون ..ڪڏهن پاپا جي اسٽاف جي ٽريٽ ۾ ته ڪڏهن ماما جي دوستن جي ، ڪڏهن ڪنهن جي سالگره تي ته ڪڏهن ڪنهن جي پروموشن جي خوشيءَ ۾، پارٽين جو بهانو ڪٽي ڪهڙو به هجي مقصد هڪ ئي هوندو هو، پنهنجي عورتن کي ٻين سان نچائي ٻين جي عورتن سان پاڻ آزاديءَ سان نچڻ. مونکي اهڙين پارٽين کان سخت چڙ هئي، خبر ناهي ته ڇو شروع کان وٺي مونکي ائين عورت جو مردن جي سامهون نچڻ صفا نه وڻندو هو کين هڪ رانديڪي واوانگر مردن کي مسرور ڪندو ڏسي پنهنجي عورت هجڻ تي شرم ايندو هو ائين ڀانئيندي هئس ڄڻ مان به جاهليت جي دؤر جي ڪنهن رومن امپيرئر جي غلام هجان.

"ماما هي ڇا آهي؟ ڇو اسان ائين مردن جي سامهون جسم جي نمائش ۽ بيهودا ڊانس پيا ڪيون ، هن طريقي سان ته بادشاه، غلامن، قيدين ۽ رنڍين کي نچائيندا هئا پر هاڻي اسان پاڻ ئي اهو ڪم پيا ڪيون.؟ " مان پنهنجي ماءُ کان پڇيو هو.

"سويٽ هارٽ! اهو دور ويو هاڻي عورت ۽ مرد سڀ برابر آهن ڏسين نه پئي ته مرد به اسان سان گڏ پيا نچن".

"پر مام! اها ڪهڙي برابري آهي ته سخت سرديءَ جي موسم ۾ مرد مڪمل گرم لباس ۾ ۽ عورت وري تمام مختصر لباس ۾" مون هن کان پڇيو.

"ڇاڪري عورت حسن آهي ۽ حسن کي ئي زيبائي ۽ ڏيکاءُ نهندو آهي، مرد ۾ حسن ڪو ٿوري آهي ان ۾ شجاع آ ۽ شجاعت کي ڏيکاءَ جي ضرورت ناهي هوندي".

"ان مان اهو ثابت ٿيو ته مرد عورت کي تسڪين جو سامان سمجهي ئي استعمال ٿو ڪري، پلي ڪٽي اها جاهليت جي دور ۾ بادشاه جي دربار هجي، يا ماڊرن دؤر جي ڪلب هجي يا وري ڪا سوشل پارٽي ۽ وري عورت به هر دؤر ۾ مرد اڳيان پاڻ کي هڪ تسڪين ڏيندڙ شيءِ طور ئي پيش ڪيو آهي، ڪڏهن غلاميءَ

جي زنجيرن ڪري ته ڪڏهن معاش جي لالچ ۾ ته ڪڏهن برابريءَ جي دوکي ۾.“ مرد جي وهنوار کي واضح ڪندي چيو مانس.

”جين ! تون نه ٿي سمجهين، ان ۾ ڪا زور زبردستي ناهي ،جنهن کي ڳالهه نٿي وڻي ته نه ڪري، هر ڪنهن کي آزادي آهي، وڻيس ته ڊانس ڪري وڻيس ته نه ڪري. “

”مام!مونکي هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ، جيڪڏهن ڪو مقدس ماءُ ميري کي يا مقدس پٽ جيسس ڪرسٽ کي نٿو مڃي ته ڇا اهو زور زبردستيءَ ۾ ڪنهن دٻاءَ ڪري نه ٿو مڃي.؟“ مون ڪائنس پڇيو.

”عقيده زبردستي ناهن مڙهيا ويندا، اهي عقل، فهم ۽ ساڃاهه جي غلط ۽ صحيح استعمال مطابق ٺاهيا ويندا آهن“.هن پنهنجو موقف واضح ڪيو.

”ان مان اهو ثابت ٿيو ته نا فهميءَ، ڪم عقليءَ ۽ جهالت ڪري اسان آزاديءَ جي نالي ۾ غلاميءَ واري زندگي به گذاري سگهون ٿا“. مون غلاميءَ جي قبر مٿان چاڙهيل ،آزاديءَ جي چادر ڇڪي لاهڻ جي ڪوشش ڪئي.

”صحيح چوندو آهي تنهنجو پيءُ ته تنهنجو فلسفي ۾ ماسٽرس ڪرڻ جو فيصلو بلڪل غلط هو. ان کان ڀلو هو ته تون ڪمپيوٽر سائنس ۾ داخلا وٺين هان.“ سندس دليلون منهنجي فلسفي جي ڊگريءَ تي اڇي ختم ٿينديون هيون.

مونکي مغربي تهذيب ۾ عورت سواءِ هڪ شوپيس جي ڪجهه نظر نه ايندي هئي. ننڍي کان ننڍي گهريلو شي ۽ هجي يا وري ڪارخاني جي ڪا مشين، ڪا اهڙي شيءِ نه هئي جيڪا عورت جي تذليل ڪندڙ فوٽو کان سواءِ وڪامجندي هجي. هن ڊبل اسٽينڊرڊ ماحول ۾ عورت پنهنجي طبعي، جسماني ۽ فطري ڪمزوريءَ باوجود به مرد کان وڌيڪ ڪم به ڪري ٿي ، ذميداري به رکي ٿي ۽ وري ساڳئي وقت مرد جي دل لڳائڻ جو سامان به بڻجي ٿي.

جڏهن پهريون دفعو يونيورسٽي ۾ اسڪارف پهريل ڪنهن مسلمان ڇوڪريءَ کي سامهون ڏٺم ، ته هُن مونکي تمام گهڻو متاثر ڪيو هن جي شخصيت جي پاڪيزگي مونکي هن ڏانهن ڇڪڻ لڳي.

مون مسلمانن جي باري ۾ ايترو نه پڙهيو هو، بس هيڏانهن هوڏانهن ٻڌ سڌ تي رايو قائم ڪيو هيو پر هن ڇوڪريءَ جي پاڪيزگيءَ مونکي اسلام کي باقاعدي پڙهڻ تي مجبور ڪيو ، پوءِ وري قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ جڏهن اسلام ۾ عورت جو مقام، پردي جو فلسفو محرم نامحرم جون حدون ، عورت ۽ مرد جي رشتن مطابق طئه ٿيل ذميوارين کي پڙهيم ته ويتر اسلام ڏانهن جهڪاءُ وڌي ويو.

مون اسلام کي پڙهي اهو ڄاڻيو ته اسلام ئي واحد دين آهي جنهن عورت کي هن جي مقام مطابق عزت ڏني آهي، مون اسلام کي قبول ڪري مغربي عورت کان هميشه لاءِ آزادي وٺي ڇڏي ،پر منهنجي والدين مونکي اسلام کان نفرت ڏيارڻ لاءِ ڪا ڪسر نه ڇڏي.

ڪڏهن ڪنهن دهشتگرد کي سمبل ٺاهي مسلمانن کي دهشتگرد ۽ انتها پسند ثابت ڪن ته وري ڪڏهن ڪنهن ڪلب ۾ ڊانس ڪندڙ مسلم ڇوڪري ڏيکاري مسلمانن کي به پاڻ جهڙو ثابت ڪن،

پر مان هُنن جي ڏٽن ۾ اچڻ واري نہ هيس ، ڇاڪاڻ تہ مون صرف مسلمانن کي ڏسي اسلام قبول نہ ڪيو هو پر اسلام کي ڏسي مسلمان ٿي هيس.

مون سچي دل سان اسلام کي پنهنجي دل ۾ جڳهہ ڏني هئي ۽ فواد سان شاديءَ ڪري هنن کان هميشہ لاءِ جند ڇڏائڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو.

فواد لنڊن ۾MBA ڪرڻ آيو هو . اسان هڪ ٻئي کي گهڻي وقت کان سڃاڻيندا هئا سين. هڪ يونيورسٽي ۾ هئڻ ڪري اسان جي دوستي اڳ ۾ ئي هئي پر وري اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ فواد منهنجي لاءِ ۽ مان فواد جي لاءِ وڌيڪ اهميت جوڳا ٿي وياسين . فواد مونکي ديني معلومات ۾ ڪٽي ڪا ايڏي سپورٽ نہ ڪئي هئي پر منهنجي اسلام ڏانهن سفر جي هر قدم تي منهنجو ساٿ ضرور ڏنو هئائين. منهنجي مسلمان ٿيڻ کان اڳ فواد بہ هت رهندڙ مسلمانن وانگر هتان جي رنگ ۾ رنگيل هو پر مون سان گڏ حق جي تلاش ۾ ڊوڙندي ڊوڙندي هن پنهنجي حقيقت بہ ڳولهي ورتي هئي، پوءِ جيئن ئي مون اسلام قبول ڪيو هن مونکي شادي لاءِ پروپوز ڪري ڇڏيو هو.

مان هن سان گڏ هڪ نئين پاڪيزه زندگي گذارڻ جا خواب ڏسڻ لڳي هئس. شادي کان اڳ ئي مون سنڌي سکڻ شروع ڪري ڇڏي هئي، ڳالهائڻ ايترو نہ پيو اچي پر سمجهي گهڻو ڪجهہ ويندي هئس. منهنجي خوشيءَ جي ڪا انتها نہ هئي، مونکي جڻ تہ يقين ئي نہ ايندو هو تہ مان هن ماحول مان نڪري هڪ پاڪيزه ماحول ۾ رهنديس، جتي منهنجي چوڌاري مسلمان مومنن جي صحبت جون برڪتون ۽ منهنجي مٿان اسلامي معاشري جو نور لاٿون ڪري وسندو. هن بي راه روي واري ماحول بيهوده ڪلچر ۽ عورت جي استحصالي نظام مان جان ڇٽي ويندي. منهنجي دل چوندي هئي تہ جيڪر هاڻي ئي اُڏي وڃي پاڪستان پهچان ۽ فواد جي فيملي سان رهي پنهنجي ايترن سالن جي بي پردگي بي حيائيءَ واري زندگيءَ جو ازالو ڪيان ، پر اڄ فواد جي ماءُ جون ڳالهيون ٻڌي مان ٿورو پريشان ٿي هيس. خبر نہ پئي پئيم تہ هو هڪ اهڙي عورت کي قبول ڪندا بہ الائي نہ، جنهن سان سالن جي بي حيائي ۽ بي ديني هڪ نہ وسرندڙ ياد جيان ساڻ هجي.

جيتوڻيڪ فواد مونکي يقين ڏياريو هو تہ هو گهر وارن کي راضي ڪري وٺندو پر ان باوجود بہ مان پنهنجي وجود مان هر ان نقش کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس جنهن مان منهنجي ماضيءَ جي ڪا جهلڪ بہ نظر اچي. مون پاڻ کي اسلام جي اهڙي تہ رنگ ۾ رنگي ڇڏيو جو ان کان علاوه هر رنگ، بي رنگ ۽ بي رونق لڳڻ لڳو هو.

اسان جي ماسترس پوري ٿيڻ تائين فواد پنهنجي گهروارن کي راضي ڪري ورتو هو. بس رڳوهنن اها شرط رکي هيس تہ هو نڪاح پاڪستان ۾ ٻيهر وجهندا، مونکي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ نڪاح مٿان نڪاح ڪيئن پوندو پر مسلم ماحول ۾ وڃڻ جي شوق منهنجي هر سوال کي ذهن مان ڪڍي ٻاهر فٽو ڪري ڇڏيو. مونکي بس انتظار هو تہ ڪڏهن مان هتان اڏري هميشہ لاءِ هن ڪلچر مان جان ڇڏائينديس ۽ پنهنجي باقي زندگي هڪ اسلامي معاشري ۾ هڪ باوقار زال هڪ عزتدار نهن ۽ هڪ

پاڪيزه ماءُ جي حيثيت سان گذاريندي‌س.

نيٺ اهو ڏينهن اچي ويو پاڪستان جون ٽڪيٽس اسان جي هٿ ۾ هيون. منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد نہ هئي، مونکي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ مان ڪيئن فواد جي فيمليءَ آڏو ايندي‌س. مون اسڪارف ۽ ڪاري چادر سان پاڻ کي ڍڪي ورتو هو منهنجي دل تہ مڪمل حجاب ڪرڻ پئي گهري پر فواد چيو تہ اسڪارف ڪافي آهي. فواد جو پاءُ اسان کي ايئرپورٽ تي وٺڻ آيو هو هن ٻڌايو تہ باقي سڀ اسان کي گهر ۾ خوش آمديد ڪندا .

اسان جي گاڏي جيئن ئي هنن جي بنگلي پرسان پهتي تہ آسمان فائرنگ جي آواز سان گونجڻ لڳو ، آتش بازيءَ جا رنگ سڄي آسمان کي جرڪائڻ لڳا. مان ان وقت حيران رهجي ويس ،جڏهن بنگلي جو در کليو. ماحول شرناين ۽ ڍُهلن جي موسيقيءَ سان سڀن کي مست ڪري رهيو هو . منهنجي ٻنهي طرف جوان ناريون جوان مردن سان گڏ، اسان جي مٿان گل هاري رهيون هيون ، هنن جو لباس ڏسي مونکي تميز ڪرڻ مشڪل هئي تہ ڪهڙي لباس ۾ بي پردگي وڌيڪ هئي . ان ۾ جنهن کي مان مغرب ۾ ڇڏي آئي آهيان يا وري هِن ۾ جيڪو منهنجي آجيان ۾ بيٺو آهي. جڏهن اسان کي هال ۾ آجيان پارٽي لاءِ ويهاريو ويو تہ مون هڪ دفعو پاڻ کي ۽ پنهنجي چوڌاري ماحول کي ڏٺو. مان حيران رهجي ويس تہ اسلام قبول ڪري جنهن ڪلچر، تهذيب ۽ ماحول کي پوئتي ڇڏي آئي هيس، اهو ئي ماحول منهنجي اڳيان گل وڇائي آڌر ڀاءَ لاءِ بيٺو هجي.

مان ڄاڻان پئي تہ مغرب پنهنجي تهذيب جو شڪار هر ملڪ هر آئيڊيالاجي کي ڪيو هو ۽ پاڪستان ان جو خاص شڪار هو ڇو تہ مغرب اهو ڄاڻي ورتو هو تہ هي ٻڌُر تهذيبن جي جنگ جو دور آهي ۽ هنن کي سڀ کان وڌيڪ خطرو اسلامي تهذيب کان ئي آهي. پر گهٽ ۾ گهٽ مان فواد جي گهر کي ان يلغار کان بچيل سمجهيو پئي، اهو ان ڪري بہ تہ فواد ڪڏهن بہ مونکي پنهنجي فيملي جي اها تصوير نہ ڏيکاري هئي. شايد هن کي پوءُ هو تہ ڪٿي منهجي ذهن ۾ ٺهيل اسلامي تصوير نہ ڀڄي پوي يا وري منهنجا اسلام ڏانهن کنيل قدم نہ رڪجي وڃن.

ٿوري دير ۾ انڊيا جي اهڙن گانن جا ساز هال ۾ گونجڻ لڳا، جن کي ڏسي مغربي ڪلچر بہ شرم مان اکين تي هٿ رکي ڇڏيندو هو. جن گانن جو ٻڌڻ ئي اخلاقي قدرن کي لتاڙڻ لاءِ ڪافي هو انهن گانن تي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پنهنجي ڊانس جا ڪرتب ڏيکاري اخلاق جي تابوت کي آخري ڪوڪو هڻي هميشہ لاءِ دفن ڪري رهيا هئا. جيئن تہ مان هنن جي پاڻ ۾ رشتن کان اڻ واقف هيس، ان ڪري اها خبر نہ پئي پئيم تہ ڪير ڪنهنجو محرم هو ۽ ڪنهنجو نامحرم ، پر هنن جون ڊانسون هر اها حد لتاڙي رهيون هيون جيڪي محرم ۽ نامحرم لاءِ مقرر ٿيل هيون .

مونکي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ مان هنن جي حرڪتن کي ڏسي اسلام لاءِ رايو قائم ڪيان يا اسلام جي اصولن کي ڏسي هنن جي مسلمانيءَ تي ڪا فتوي ڏيان.

وڏي ڳالهہ اها لڳم پئي تہ مان جنهن ڪلچر کي ڇڏي، اسلام کي سيني سان لائي ، هيڏانهن ڀڄي

آئي هئم، هي وري اسلام کي ڪچ ۾ ڪٽي ان ڪلچر ڏانهن ڊوڙندا پيا وڃن.

هي سڀ مونکي هڪ اهڙي مسافر جيان پئي لڳا، جيڪو ايئرپورٽ جي چيڪ ان ڪائونٽر تي اچي چوي ته مونکي حج تي ويٺو آهي، پر وري ٽڪيٽ، ويزا ۽ سامان ٿائيليند جو ساڻ هجيس.

منهنجي ڪنن ۾ فواد جي ماءُ جا چيل جملا گونجڻ لڳا.

”نه نه! اسان مسلمان آهيون ۽ هن انگريزياڻيءَ سان تنهنجي شادي ڪڏهن نه ڪرڻ ڏيندا سين “

منهنجي دل پئي چوي ته مان رڙيون ڪري هنن کي چوان، ته توهان سڀ صرف نالي جا مسلمان آهيو. توهان اسلام کي پڙهي ۽ سمجهي مسلمان ناهيو ٿيا پر توهان صرف ان ڪري مسلمان آهيو جو هڪ مسلمان گهر ۾ پيدا ٿيا آهيو.

مان لنڊن ۾ جنهن بي حيائي بي هودگيءَ کي اسلام جي پاڪيزگيءَ ڪري نندينديندي هيس، ان ئي بي حيائي ۽ بي هودگيءَ سان هي اسلام جي پاڪيزگيءَ تي داغ لڳائي رهيا هئا.

فواد مون ڏانهن ڏسي ڪٽي اکيون هيٺ ڪيون . هن جي چهري تي شرمندگيءَ جا آثار صاف نظر اچي رهيا هئا. هن هڪ دفعو مون ڏانهن اکيون کڻي ٻيهر نهاريو. هن جي اکين ۾ پنهنجي بي وسي جا آثار ۽ منهنجي وڃائڻ جو ڊپ پڌرو هيو.

مون هن جي هٿ تي هٿ رکي چيو. ” فواد! تون پريشان نه ٿي، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

مون اهو سوچيو هو ته جنهن ڪلچر کان جان ڇڏائڻ لاءِ جيڪو سفر پنهنجي گهر کان شروع ڪيو هو، اهو شايد فواد جي گهر پهچي ختم ٿيندو. پر هتي پهچي اهو ڄاتو اٿم ته اصل سفر ته شروع ئي هتان ٿيندو.

# خودڪش

هن جي آڱر بٽڻ جي مٿان هئي صرف ان کي دٻائڻ جي دير هئي ۽ پوءِ
هڪ وڏو ڌماڪو،
دل ڏاريندڙ تباهي ،
چوڌاري لاشن جا ڍير،
هر طرف ڪوڪون ۽ دانهون،
مٽي ،
دونهو ن،
ڌوڙ۽ جنهن ڪان پوءِ سڀ ختم.

هو گهڻي ڪوشش ڪان پوءِ بہ بٽڻ کي دٻائي نہ پئي سگهيو . هن جي آڱر خودڪش جيڪٽ جي بٽڻ مٿان هئي، هن پنهنجي سڄي طاقت ڪني ڪري بٽڻ دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن جي ڪوشش ناڪام ٿي ويئي، هن کي ائين پئي لڳو ڄڻ آڱر هن جي جسم جو حصو ئي نہ هجي يا وري هن جي جسم ۾ طاقت ئي نہ رهي هجي، جو هو بٽڻ دٻائي سگهي، هن جا چپ خشڪ ٿي ويا هئا . هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هو ڇا ڪري، هن وٽ وقت تمام ٿو رو هيو، هن جي ۽ جنت جي وچ ۾ بس هڪ ڌماڪي جي دير هئي ۽ هڪ وڏي تباهيءَ ڪان پوءِ، هو سوين لاشن تي پير رکندو جنت جي دروازي ۾ داخل ٿي ويندو.

پر هو الائي ڇو بٽڻ دٻائڻ جي ٻڏ تر جو شڪار هو، هن پنهنجي چوڌاري ماحول جو جائزو ورتو جنهن ڪان ڪجهہ وقت پهريان هو بلڪل لاتعلق هو . هن کي اها تہ خبر هئي تہ هو ٿوري دير ۾ جنت وڃڻ وارو هو پر اها خبر ڪونہ هيس تہ ڌماڪي ڪان پوءِ اتي موجود اجل جو شڪار ٿيندڙ ماڻهون جنت ۾ ويندا يا دوزخ ۾.

هن جي نظر اوچتو هڪ معصوم نينگريءَ ڏانهن ڇڪجي وئي، جيڪا ڪنهن جي چيچ کي پڪڙي ڪڏندي اچي رهي هئي.

”هن نينگريءَ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ هي تہ معصوم آهي هن تہ اجان هن دنيا کي ڏٺو ئي ناهي .“ هن جي ذهن ۾ ڪجهہ سوال اڀرڻ لڳا.

”مٿان! ائين نہ ٿئي تہ هن معصوم نينگريءَ کي ڌماڪي سان اڏائڻ ڪري منهنجي لاءِ جنت جا دروازا هميشہ لاءِ بند ٿي وڃن!“

هن فيصلو ڪيو تہ نينگريءَ جي اتان لنگهي وڃڻ کان پوءِ ٻَٽڻ دٻائيندو. اهو پهريون دفعو هو جو هن پنهنجي ذهن ۾ اڀرندڙ سوالن جي ڪري مليل هدايت کان مختلف عمل ڪيو هو.

نينگريءَ جي لنگهڻ سان ئي هن هڪ دفعو وري ڪوشش ڪئي تہ بٽڻ کي دٻائي جلد جنت ڏانهن اڏري وڃي، اڃان هن آڱر بٽڻ تي رکي ئي مس تہ هن جي ديد سامهون ڪتابن جي دڪان ۾ هڪ جهوني شخص تي پئي، جيڪو ڪتابن کي ترتيب سان رکڻ کان پوءِ قرآن شريف ڪڍي تلاوت ڪرڻ لاءِ ويهي پيو. اهو شايد هن جو روز جو معمول هوندو تہ هو دڪان کولي پهريان قرآن جي تلاوت ڪندو هو.

” هن کي جيڪڏهن قرآن سان گڏ ڏماڪي سان اڏايم تہ هي جهونو ۽ قرآن قيامت ڏينهن مونکي جنت مان ڌڪي ٻاهر ڪڍندا.“ هن پنهنجي ۽ جنت جي وچ ۾ هڪ ٻي رڪاوٽ محسوس ڪئي . هن اتان ٿورو اڳتي وڃي بٽڻ دٻا ئڻ جو فيصلو ڪيو.

هو جيئن ئي اڳتي وڌيو تہ سامهون وينل موچيءَ تي نظر پئجي ويس جيڪو پنهنجي ضعيف هٿن سان جوتن جي مرمت ڪري پنهنجي ٻچن لاءِ حلال جي روزي ڪمائي رهيو هو نہ تہ هو ڪو چور هو نہ ئي ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگي پني پيو هن جي هٿ ۾ قرآن تہ نہ هو ۽ نہ ئي وري هو تلاوت ڪري رهيو هو پر هو پورهيت تہ هو.

”پورهيت تہ الله جو دوست هوندو آهي پوءِ مان جي الله جي دوست کي مارينداس تہ هو مونکي جنت ۾ ڪيئن داخل ڪندو.“

هن جي ۽ جنت اڳيان وري هي موچي اچي بيٺو هو ٻڏتر جو شڪار ٿي ويو. هن کي اڄ جنت ۾ وڃڻو هو . وقت هن وٽ صفا گهٽ هو. هن کي چيو ويو هو تہ هدف تي پهچي بٽڻ دٻائڻ ۾ دير ناهي ڪرڻي پر هن کي ٽارگيٽ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو هن چوڌاري نظر ڦيرائي.

سامهون ڪير وارو ٻارن کي ڪير ڏيڻ ۾ مشغول هو.

حجم جو دڪان گراهڪن سان پُريل هو.

مٿي فليٽن جي بالڪني ۾ڪجهہ عورتون لٽا سڪائڻ لاءِ ٽنگي رهيون هيون.

ڀرسان هوٽل ۾ ماڻهون ناشتو ڪرڻ لاءِ وينا هئا.

روڊ تي ماڻهون پنهنجي پنهنجي منزلن ڏانهن وڌي رهيا هئا.

ڪو آفيس ڏانهن تہ ڪو پنهنجي دڪان ڏانهن

ڪو اسڪول ڏانهن تہ ڪو ڪنهن گيراج تي ڪم لاءِ وڃي رهيو هو.

هن کي هدف سمجهہ ۾ نہ پئي آيو هن کي هتي جنت جا دروازا کلڻ بدران هميشہ لاءِ بند ٿيندي نظر پئي آيا. هو حيران ۽ پريشان وچ رستي تي بيٺو هو هن کي الائي ڇا ٿي ويو هو يا تہ هن کي هتي جنت جو دروازو نظر نہ پئي آيو يا وري جنت وڃڻ جو شوق هن مان گهٽجي ويو هو.

ان ٻڏتر جو شڪار هو ڪجهہ ڏينهن کان وٺي هو پر هن پنهنجي ڪيفيت ڪنهن تي ظاهر ٿيڻ نہ ڏني هئي، اهو ان ڪري تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ پنهنجي هڪ ساٿيءَ جي اهڙي ڪيفيت استاد تي ظاهر

ڪئي هئائين ۽ ان کان پوءِ اُهو ساٿي وري ڪئمپ ۾ ظاهر نہ ٿيو هو.

هو دين جي معاملي ۾ سخت ۽ طبيعتؐاً حساس هو، پنج وقت نماز باقاعدگيءَ سان پڙهندو هو ۽ ديني احڪامن تي هلڻ جي پوري ڪوشش ڪندو هو پر پنهنجي چوڌاري ماڻهن کي دين کان پري ۽ دنياداريءَ ۾ گم ڏسي سدائين پريشان رهندو هو دل چوندي هئس تہ جيڪر هڪ گهڙيءَ ۾ سڀ هن جهڙا ٿي وڃن ۽ هن وانگي سوچڻ بہ لڳن.

هن جي اهڙي طبيعت ڏسندي ملاڻڪي سنگت هن کي گهيرو ڪيو. هڪ دوست هن جي جذبن کي تيلي ڏيڻ لاءِ هن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو جنهن هن جي اندر حقيقي دينداريءَ جي وڌندڙ ٻوٽي ۾ پيوندڪاري ڪري شدت پسنديءَ جي هڪ قدآور وڻ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. هو هن کي روز مختلف ملڪن ۾ مسلمانن مٿان ٿيندڙ ظلم جا وڊيوز ڏيکاري، جذباتي تقريرون ٻڌائي ۽ قرآن شريف مان واقعن جي اڳ پٺ ۽ سياق سباصق ٻڌائڻ کانسواءِ، چونڊي چونڊي اڌوريون آيتون پڙهائي، هن کي ذهني طور جهاد لاءِ تيار ڪري ڇڏيو ۽ جنهن ڏينهن هن پاڻ کان سواءِ سڀن کي ڪافر ۽ مشرڪ سمجهڻ شروع ڪيو ان ڏينهن هن کي شهر کان پري هڪ ويران گهر هيٺان ٺهيل تهخاني ۾ پهچايو ويو هو. جنهن کي هُنن جهادي ڪئمپ پئي چيو.

جهادي ڪئمپ ۾ استاد هن کي روز جنت جا اهڙا تہ خواب ڏيکاريا جو دنيا جي زندگيءَ تان هن جو ارواح ئي کڄي ويو هو هتان جي زندگي کي پنهنجي ۽ حورن جي وچ ۾ هڪ رڪاوٽ سمجهڻ لڳو ۽ ان رڪاوٽ کي هٽائي هميشہ هميشہ حورن جي وچ ۾ رهڻ لاءِ هو خودڪش حملي لاءِ تيار ٿي ويو.

هن کي هڪ ٻئي ساٿيءَ سان گڏ الڳ ڪمري ۾ رکيو ويو جتي هنن کي خود ڪش حملي جي تربيت ملڻي هئي.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ هن پنهنجي ساٿيءَ جي سوچ ۾ تبديلي ايندي محسوس ڪئي هئي، جيڪو هن جي جنت ڏانهن ويندڙ رستي تي هر روز هڪ نئين رنڊڪ اڏڻ لڳو هو.

”ڇا ضروري آهي تہ اسان دين قائم ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي قتل ڪريون ۽ پاڻ بہ جهاد جي نالي ۾ خودڪشيءَ جي حرام موت مرون.؟“ هو سرگوشيءَ مان هن کان پڇندو هو.

”ڇو تون نہ ڏسندو آهين استاد ڪيڏيون آيتون قرآن مان ڪڍي ڏيکاريندو آهي تہ ڪيئن قتال ضروري آهي ۽ الله جي راھ ۾ مرندڙ شهيد هوندو آهي ۽ شهادت کان پوءِ هميشہ لاءِ جنت آهي. ڇا تون جنت ۾ وڃڻ نہ ٿو چاهين.“ ساٿيءَ کي جنت جا خواب ڏيکاريندي چوندو هو

”ڇو قرآن شريف ۾ سوره مائده ۾ اهو ناهي لکيل تہ جنهن هڪ انسان کي بي گناهہ قتل ڪيو تنهن سڄي انسانيت کي قتل ڪيو ڇا اسان جي سامهون حضور ﷺ جن جو اسوه ناهي، ڪيئن هنن 40 سال الله جي وحدانيت ۽ معرفت کان آگاھ ڪرڻ لاءِ خاموش تبليغ ڪئي ۽ اعلانِ نبوت ڪرڻ کان پوءِ جيڪي جنگيون ڪيون اهي ان لاءِ ڪرڻيون پيون جو ڪفر جي طاقتور ڌرين مسلمانن کي پنهنجي دين تي هلڻ کان هر طرح سان روڪيو پئي. هُنن لڪم دينڪم ولي دين جو معاشرو قائم

ڪرڻ نہ پئي ڏنو. پاڻ سڳورن پهرين ترجيح هميشہ صلح ، امن ۽ مذاڪرات کي ڏني ۽ حالت جنگ ۾ بہ دشمن جي ٻارن، عورتن ، پوڙهن ۽ جنگي قيدين کي قتل ڪرڻ کان منع ڪيو. وري جڏهن هي چيو ويو تہ الله هن دين کي مڪملڪري ڇڏيو آهي تہ ان کان پوءِ دين جو مقام رڳو ڦهلائڻ سان ٿيندو، قتال سان نہ ٿيندو." سندس ساٿيءَ هن جي اڳيان هڪ رنڊڪ بيهاريندي چيو.

" ها اهو بہ آهي پر الله سائين قرآن شريف ۾ سوره نساءِ ۾ فرمايو آهي تہ جهاد ڪرڻ وارن جي فضيلت وڌيڪ هوندي آهي، گهر ويهي عبادت ڪرڻ وارن کان، اسان جهاد ڪرڻ وارا آهيون ۽ جهاد ۾ شهيد بہ ٿيا سين تہ جنت ۾ ويندا سين." ساٿيءَ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين

" پر جهاد جو مطلب بہ سمجهو اٿئي ؟ ۽ هتي اسان مسلمانن کي ماري ڪهڙو جهاد پيا ڪيون؟ ساٿيءَ ڪائنس پڇيو

"ڏسين نہ پيو تہ ماڻهون حق جي راه کان هٽي ويا آهن ۽ هاڻي رڳو هڪ ئي رستو آهي جهاد جو."

" اهو رستو تو پاڻ ٺاهيو آهي يا الله کان پڇيو اٿئي ؟ قرآن تہ سوره يوسف ۾ چئي ٿو تہ الله جي طرف دعوت جو بهترين طريقو بصيرت سان سڏڻ ۾ آهي. پنهنجي ڪردار پنهنجي اخلاق سان ماڻهن کي پاڻ طرف ڇڪيو نہ کي انهن کي ماري، ڀلا! اهو تہ ٻڌاءِ ڪڏهن ڪنهن کي مارڻ کان پوءِ بہ مومن ڪري سگهجي ٿو ڇا ؟" ساٿيءَ سوال ڪيس.

"برائي جي وڌي ويندي تہ لازمي آ تہ ان کي ختم ڪرڻو پوندو ۽ سُڪن سان گڏ ساوا بہ سڙندا آهن." هن عذر پيش ڪيس

"جهادين خلاف آپريشن ۾ جي جهادي ماريا ويندا آهن، تہ جهادين جي ساٿين جي فوجين ۽ آپريشن سان نفرت وڌندي آهي يا گهٽبي آهي ؟" ساٿيءَ پڇيس.

" لازمي آ جي بيگناه جهادين کي شهيد ڪيو ويندو آهي تہ نفرت وڌندي آهي." هن اعتماد سان وراڻيس.

"پوءِ جي اسان سوين بيگناه ماڻهن کي ماريندا سين تہ اُنهن جي پوين جِي اسلام ۽ اهڙن مسلمانن سان نفرت وڌندي ياگهٽبي ؟ اها دين ڏانهن سڏڻ جي دعوت چئبي يا دين کان ماڻهن کي پري ڪرڻ جو ڪارڻ، مونکي تہ اها دين دشمنن ايجنڊا لڳندي آهي جن دين کي بدنام ڪرڻ لاءِ ڪجهہ نالي نالي جي مسلمانن کي انهيءَ ڪم تي لڳايو آهي." ساٿيءَ ڪيس لاجواب ڪندي چيس.

" مونکي تہ لڳي ٿو تون ٿڪجي پيو آهين ۽ الله جي راه ۾ جان ڏيڻ کان ڊڄين پيو."

"مان جان ڏيڻ کان نہ پيو ڊڄان ، پر ان ڳالهہ کان ٿو ڊڄان تہ اهڙي جنت جو ڪندس ڇا جيڪا بيگناه ماڻهن کي مارڻ کان پوءِ ملي." ساٿيءَ جنت تان هٿ کڻندي چيس.

اهڙيءَ ريت هن کي پنهنجو هي ساٿي جنت ڏانهن ويندڙ رستي تي هڪ وڏي رنڊڪ محسوس ٿيڻ لڳو هو. هن وچي استاد اڳيان پنهنجي ساٿيءَ جي ڪيفيت کي کولي بيان ڪيو هو ۽ پوءِ ان ئي ڏينهن هن جي ساٿيءَ کي ڪنهن نامعلوم مقام ڏانهن کڻي ويا هئا. اها خبر نہ هئي تہ ڪيس ڪهڙي مقام ڏانهن

ڪٽي ويا هئا پر ان ساٿيءَ جي ڪيفيت سندس ذهن ۾ مقام ناهي ورتو هو.

هو ٻڌ تر جو شڪار ٿي ويو هو. هن کي اهو سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ جنهن رستي ڏانهن هو وڌي رهيو هو اهو جنت ڏانهن پيو وڃي يا دوزخ ڏانهن. هو پاڻ کي هڪ اهڙي پل تي بيٺل ڏسي رهيو هو جنهن جي هُن پر ڪڏهن ڪيس جنت جون حسين واديون ٻانهون کولي پاڻ ڏانهن سڏينديون نظر پئي آيون تہ ڪڏهن وري دوزخ پنهنجو وات ڦاڙي هن کي ڳڙڪائڻ لاءِ تيار بيٺي نظر ٿي آيو هن کي اها تہ پڪ هئي تہ هو اڳتي وڌي يا پوئتي هٽي ،ٻنهي صورتن ۾ موت هن جو انجام ٿيندو پر اها پڪ ڪانہ هيس تہ هن جو انجام هن کي جنت وٺي ويندو يا دوزخ.

پر هاڻي سوچڻ جو نہ پر عمل جو وقت هو. استاد هن کي نئين ساٿيءَ سان گڏ خود ڪش جيڪٽ پارائي هدف ڏانهن اماڻي ڇڏيو هو هنن کي ٻڌايو ويو هو تہ حدف تي پهچي الله اڪبر چئي بٽڻ کي دٻائڻو هو.

هن گهڻي ڪوشش ڪئي هئي پر هن کان بٽڻ نہ پيو دٻجي، هن کي اها بہ خبر هئي ، تہ جي هن دير ڪئي تہ استاد هن کان ناراض ٿي ويندو. هن هڪ دفعو وري پنهنجي چوڌاري ديد ڦيرائي . هر طرف کان زندگي جي سمنڊ جون مست ڇوليون هن ڏانهن انسانيت جي بقا جي التجا ڪڻي وڌي رهيون هيون. هن پاڻ کي ٻڌ تر جي ڳُن مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيو۽ ڪنهن فيصلي تي بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن کي ياد آيو تہ هن کي هڪ سيل فون ڏنو ويو هو تہ جيئن ڪنهن بہ مسئلي جي صورت ۾ مدد وٺي سگهي ، ان کان اڳ جو هو ڪال ڪري ها هن جِي فون وڄي هن فون رسيو ڪئي ٻئي پاسي استاد هو.

”ڇا ٿيو آ، تو اڃان تائين ڌماڪو ڇو نہ ڪيو آ. جنت ۾ حورون تنهنجو انتظار ڪري رهيون هونديون، شهادت لاءِ دير نہ ڪبي آهي“ استاد هن کي سمجهائيندي چيو.

” استاد مان تہ جنت لاءِ بيچين آهيان پر لڳي ٿو هن جيڪٽ جو بٽڻ خراب ٿي ويو آهي ،ڪم ئي نہ ٿو ڪري مان ڇا ڪريان“ هن دير ڪرڻ جو بهانو ناهي ورتو.

” اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي! مان گاڏي موڪليان ٿو. تون هيڏانهن اچ تہ مان ڏسي ٿو وٺان تہ ڇا پرابلم آهي.“

هو گاڏيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو

هن فيصلو ڪري ورتو هو تہ هو هت موجود سوين بيگناه ماڻهن کي ماري ڪڏهن بہ جنت ۾ داخل نہ ٿي سگهندو. هن هڪ دفعو پنهنجي خودڪش جيڪٽ کي هٿ لڳائي ڏٺو جيڪا هن جنت ڏانهن وڃڻ جو لباس سمجهي پهري هئي. هن جي ذهن ۾ استاد جا سحرانگيز جملا گونجڻ لڳا، جن سان سندس سوچن جي ڪينواس تي حورن جا حسين پورٽريٽ ناهيا ويا هئا. پر هاڻي هن کي استاد جو چيل هر جملو هڪ حسين دوکو لڳي رهيو هو. هُن سمجهي ورتو هو تہ هڪ مومن ڪڏهن بہ ڪنهن مسلمان تہ ڇا پر ڪنهن بيگناه انسان کي بہ نہ ٿو ماري سگهي ، اهو صرف اسلام جو لباس پهريل ڪو منافق يا

غير مسلم ٿي ڪري سگهي ٿو. هن کي پنهنجي استاد ۾ هڪ وڏي اسلام دشمن قوت نظر اچڻ لڳي، جيڪا اسلام کي اسلام جي نالي سان ۽ مسلمانن کي مسلمانن کان ئي ختم ڪرائڻ گهري پئي.

گاڏي پهچي وئي، جيڪا هن کي سڌو جهادي ڪئمپ کٽي وئي ۽ ٻئي لمحي هو استاد جي سامهون ويٺو هو.

” ڇا ٿيو ڇا پرابلم آ؟“ استاد هن کان پڇيو.

هن استاد جي اکين ۾ ڏٺو جنهن ۾ ڪيس اسلام ۽ مسلمانن خلاف پڙڪندڙ باهه صاف نظر اچڻ لڳي، ان کان اڳ جو استاد سندس اکين ۾ پنهنجي خلاف پڙڪندڙ باهه ڏسي وٺي ها، هن تڪڙ ۾ استاد جي ويجهو ويندي چيو.

” پرابلم هن جيڪٽ ۾ آ استاد ، لڳي ٿو اوهان مونکي غلط جيڪٽ پارائي آهي. هيءَ جيڪٽ ڪنهن مسلمان ، معصوم ٻار، پوڙهي، عورت ۽ بيگناه جي سامهون ڪم ئي نه ٿي ڪري ، مون سو چيو ڏسون اوهان جي سامهون ڪم ڪري ٿي.“ هُن بٽڻ تي آڱر رکندي چيو.

استاد رڙ ڪري هن کي روڪڻ لاءِ ٽپو ڏئي اٿيو. پر تيستائين دير ٿي چڪي هئي. هن بٽڻ دٻائي ڇڏيو ۽ پوءِ هڪ وڏو ڌماڪو ۽ سڀ ڪجهه ختم.“

# چتو ڪُتو

اج مونکي چتي ڪتي کي مارڻو هو. هن ڪتي علائقي جي ڪيترن ئي ٻارن، نوجوانن ۽ پوڙهن کي ڏاڍو بيدرديءَ سان ڏاڙهيو هو. ڪيترن ئي گهرن ، اسڪولن، ڪاليجن، مسجدن ۽ مدرسن ۾ وڃي ماڻهن کي پنهنجو نشانو بڻائي چڪو هو. پر خبر نہ آهي تہ ڇو ماڻهو هن جي حملي ڪان بي خوف هئا. آءُ جيترو پريشان ۽ ڏنل نظر پئي آيس، ايترو پريشان ۽ ڏنل ماڻهون نظر نہ پئي آيا . جيڪي هن جا ڪاڏل هئا اهي تہ خير پنهنجي آپي ۾ ئي نہ هئا، پلي ڪٽي انهن کي دردناڪ 14 ٽڪا ڇو نہ لڳا هجن پر جيڪي اجان هن جو ڪاچ نہ بڻيا هئا، اهي بہ هن جي چڪ کان بي خوف هئا.

هونءَ تہ ڊاڪٽر چوندا آهن تہ ڪتو جيڪڏهن چتو ٿي پوي تہ هو پاڻ ئي هڪ ٻن ڏينهن ۾ مري ويندو آهي پوءِ يا تہ ڳولهي اُن کي مارجي يا وري ماڻهن کي هن جي چڪ کان بچائجي، تہ جيئن هن جو وائرس ماڻهن ۾ داخل ٿي نہ سگهي، نہ تہ وري ماڻهن ۾ بہ چتي ڪتي واري ڪيفيت طاري ٿي ويندي. پر هي عجيب ڪتو هو. ڏسڻ ۾ جرمن شيفرڊ پئي لڳو پر ڪجھ خصلتون منجهس آمريڪن بلڊاگس واريون بہ هيون، عجيب ڳالھ تہ هو سال ۾ هڪ بہ چڪر چتو ٿيندو هو پر پوءِ بہ مرندو نہ هو. هن جا ڏاڙهيل ماڻهو ڪڏهن بہ صحيح نہ ٿيندا هئا ۽ مرندي گهڙيءَ تائين هن وانگر پيا ڀونڪندا رهندا هئا.

گهڻو عرصو اڳ اسڪالرشپ تي ويل هڪ شاگرد پڙهائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ مغرب مان اسان لاءِ هي تحفو کڻي آيو هو. هن جي خوبصورتيءَ ۽ من موهيندڙ حرڪتن ماڻهن جي دلين ۾ جلد پنهنجو گهر ناهي ورتوهو، آهستي آهستي هن جي ويجهڙائپ هڪ گهر کان سڄي علائقي جي گهر گهر ۾ گهٽي گهٽي سان ٿي وئي هئي. سڀ سانڍس ڀرپور پيار ڪندا هئا، سڀن کي ڏاڍو وڻندو هو اهڙي تہ پيار سان پڇ لوڏائي هر ماڻهو اڳيان ٻيهندو هو جو هر ڪنهن کي هن سان پنهنجائپ ۽ ويجهڙائپ جو قرب ملندو هو. سڀن جو پيارو هجڻ ڪري هن کي ايترو ڪجھ ملندو هو جو ڪائي پي متارو ٿي ويو هو. علائقي جي اسڪول توڙي ڪاليج اندر وڃڻ ۾ بہ هن تي ڪا پابندي نہ هئي. وڏي ڳالھ تہ علائقي جي مسجد جو ملان ۽ مدرسي جو مولوي بہ هن کي حڪارت سان نہ ڏسندا هئا.

مون کي الائي ڇو شروع کان وٺي هن مان ڪرپ ايندي هئي. ڇو تہ آءُ اهو ڄاڻندو هئس تہ هو ڪڏهن بہ چتو ٿي سگهي ٿو. هن جي هڪ عادت ڏاڍي خراب هئي جو هر ڀيري گندگيءَ مان اٿي وڃ ماڻهن ۾ اچي پنهنجي جسم کي ائين ڇنڊيندو هو جو سڀن کي اها غلاظت ٿڦي ڇڏيندو هو. پلي ڪٽي هو سڀ کي نہ کائيندو هو پر هن جي نجاست جو شڪار هر ڪو پيو ٿيندو هو.

پر هاڻي تہ هو صفا چتو ٿي ويو هو ان کان اڳ جو هو پنهنجو وائرس علائقي جي سڀن ماڻهن ۾ ڦهلائي ڇڏي ، مون هن کي مارڻ جو پڪو پهہ ڪري ورتو هو. گهر وڃي پيٽي ۾ لڪائي رکيل بابا سائين

جي پراڻي برمنگهم جي ٻنالي بندوق ڪڍيم. گهر وارا پريشان ٿي ويا تہ الله خير ڪري وري الائي ڇا ٿيو مون هنن کي ٻڌايو تہ اڄ مونکي ڇتو ڪتو مارڻو آهي.

آءٌ بندوق کڻي هن جي ڳولا ۾ نڪتس. پاڙي ۾ جنهن بہ مونکي هٿ ۾ بندوق ڏٺي پريشان ٿي پئي ويو. رستي تان ويندي حافظ الله ڏنو مليو جيڪو ظهر جي نماز پڙهائي مسجد مان ٻاهر پئي آيو. هن منهنجي هٿ ۾ بندوق ڏسي حيران ٿيندي پڇيو.

”ابا حَسن! خير تہ آهي نہ ڪيڏانهن هي بندوق کڻي نڪتو آهين؟.“

مون کيس ٻڌايو.” سائين! اڄ آءٌ هن ڇتي ڪتي کي مارڻ نڪتو آهيان، جنهن سڄي علائقي کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي“

حافظ سائينءَ وڏي معصوميت مان چيو. ”نہ ڪر ابا! ڇا توکي خبر نہ آهي تہ هو هر ماڻهوءَ جو هر دلعزيز آهي، سيني کي گهڻو پسند آهي. هو پنهنجي من موهيندڙ حرڪتن سان سڀن کي لپائيندو آهي، جيڪڏنهن تون هن کي مارينديں تہ سڀ تنهنجي خلاف اٿي اُڀا ٿي پوندا، پوءِ تون ڇا ڪندين؟“

مون هن جي مٿي تي اڇي ٽوپي ۽ هٿ ۾ تسبيح تي نظر وجهندي چيو.

”سائين اوهان کي خبر بہ آهي تہ هو نجس آهي ۽ نجس شيءِ جو مسجد، مندر ۽ گرجا گهر ۾ وڃڻ ممنوع آهي ان باوجود بہ ڪا عبادتگاه هن جي غلاظت کان محفوظ نہ آهي،۽ جڏهن هو پنهنجي غلاظت سان هر مقدس شيءِ جي تقدس کي پامال ڪري ٿو اُن وقت تہ سيني تي خاموشي طاري رهي ٿي ۽ هاڻي جڏهن هو ڇتو ٿي ويو آهي ۽ آءٌ اُن کي ماريندس تہ سڀ منهنجي خلاف اٿي اُڀا ٿيندا ؟“

حافظ الله ڏني مونکي فڪرمند نظرن سان ڏسندي چيو.

”ڀلي پٽ! پنهنجي مرضي اٿئي. باقي مونکي تہ لڳي ٿو هن ڇتي ڪتي جي ڪري سڀ ماڻهو تنهنجي مٿان نہ ڇتا ٿي پون“.

مون هن جي ڳالهہ کي اڻٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ اڳتي پنهنجي منزل ڏانهن وڌيس. جيئن اڳتي وڌيس تہ سامهون اسڪول جي گيٽ تي نظر پئي سوچيم متان اتي نہ وڃي لڪو هجي ڇاڪاڻ تہ هونءَ بہ اسڪول طرف گهڻو ايندو ويندو هو. چوڪيدار منهنجي هٿ ۾ بندوق ڏسي اڳيان اچي بيهي رهيو ۽ اندر وڃڻ نہ ڏنائين ، مون هن کي ٻڌايو.

”آءٌ هن ڇتي ڪتي کي مارڻ لاءِ ڳولهي رهيو آهيان متان اسڪول اندر لڪو وينو هجي“

هن چيو ”سائين هونئن تہ هيڏانهن ايندو ويندو آهي، پر اڄ مون هن کي نہ ڏٺو آهي“

”تون هن کي ڏسندي بہ اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان نہ روڪيندو آهين، توکي اهو خيال بہ نہ ٿيندو آهي تہ ڪٿي ڪنهن ٻار کي ڏاڙهي وجهي تہ پوءِ؟“

هن پنهنجي مجبوري ٻڌائيندي چيو. ”سائين آءٌ هن کي ڪيئن روڪيندس، هو سڌو هيڊ ماستر صاحب جي آفيس ۾ بہ هليو ويندو آهي تہ هو هن کي نہ روڪيندو آهي. شاگرد تہ هن مان ايڏو مانوس ٿيل آهن جو هتي تہ ڇا، گهرن ۾ وڃي بہ هن جون ڳالهيون ڪندا آهن. سائين اسان جي اسڪول ۾ تہ هن جون

ڪماٽيون مشهور آهن تہ هو ڪيڏو نہ پيارو ڪتو آهي، هن جي پونڪڻ ۽ عجيب و غريب حرڪتن جو شاگردن تي اهڙو تہ اثر پيو آهي جو هنن بيهودگيءَ ۽ بيحيا ئيءَ کي فن ، ثقافت ۽ تهذيب جو نالو ڏئي پاڻ کي ۽ اسڪول کي بيحيائيءَ جو اهڃاڻ بڻائي ڇڏيو آهي ۽ وري پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ عورت ، مزدور ، استاد ، ۽ شاگرد وغيره جي آزادي جا نعره هڻي عورت کي عزت کان، شاگرد کي پڙهائيءَ کان ، استاد کي پڙهائڻ کان ۽ سماج کي قدرن کان آزاد ڪرائڻ ۾ لڳي ٿا وڃن. هن در تا ٽڪر ڀنندڙ ڪتي کي ڏسي ڪري شاگرد هر ان شخص اڳيان پڇ لڏائيندا ٿا وتن جتان هنن کي جعلي ڊگري، جعلي نوڪري ۽ جعلي عهدو ملڻ جي اميد هوندي آهي.“ هن ڇتي ڪتي جون وصفون بيان ڪندي چيو.

”چا، اسڪول جي هيڊماستر کي خبر نہ آهي، تہ هن ڇتي ڪتي ڪيترن ٻارن کي ڏاڙهيو آهي؟“ مون هن کان پڇيو.

هن ٻڌايو. ”سائين هن کي تہ پنهنجي بہ خبر نہ آهي، تہ ڪيس ڪنهن ڇتي ڪتي ڪاٽو آهي يا نہ. اسڪول جي شاگردن جي هن کي ڪهڙي خبر! بس هن جو اهو ڪم آهي تہ رڳو اهو چيڪ ڪري تہ اسڪول ۾ ٻارن کي مليل نصاب صحيح پڙهايو پيو وڃي يا نہ. اُهو نصاب جنهن سان شاگرد سٺا انسان نہ پر پڙهيل لکيل سٺا نوڪر بڻجي سگهن“.

مون اسڪول جو جائزو ورتوءِ هر ڪنڊ پاسي کي جاچي ڏٺم. ڪتي بہ اهو ڪتو نظر نہ آيو. سوچيم تہ متان ڪاليج ڏانهن ويو هجي، ڇاڪاڻ تہ اتي هن لاءِ لڪڻ جون گهڻيون جايون هيون پوءِ اتان سڌو ڪاليج جو رخ ڪيم. واٽ تي ويندي ويندي ياد آيم تہ منهنجي ڪاليج جي ڏينهن دوران اُن ڇتي ڪتي هڪ شاگرد کي چڪ هنيو هو ۽ هن جي چڪ لڳڻ کان پوءِ اُن شاگرد ۾ عجيب قسم جي پونڪ پيدا ٿي هئي. هن مان ڪاليج جي استادن جو تہ ڇا پر ماءُ پيءُ جو بہ ادب احترام نڪري ويو هو. ڇتي ڪتي جي چڪ کان پوءِ هُن جو پڙهائيءَ ڏانهن ڌيان گهٽ تقريرن ۽ جلسن ڏانهن ڌيان وڌي ويو هو. ڇڱو ڀلو نيڪ نمازي ڇوڪروشراب ۽ شباب جو متوالو ٿي ويو هو جنهن شخص کي هن دنيا جي پرواهہ نہ هجي اُن جي آخرت جي پوءَ جِي ڇا ڳالهہ ڪجي. مذهب ۽ مذهبي مُقدسا ت کي سرِعام گهٽ وڌ ڳالهائيندو وتندو هو پر ڪير بہ هن کي خاموش ڪرائي نہ سگهندوهو. ڇو تہ هو ڇتو ٿي ويو هو ۽ ڇتو ڪنهن کي بہ چڪ هڻي ٿي سگهيو.

ڪاليج جي چوڪيدار منهنجي هٿ ۾ بندوق ڏسندي بہ اندر وڃڻ کان نہ روڪيو ڇاڪاڻ تہ اڄ ڪلهہ ڪاليج ۾ هٿيار کڻي وڃڻ فيشن ۾ شمار ٿيندو آهي. آءٌ سڌو پرنسپل جي آفيس ۾ ويس. هو منهنجي هٿ ۾ بندوق ڏسي پريشان ٿي ويو۽ رڙ ڪندي چيائين.

”ڪجهہ دير اڳ تہ تنهنجا ساٿي امداد جي رقم ۽ جلسي ۾ وڃڻ لاءِ بہ بسون وٺي ويا آهن وري تون ڇو آيو آهين؟“

” سائين آءٌ ڪنهن تنظيم طرفان نہ پر علائقي وارن طرفان آيو آهيان، هو ڪتو هاڻي ڇتو ٿي پيو آهي، جيڪو اوهان جي ڪاليج ۾ اڪثر ڏٺو ويو آهي ، اڄ مون هن کي مارڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي تنهن

ڪري اوهان وٽ آيو آهيان ته متان اوهان کي ڪا خبر هجي.“ مون ڪيس سمجهائيندي چيو.
پرنسپال حسرت ڀريل نگاهن سان ڏسندي چيو.
”ڪاش! هن ڪتي جي مونکي خبر هجي ها ته مان به تو سان گڏ ڪيس مارڻ هلان ها، هن منحوس ڪتي مونکي تمام گهڻو تنگ ڪيو آهي. جڏهن کان هن ڪاليج ۾ پير رکيو اٿس تڏهن کان ڪاليج ۾ ڪلاسن کان وڌيڪ پارٽيون ٿي ويون آهن ۽ هر پارٽي پاڻ کي سڀ کان وڏ قوم پرست ، حق پرست، سماج سڌارڪ ۽ انقلابي هجڻ جي دعويٰ پئي ڪري. هر شاگرد تي رڳو چي گويرا، نيلسن منڊيلا، لينن ۽ ڪارل مارڪس ٿيڻ جو ڀوت سوار ٿي پيو آهي، جڻ ته راوڻ جي ظلم جي لنڪا ڏاهي قوم کي آزاد ڪرائڻ وارو رام، فرعون جي اقتصادي، طبقاتي ۽ جبري غلبي کا قوم کي آزادي ڏيارڻ وارو موسيٰ ، آزر جا بت ڀڃي، نمرود جهڙي خدا جي انڪاريءَ کان قوم کي آزادي ڏيارينڌڙ ابراهيم ۽ ابو جهل، ابولهب جي جهالت ۾ قيد امت کي علم جي نور سان هميشه لاءِ آزاد ڪرائڻ وارو پيارو پيغمبر حضرت محمد صلى الله عليه وسلم دنيا۾انقلاب سمجها ئڻ آيا ئي نه هئا. هر ڏينهن هڙتال ۽ هر ڏينهن ڪارو ملهائي پنهنجي تعليمي مستقبل کي ئي ڪارو ڪري ڇڏيو اٿن، رياست ۾ لفاظي انقلاب جي دوکي ۾ تعليمي ادارن ۾ انقلابي تباهي پيا آڻن“.
هن وڌيڪ چيو” آءُ پاڻ سمجهان ٿو جيستائين اهو ڪتو نه مرندو تيستائين شاگرد ان لفاظي انقلاب جي چار مان نه نڪري سگهندا“.

پرنسپل ته ذري گهٽ اٿي مونسان گڏ ڪتي جي ڳولا لاءِ نڪتو پئي پر مون ڪيس سمجهائي آفيس ۾ ويهاريو ۽ پاڻ ڪاليج ۾ ڳولهڻ لاءِ نڪري ويس. مون ڪاليج جي لان جو رخ ڪيو،لان عمارت جي پوئين طرف هو جتي چوڌاري وڏيون جهاڙيون هيون ، جن ۾ هو لڪي سگهيو ٿي، آءُ اڳتي وڌيس ته هڪ وڻ پنيان ٿورڙي چرپر ٿيندي محسوس ٿي، ٿورو اڳتي وڌيس ته سامهون ڪتو بيٺو هيو. مون کي ڏسندي ئي سمجهي ويو ته آءُ ڪيس مارڻ آيو آهيان . وٺي بل ڏئي اتان ڀڳو مون پويان به فائر ڪيا پر منهنجو نشانو خطا ٿي ويو. ڪتو ڪاليج جي گيٽ کان ٻاهر بل ڏئي ڀڄي ويو پر هاڻِ مونکي گهٽ ۾ گهٽ اهو يقين ٿي ويو ته هو وري ڪاليج ۾ اچڻ جي همت نه ڪندو.

هن ڇتي ڪتي پاڙي ۾ رهي ڪري گهڻا ڪرتب سکي ورتا هئا صبح جو جيئن هاڪر اخبار ڦٽي ڪندو هو هي مالڪ کي ناشتي کان اڳ وڃي بيڊ تي اخبار ڏئي ايندو هو جڻ ته اخبار هن جي خبرن سان ڀري پئي هجي، هر ڪنهن سان هٿ ائين گرم جوشيءَ سان ملائيندو هو جيئن فرنگي فوجي پنهنجي ڀوري آفيسر سان ملائيندا هئا، سلوٽ ته وري ائين ڪندو هو جڻ نازي فوجي هٽلر اڳيان بيٺو هجي.

هن جي پنيان وڃڻ کان اڳ ضروري سمجهيم ته رستي ۾ ايندڙ ميونسپالٽي آفيس ۾ اطلاع ڏيندو وڃان ته جيئن اهي به هن ڪتي کان آگاهه ٿي وڃن ۽ پنهنجا ماڻهون به هن کي پڪڙڻ لاءِ موڪلن. مون جيئن ئي ميونسپل ايڊمنسٽريٽر وٽ پهچي هن کي ڇتي ڪتي جي باري ۾ ٻڌايو ته ايڊمنسٽريٽر وراڻيو.

”سائين اسان انهن ڪتن کي، نہ پڪڙي ٿا سگهون ۽ نہ ئي وري ماري ٿا سگهون . جن ڪتن جي ڳچيءَ ۾ پٽو لڳل هجي ۽ هن ڪتي کي تہ ڳهٽا ئي پٽا لڳل آهن. اسين هن کي ڪيئن ٿا پڪڙي سگهون؟“
مون کيس ٻڌايو ”سر هو ڇتو ٿي ويو آهي، هن ڪان علائقي جي عوام کي تمام گهڻو خطرو آهي، مهرباني ڪري هن کي پڪڙيو ڪٿي دير نہ ٿي وڃي ۽ پوءِ پاڻ وينا هٿ مهٽيون“.
هن معذرت ڪندي چيو. ” سائين! اها تہ اسان کي گهڻو اڳ ئي خبر هئي تہ هو ڇتو ٿي چڪو آهي، پر پوءِ بہ اسين ڪجهہ نہ پيا ڪري سگهون، ڇاڪاڻ تہ هن جي ڳچي ۾ لڳل پٽن، اسان کي مجبور ڪيو آهي، جيڪڏهن اسان هن کي پڪڙيو تہ سڀ ڪان اڳ انهن پٽن جا مالڪ اسان جي ڳچيءَ ۾ پٽا وجهي جيل اماڻيندا يا وري هن وانگر آزاد ميڊيا تي، اسان خلاف لائيو ٽرانسميشن ڏيکاري ويندي تہ ڪيئن اسان هڪ مظلوم کي پڪڙيو آهي. جي ائين نہ ٿيو تہ سياڻي جي اخبار ۾ اچي ويندو تہ اسان هڪ قومي اثاثي کي ڏک رسايو آهي ۽ پوءِ سياڻي توهان ئي منهنجي خلاف لکيل هر اخبار مان چونڊي ڪالم پڙهي ٻڌائيندوءَ تہ مان قوم ۽ ڌرتي جو غدار آهيان“.
آءُ ڇڱيءَ طرح سمجهي ويس تہ ڪتي جي ڳچيءَ ۾ پيل پٽا، ڪتي جي آزاديءَ ۽ هن جي غلاميءَ جو سبب آهن. بهرحال آءُ خاموشيءَ سان اُٿان نڪري آيس ۽ سوچيم تہ جيڪي ڪجهہ ڪرڻو آهي، اهو مونکي ۽ علائقي جي ماڻهن کي ڪرڻو آهي. اهو سوچي فيصلو ڪيم تہ ڇو نہ پاڻ سان ڪجهہ ماڻهن کي گڏ ڪجي تہ جيئن هن کي هٿ ڪرڻ ۾ سهولت ٿئي. هونءَ بہ چوندا آهن ”ٻہ تہ ٻارنهن“. اهو سوچي آءُ سڌو وڏيري سائينداد جي اوطاق تي ويس، مون سمجهيو پئي تہ سڀ ڪان وڌيڪ هن ڪتي ڪان خطرو وڏيري کي هجڻ گهرجي، اهو اُن ڪري جو سڀ ڪان وڌيڪ هن ڪتي وڏيري جي هارين کي ڏاڙهيو آهي، هن جو ڏاڙهيل هڪ ڪمدار تہ ڇتو ٿي هن کي ڇڏي وڃي ڪنهن سياسي پارٽي ۾ شامل ٿيو هو ۽ هن خلاف اوستائين پونڪندو رهيو جيستائين اليڪشن کٽي اسيمبليءَ ۾ نہ پهتو.
”وڏيري سائيندادا کي ٻڌاءِ تہ محمد حسن ملڻ آيو آهي.“ نوڪر نڪتو تہ مون کيس چيو.
وڏيرو اوطاق ۾ مونسان مليو مون کيس چيو.” سائين هو ڪتو تہ هاڻي صفا ڇتو ٿي پيو آهي، هلو تہ هلي اُن کي ماريون. توهان جي تہ گهڻن هارين کي هو ڏاڙهي چڪو آهي.“
وڏيري وڏي پر سڪون انداز ۾ وراڻيو.” ابا مونکي تہ هن ڇتي ڪتي مان ڪو ڊپ ڪونهي. هن جيترا منهنجا هاري ڏاڙهيا آهن، ان ڪان وڌيڪ مونکي ملي ويا آهن، الحمدالله زمين بہ مونکي اڳ ڪان جهجي آهي . اڳ تہ آءُ رڳو زميندار هيس، پر هاڻي تہ سياست ۾ بہ پير پاتو اٿم“.
مون کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ”پر سائين هو اوهان جي زمينداري ۽ سياست ٻنهي لاءِ خطرو آهي. هن جي ڏاڙهيل ماڻهونءَ لاءِ وڏيرو تہ ڇڻ وڏو دشمن آهي ڪير توهان جي وڏيرائپ قبول ڪندو . ڪير توهان کي ووٽ ڏيندو.“
وڏيري سائينداد کلي چيو.” اڙي ڇريا! هن جي ڪري منهنجا ماڻهون ايترا خراب ۽ منهنجا ووٽ ايترا نہ ڪريا آهن، جيترو هن جي ڪري نوجوانن جي تعليم، عقل ۽ شعور هيٺ ڪريو آهي ۽ تون ڇڱي طرح

سمجهي سگهين ٿو تہ گهٽ تعليم ۽ ڪم عقليءَ جو نتيجو بيروزگاري ۽ بدحالي آهي ۽ جتي بيروزگاري هوندي اُتي مونکي هاري بہ ملي ويندا تہ ووٽ بہ".

وڏيري مونکي حيران ڪري ڇڏيو. مون پنهنجي حيرانگي ساڻ کڻي اتان نڪرڻ ۾ ئي بهتري سمجهي ۽ نڪري سڌو هڪ ديني مدرسي جو رخ ڪيم، مونکي پڪ هئي تہ هتان مونکي هن ڇتي ڪتي کي مارڻ لاءِ ضرور بہ ٽي ماڻهون ملي ويندا، آءُ مدرسي ۾ سڌو مولوي صاحب جي حجري ۾ ويس. جيڪو منهنجي هٿ ۾ دونالي بندوق ڏسي حيران ٿي ويو۽ ائين اچڻ جو سبب پڇڻ لڳو.

مون مولوي صاحب کي چيو "سائين! هو پاڙي وارو ڪتو ڇتو ٿي پيو آهي، مونکي ڪجهہ ماڻهون ڏيو ۽ پاڻ بہ هلو تہ هلي ان ڇتي ڪتي کي ماريون. هن علائقي جي ڪيترن ئي ماڻهن کي ڏاڙهيو آهي ۽ هن جو ڏاڙهيل چاهي جوان هجي يا پوڙهومرڻ گهڙيءَ تائين اوهان جي مدرسي جو رخ نہ ٿو ڪري ۽ نہ ئي وري اوهان جو لکيل مواد ٿو پڙهي. مون تہ اوهان جي ڪيترن شاگردن کي هن ڪتي جو نشانو بڻجندي ڏٺو آهي".

مولوي صاحب وڏي اطمينان سان فرمايو" سائين الحمدالله! اسين هن ڇتي ڪتي کان گهڻو بچيل آهيون، مون پنهنجن شاگردن کي اهڙي ويڪسين ڪرائي ڇڏي آهي جو هن ڇتي ڪتي جو وائرس تہ ڇا، پر مدرسي کان ٻاهر جي ڪا بہ شيءِ هنن تي اثر انداز نہ ٿيندي. باقي ڳالهہ جيستائين علائقي جي ماڻهن جي آهي، سو اهو اسان جو ڪم نہ آهي، اها ذميداري رياست ۽ رياست جي ماڻهن جي آهي اسان جو ڪم ماڻهن کي نمازپڙهائڻ ۽ عبادات سيکارڻ آهي، سو اسين هتي آرام سان ڪيون پيا باقي ٻاهرين ماڻهن سان اسان جو ڪهڙو ڪم؟"

مون حيران ٿيندي چيو " ڇو سائين! توهان صرف انهن ئي شاگردن کي پيا پڙهائيندا، جيڪي هن وقت اوهان جي مدرسي ۾ پڙهن پيا ؟ ڇا اوهان کي نوان شاگرد نہ کپن ؟ ۽ ڇا اوهان ٻين ماڻهن لاءِ نہ سوچيندا ؟ انهن کي ڀلائي جي راهہ نہ ڏيکاريندا تہ اهي ڪيئن هن ڇتي ڪتي مان جان ڇڏائن".

هن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو. "بابلا! جن مونکي پنهنجا ٻار ڀريان ڏنا آهن اتان مونکي شاگرد پيا ملندا رهندا. باقي رهي ڳالهہ ماڻهن کي آگاهي ڏيڻ جي، تہ مون گهڻو وقت اڳ۾ ڪوشش ڪئي هئي، تہ ان ڇتي ڪتي کان ڀچندڙ نقصانن کان ماڻهن کي آگاهہ ڪيان، پر ماڻهن کي منهنجون عقلي ڳالهيون نہ پر ڪتي جو ڀونڪڻ پسند پئي آيو، سو مون بہ کڻي چپ ڪئي، هاڻي اسان کي هن مدرسي ۾ نمازوعبادات سيکارڻ لاءِ ڇڏي ڏيو باقي اوهان ڄاڻو اوهان جا ڪم ".

منهنجي حيرت جي ڪا حد نہ رهي ، هن ڪتي جا بہ وڏا شڪار وڏيرو ۽ روائتي ملان ايترا مطمئن هئا. آءُ تہ ائين پيو سمجهان تہ هن ڇتي ڪتي ڪري ٻنهي کي ڳچ نقصان رسيو هوندو پر مان غلط هيس هن ڇتي ڪتي کان انهن کي ڪو خطرو نہ هو . جيڪڏنهن خطرو هو تہ عام ماڻهوءَ کي. علائقي ۾ هن جي موجودگيءَ اسڪول ،ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي نظام کي تباهہ ڪري ڇڏيو هو جنهن سان نوجوانن جي علمي ساڃاهہ ۽ عقلي اوسر مسلسل هيٺ ڪري رهي هئي، جنهن پوري علائقي جي

شعور کي ڇيھو رسايو ھو.

ھاڻي پاڻ کي پنھنجي بندوق سان گڏ اڪيلو محسوس ڪيم ۽ فيصلو ڪيم تہ ھن ڇتي ڪتي کي اڪيلوئي انجام تي پھچائيندس. آءٌ مدرسي مان نڪري گھٽين ۽ گھرن جي پاسن کان ڇتي ڪتي کي ڳولھڻ لڳس. ھڪ گھٽيءَ جي ڪنڊ کان ھو مونکي نظر آيو مون تي نظر پوندي ئي وٺي ڀڳو. ھن جي اڳيان ھڪ بند گھٽي ھئي. مون بند وق کي لوڊ ڪيو ۽ دل ۾ سوچيم تہ ھاڻي ھي ڪتو منھنجي ھٿان ختم ٿيندو، پر ان کان اڳ جو آءٌ مٿس فائر کوليان ھا، ھو ٽپو ڏئي پر واري بنگلي ۾ گھڙي ويو.

مون بنگلي جو در کڙڪايو. در کليو ۽ منھنجي سامھون علائقي جو ھڪ وڏو نالي ماتر عوام دوست، قوم پرست ۽ سماج سڌارڪ قلم ڪار بيٺو ھو، جنھن مونکي اُن وقت بندوق سان گڏ پنھنجي گھر جي سامھون ڏسي حيران ٿيندي دڙڪي سان پڇيو.

”ڇا ٿيو آھي؟ ڇو ھن وقت بندوق کڻي دھشت ٿو ڦھلائيندو وتين، وڃ وڃين گھر آرام ڪر ۽ ٻين کي بہ سڪون جو ساھہ کڻڻ ڏي“.

مون ھن کي ٻڌايو.” ادا! ھو ڇتو ڪتو اوھان جي گھر ٽپي آيو آھي ۽ مون کي اڄ اھو ڪتو مارڻو آھي“.

ھن ڪاوڙ مان چيو” اڙي! ڇو ڇتو ٿيو آھين؟ ھو ھڪ معصوم جانور آھي ۽ جانورن کي بہ جيئڻ جو حق آھي. ھو ھڪ سھڻو ۽ سنو ڪتو آھي ۽ ھن سيني ماڻھن کي پئي خوش ڪيو آھي، ڪنھن کي بہ ڪو نقصان نہ پھچايو اٿس، باقي تو کي الائي ڪھڙي ھن مان تڪليف آھي“.

مون کيس جواب ڏنو.” ادا سيني کي بلڪل جيئڻ جو حق آھي، پر ھي ڪتو ڇتو ٿي چڪو آھي ۽ ھن جو ڪاڌل ھر ماڻھون ھن وانگر ڇتو ٿي پوڻڪڻ لڳو آھي، ان کا اڳ جو اسين سڀ ھن جي وائرس جا شڪار ٿي وڃون ۽ پونڪڻ لڳون آءُ ھن قصي کي ھميشہ لاءِ ختم ٿو ڪرڻ چاھيان، پليز! اوھان منھنجي اڳيان پري ٿي وڃو“.

ھن ويتر ڪاوڙ مان چيو ” آءٌ تو کي ڪڏھن بہ ھن کي مارڻ ڪونہ ڏيندس، ھر ڪنھن کي پنھنجي خيالن جي اظھار جي آزادي آھي، جي ھن کي اڃي ئي پونڪڻ ٿو تہ ھو پونڪي ئي اظھار ڪندو نہ“.

مون وري کيس سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي” ادا! ھن پاڙي جي ڪنھن ٻار، ڪنھن جوان ڪنھن پوڙھي کي نہ ڇڏيو آھي، سيني کي پنھنجي چڪ جو نشانو بڻايو اٿس، ھن جو وائرس اسان جي علائقي، اسان جي نسل ۽ سڄي قوم لاءِ خطرو آھي. اوھان نہ سمجھندا، اوھان پري ٿيو آءٌ اڄ ھن کي نہ ڇڏيندس.“

ھن ٿڌي دماغ ۽ اطمينان سان چيو ” ڇا ! توکي ڪنھن دانھن ڏني آھي؟ ڇا توڏي ڪو پنھنجو زخم مرھم رکڻ لاءِ کڻي آيو آھي؟“ آءٌ لا جواب ۽ حيران ٿي ويس ھن وڏيڪ چيو.

”تون بغير ڪنھن ثابتيءَ، بغير ڪنھن شڪايت جي ھن ڪتي کي نہ ٿو ماري سگھين، تون ڏسين نہ پيو تہ ھن جي ڳچيءَ ۾ ڪيترا پٽا پيل آھن اھو ھن سان ماڻھن جي ھمدردي جو ثبوت آھي، جيڪڏھن تون يا ڪير بہ ھن کي مارڻ جي ڪوشش ڪندو تہ آءٌ اھو ڪونہ ڪرڻ ڏيندس تون ھاڻي جو ھاڻي ھتان ھليو وڃ.“

هن جو اهو چوڻ ۽ ڪتو پچ لوڏائي اچي هن جي پيرن ۾ ويهي رهيو ۽ پوءِ مون سمجهيو. "ڪتو پلي چتو ٿي وڃي، پر پنهنجي مالڪ کي سڃاڻيندو آهي . "

اُن وقت آءُ زمان و مڪان جي قيد مان آزاد ٿي ويس، منهنجون سوچون مونکي مختلف زمانن ۽ مڪانن ۾ گردش ڪرائينديون رهيون ۽ منهنجي ذهن جي ياداشت جي خانن ۾ نقش چٽينديون رهيون، چٽا ۽ صاف نظر ايندڙ نقش جن مونکي سمجهايو پئي تہ هر دور ۾ ڇتن ڪتن ، قومن ۽ نسلن جي علم، عقل، شعور ۽ ساڃاه کي ڪيرائي تباهہ ڪيو آهي ۽ هر دور ۾ مفاد پرست ۽ وڪاميل عوام دوست، قوم پرست، سماج سڌارڪ قلم ڪار ڪيس بچائيندو رهيو آهي.

آءُ بيوس ۽ لاچار ٿي پنهنجي برمنگهم جي بندوق سان گڏ گهر واپس وريس. بندوق ڦٽي ڪري قلم کنيم ۽ پاڻ کي سمجهايم تہ جيڪا شيءِ قلم سان مري ان کي بندوق سان ڇو مارجي ڇاڪاڻ تہ هيءَ طاقت جي نہ پر شعور جي جنگ آهي ۽ شعور جي جنگ قلم سان ئي کٽي سگهجي ٿي.

# ڏپ

ڪجھ ڏينهن کان وٺي مونکي پاڻ ۾ عجيب قسم جي ڏپ محسوس ٿي رهي هئي، خبر نہ آهي تہ اها ڏپ ڪهڙي قسم جي هئي ڪٿان پئي آئي، ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳم پئي تہ جڻ رستي تي هلندي جوتن ۾ ڪا غلاظت چنبڙي پئي هجي جنهن ڪري شايد ڏپ ايندي هجي ڪڏهن وري ائين لڳم پئي تہ جڻ ڪا گندگي ڪپڙن کي چنبڙي پئي هجي جنهن ڪري ماحول ۾ ڏپ ڦهلجي وئي هجي پر عجيب ڳالھ اها هئي تہ ڪپڙن ۽ جوتن کي جاچڻ کان پوءِ بہ ڪٿي ڪا غلاظت يا گندگي جو نشان نہ لڀي. پريشانيءَ جي ڳالھ اها هئي تہ آخر اها ڏپ آئي ڪٿان پئي. آءٌ هونءَ ئي پاڻ کي صاف سٿرو رکندو هئس پر اڄڪلھ تہ وڌيڪ محتاط ٿي ويو هئس، صبح جو وهنجڻ لاءِ اڌ ٽينڪ خالي ڪري پوءِ باٿ روم مان ٻاهر نڪرندو هئس. بيگم ائين ڏڪندي ڏڪندي ڌوتل ۽ صاف ڪپڙا ڪڍي اڳيان بيهندي هئي جيئن پاڻ اسڪول ۾ ماستر اڳيان سليٽ ڪڍي بيهندا هئا سين. سني کان سنو ڊيوڊرنٽ ۽ مهانگي کان مهانگيِ پرفيوم هڻي جڏهن گهر کان نڪرندو هئس تہ ڪجھ ڏپ جو احساس گهٽ ٿيندو هو. گهر کان آفيس ۽ آفيس کان دوستن سان ڪچهري ڪري جڏهن گهر پهچندو هئس تہ ڏپ جو احساس اڃان بہ وڌي ويندو هو، ائين لڳندو هئم جڻ هاڻي ڪنهن غلاظت سان ڀريل گٽر ۾ ڪري ٻاهر نڪتو هجان.

ڪپڙن کي چڱيءَ طرح جاچي ڏسندو هئس پر ڪو نشان هجي تہ نظر اچي ، جوتن ۾ تہ ذري گهٽ اندر گهڙي وڃي ڪا غلاظت ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو هئس پر ڪٿي ڪنهن شي جو نالو نشان نہ ملندو هئم. بيگم روز روز ڪپڙا ڌوئي بي حال ٿي وئي هئي. اڳي تہ ڪپڙن جو جوڙو هڪ بہ ڏينهن ڪڍي وٺبو هو پر هاڻي هڪ دفعو لاٿل وڳو وري پائڻ تي دل ئي نہ چوندي هئي. جي گهڻو وقت گهر رهي اڪيلو گذاريندو هئس تہ ڏپ جو اثر ڪجھ گهٽ ٿيندو هئم پر جيترو ٻاهر نڪرندو هئس اوترو ڏپ جو احساس وڌي ويندو هو. آفيس کان موٽي اچڻ کان پوءِ تہ ائين ڀائيندو هئم تہ جڻ ڪنهن ڀنگي پاڙي مان ٿي آيو هجان ، جي وري ڪجھ دوستن سان ڪٿي چانھ يا ڪافي پي موٽندو هئس تہ ائين لڳندو هئم تہ جڻ گند جو ٽوڪرو مٿي تي کڻي گهر ايندو هجان، ۽ وري ڪنهن شادي جي دعوت، سوشل گيدرنگ يا آفيشل ڊنر کان پوءِ گهر موٽندي ائين لڳندو هئم جڻ ڪنهن شخص ڪن ڦٽ کائي منهنجي ڪپڙن مٿان اُلٽي ڪري ڇڏي هجي، پوءِ تہ الاهي ڪيئن پنهنجي الٽيءَ تي ڪنٽرول ڪري گهر پهچندو هئس، جيستائين وهنجي سهنجي صاف ٿي ڪپڙا مٽائي نہ ويهندو هئس تيستائين مزو ئي نہ ايندو هو.

مزي جي ڳالھ اها هئي تہ اها ڏپ مونکان سواءِ ٻيو ڪنهن کي بہ نہ ايندي هئي، گهر ۾ آفيس ۾ ۽ ٻاهر، آءٌ پريشان هوندو هئس تہ شايد منهنجي جسم ۽ ڪپڙن مان نڪرندڙ ڏپ ماحول کي بدبودار

ڪري ڇڏيندي هوندي پر عجيب ڳالهه تہ ماڻهن کي منهنجي ڏپ جي نہ پر مونکي لڱل پرفيوم جي تيز خوشبوءَ جي شڪايت رهندي هئي. بيگم تہ چئي چئي ٿڪجي پئي هئي تہ مون مان ڪا ڏپ نہ پئي اچي، جيڪڏهن ڳالهہ بڌڻ جي حد تائين هجي ها تہ آءٌ بيگم جي ڳالهہ تي ڪن ڏريان ها پر جيئن تہ ڳالهہ سنگهڻ جي هئي اُن ڪري مونکي پنهنجي بي زبان نڪ تي يقين ڪرڻو پيو پئي.

بيگم تہ مونکي چوندي ئي وشنو هئي. اهو ان ڪري تہ آءٌ فطرتن صفائي جي باري ۾ گهڻو محتاط رهڻ وارو شخص هئس، شل نہ ڪو ٻار گپ لڳل جوتو لائونج ۾ اندر پائي اچي پوءِ ڪلاڪ ٻہ تہ هن جو ڪلاس وٺندو هئس.

” صفا ڪو چٽ آهين! ڪيڏو تو کي سمجهايو آهي تہ ٻاهران جي غلاظت گهر ۾ نہ کڻي ايندو ڪر. هڪ تہ گهر کي صاف نہ رکو ٻيو ويتر ٻاهريون گند بہ کڻي اچي گهر ۾ فتو ڪيو. صاف سٿري ٻار جي نشاني آهي تہ هو پاڻ کي صاف رکي، پنهنجي جسم پنهنجي ڪپڙن ۽ پنهنجي گهر کي بہ صاف رکي، ان سان نہ صرف ان جي پر ٻين جي صحت بہ بهتر رهندي. سڄو ڏينهن ڪيپٽن سيف گارڊ جا ڪارٽون ڏسو ان مان اهو نہ ٿا سکو تہ ڪيئن صفائي رکي پاڻ کي ڏهن بيمارين کان بچائي سگهجي ٿو. هي جيڪا ٻاهرين گندگي آهي ان ۾ مختلف بيڪٽريا هوندا آهن جن سان مختلف بيماريون...........“ .....

۽ ائين هڪ اڻ کٽندڙ ليڪچر شروع ڪري ڏيندو هئس جنهنجو اثر ٻارن تي تہ پوندو ئي هوندو پر گندگي کي وري جرئت نہ ٿيندي هئي تہ هوءَ منهنجو گهر ٽپي اچي.

۽ وري شل نہ ڪو ٻار اسڪول مان ڪپڙن تي ڪنهن شيءِ جو داغ هڻي اچي، ان کان اڳ جو هن جا ڪپڙا ڌوپجن آءٌ هن کي ڌوئي ڇڏيندو هئس.

” اڙي نياڳا! اسڪول ويندا آهيو يا مڇي مارڪيٽ. اسان توهان کي هتان وهنجاري سهنجاري گل ڦل ڪري گهر مان موڪليون ٿا ۽ توهان وري اسڪول مان پنهنجو حشر ٻنگين وارو ڪري ٿا اچو. هن عمر ۾ توهان پنهنجي ڪپڙن جي صفائي ۽ هائجن جو خيال نہ ڪندا..............“

۽ ائين وري هڪ ٻيو ليڪچر شروع ٿي ويندو هو جيڪو گهر مان شروع ٿي پرنسپل جي آفيس ۾ ختم ٿيندو هو ۽ وري پرنسپال بہ ساڳي رٽيل ڪهاڻي ٻڌائي مونکي ٽڏو ڪري ڇڏيندو هو.

”سائين! آءٌ معذرت ٿو گهران ان ۾ اوهان جي ٻارن جي ڪا بہ غلطي نہ آهي، هو تہ صاف ۽ سٿرا رهندا آهن پر اسڪول جا سڀ ٻار اوهان جي ٻارن وانگر يا انهن جيترا سلجهيل ۽ تربيت يافتہ نہ آهن. سو ڪڏهن ڪڏهن شرارت ڪري وٺندا آهن . بهر حال آءٌ ان ڳالهہ جو سخت نوٽس ٿو وٺان ۽ اڳتي اوهان جي ٻارن سان ڪير اهڙي شرارت نہ ڪندو“.

ساڳيءَ طرح آفيس ۾ بہ مون صفائيءَ جو سخت ماحول ٺاهي ڇڏيو هو. منهنجي آفيس وارا

مونکي ايندو ڏسي پاڻ کي ۽ پنهنجي ڪيبنس کي جاچڻ شروع ڪري ڏيندا هئا تہ متان ڪٿي ڪو ڪپڙن تي نشان يا فرش تي ڪو ڪچرو نہ پيو هجي . آفيس ۾ اهو مشهور هو تہ ڪم ڀلي سڻو هجي نہ هجي باس تہ پروموشن اُن جو ڪندو آهي جيڪو صفائي جو خيال وڌيڪ رکندو آهي.

پر هاڻي خبر نہ آهي تہ ڇا ٿي ويو هو جو پاڻ مان ئي ڪريپ اچڻ لڳي هئي, جنهن ڏپ ۾ غلاظت کان بچڻ لاءِ صفائيءَ جي تلقين ڪندو رهيو هئس اها ڏپ پاڻ مان اچي رهي هئي . ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو هئم تہ شايد آفيس ويندي رستي تي ڪو دشمن لڪي منهنجي متان ڪا نظر نہ ايندڙ بدبودار شيءِ ڦٽي ڪري ڇڏيندو هجي, جنهن ڪري مونکي پاڻ مان ڏپ ايندي هجي.

ڪڏهن تہ ڏپ جو احساس سڄي سڄي رات ننڊ نہ ڪرڻ ڏيندو هو. سڄي رات پنهنجي ذهن جي ياداشت ۾ CC TV CAMERA وانگر پريل سينز کي بار بار روائينڊ ڪري ڏسندو هئس ۽ پاڪستاني پوليس وانگر مجرم کي پڪڙڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو هئس, سوچن جون لهرون ڪڏهن تہ عقل جي ساحل تي ائين جوش ڪائينديون اينديون هيون, ڄڻ اجهو ٿيون هر شيءِ کي واضح ۽ چٽو ڪن پر حيرانگي تڏهن ٿيندي هئم جڏهن ويندي ويندي سوچن جي ساحل تي اڪريل اڳيان نشان بہ متائي هليون وينديون هيون. آءُ روز هڪ ماهر ڊٽيڪٽو(جاسوس) وانگر پاڻ کان سوال ڪندو هئس. ۽ سڄي ڏينهن جو احتساب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هئس.

صبح اٿي ڇا ڪيم؟ ناشتو ڪيم

ناشتو ڪير کٽي آيو؟

بيگم کٽي آئي

ٿانو ۽ بيگم جا هٿ صاف هئا؟

گاڏي ڪنهن ڪڍي ڊرائيور يا پاڻ؟

پاڻ ڪڍي هئم,

هاڻي اڪثر گاڏي ڊرائيور کي ڏيان ئي ڪونہ.

سي ڊي پليئر هلائي هئم؟

ها هلائي هئم ۽ ٽشو سان صاف ڪري پوءِ هلائي هئم,

گاڏي پارڪ ڪري سڌو آفيس آيو هئس, ڪنهن سان هٿ تہ ڪو نہ ملايو هئم؟

نہ ڪنهن سان نہ ملايو هئم, آفيس بہ صاف لڳي پئي هئي. ها! مارڪيٽنگ ڪو آرڊينيٽر آيو هو جنهن زوريءَ اچي هٿ ملايو پر هو بہ صاف سٿرو هو.

پوءِ آفيس ۾ ڊسٽريبيوٽرس سان گڏجاڻي ڪئي, جنهن ۾ نئين پراڊڪٽ جي اسٽاڪ اويلبِليٽي

جي حڪمت عمليءَ تي بحث ڪيو سين.

سيڪنڊ هاف ۾ ميڊيا ٽريڪ وارن سان گڏجاڻي رکيل هئي، جن اسان جي نئين پراڊڪٽ جي ڏاهيل ايڊورٽائيز ڊيڪاري جنهن ۾ اسان جي پراڊڪٽ جي گهٽ پر ماڊل جي مشهوري وڌيڪ نظر پئي آئي، مون هن کيApproveڪيو.

آفيس کان پوءِ ڪيڏانهن ويس ؟

هڪ مشهور ريسٽورنٽ تي ويس جتي ڪجهه صاف سٿرن دوستن سان ڪچهري ڪئي، ڪچهري ڇا پر هڪ ٻئي سان سور سليا سين

STOCK EXCHANGEجا مسئلا

وڌندڙ انفليشن ريٽ

مارڪيٽ ان اسٽيبلٽي

پرائس ڪنٽرول

پوليٽيڪل سچوئيشن

هِن جي غلا هُن جي غلا .

”فلان ڪمپنيءَ ڪيئن پنهنجي پراڊڪٽ جو مارڪيٽ شيئر وڌائڻ لاءِ پراڊڪٽ جو اگهه گهٽائي، ان جي معيار کي به ساڳي وقت گهٽائي ڇڏيو.“

”هو ڏنئي ڪلهه جو درزي هاڻي شهر جي وڏي بوتيڪ جو مالڪ بڻيو وينو آهي.“

اهڙي طرح آخر ۾ ڪرنٽ افيئرز جي بحثن سان بي مزي بڻيل ماحول کي هر ڪنهن پنهنجي لطف اندوز افيئرز جي مذيدار قصن سان خوشگوار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

اتان اٿي پوءِ ڪيڏانهن ويس ؟

پوءِ سڌو گهر آيس

گهر اچي ڇا ڪيم ؟

فريش ٿي ڪري اچي ٽي وي لائونج ۾ وينس، ٻار اسڪول مان ٿڪجي اچي سمهي پيا هئا ۽ بيگم ان ڪري سمهي پئي هئي جو هن جي پسنديده چينل اسٽار پلس تي هن جي پسنديدا ڊرامي جو ٽائيم نه هو. مون نيوز چينل هلائي ملڪي حالاتِ حاضره کان واقفيت کي تازو ڪيم، جنهن تازو ڪرڻ بدران اميدن جي قتل نون ٻوٽن کي ويتر ڪومائي ڇڏيو پوءِ مون پنهنجي ڪومايل موڊ کي خوشگوارڪرڻ لاءِ هڪ ٻه ميوزڪ چينل بدلايا ته جيئن ماحول ۾ ڪجهه خوشگواري پيدا ٿئي پر اهو ماحول به بيگم جي

ننڊ مان اٿڻ کان پوءِ گهڻي دير تائين خوشگوار نہ رهي سگهيو. اهو سوچي بيگم جي هٿ ۾ ريموٽ ڪنٽرول ڏئي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويس تہ هڪ جهنگل ۾ بہ شينهن نہ ٽا رهي سگهن. ڪجهہ دير آرام ڪري جڏهن اٿيس تہ ائين لڳو پئي تہ سڄي جسم ۽ ڪپڙن مان نڪ ساڙيندڙ ڌپ پئي اچي، ڌپ بہ ڪنهن هڪ مخصوص شيءِ جي نہ پر مختلف غلاظتن جي مليل سليل ڌپ. اهڙي ڌپ جيڪا جڻ تہ ڪپڙن تي لڳل مختلف گدلاڻ جي لڳل چٽبن مان ايندي هجي.

هڪ دفعو ٻيهر اٿي باٿ روم مان وهنجي صاف ٿي آيس پر ڌپ پوءِ بہ نہ وئي ان ئي حالت ڪري دوست جي مليل ڊنر جي دعوت تي بہ نہ ويس، گهر ۾ ئي ڊنر ڪري ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم پر ننڊ هئي جا اچي ئي نہ پئي سو سڄي ڏينهن جي روداد ڪي ياداشت جي اسڪرين تي بار بار ڏٺم پئي.

اهڙي طرح هر ڏينهن جو اهو ونهوار هو مون سان وڏو مسئلو اهو هو تہ جيترو آءُ پنهنجي جسم ۽ ڪپڙن کي صاف رکندو هئس اوترو انهن مان ڌپ جو احساس وڌيڪ ايندو هئو

. الائي ڪيترا ڊيوڊرنٽ، باڊي اسپري ۽ پرفيوم بدلائي ڏٺا پر فرق نہ پئي پيو. مون کان وڌيڪ منهنجا دوست پريشان هئا تہ آخر مونکي ٿيو ڇا آهي هنن ڏاڍا وس ڪيا تہ مونکي يقين ڏيارن تہ مون مان ڪا بہ ڌپ نہ پئي اچي پر هنن جو ڪو بہ وس نہ پيو هلي، دوستن جي صلاح تي مون ڪو بہ :ENT SURGEON, NEOROLOGIST, ۽PSYCHIATRIST نہ ڇڏيو پر هر ڊاڪٽر جو لکيل نسخو ۽ سمجهايل هر احتياط ڪرڻ باوجود بہ فرق ڪو نہ پئي پيو.

منهنجي بيگم صاحبہ جو چوڻ هو تہ اسان جي گهر ۾ جِنَ اچي ويا آهن. جِن مون تي اثر ڪيو آهي، چوندي هئي تہ لڳي ٿو ڪا جنڙي تو سان هر وقت گڏ رهي ٿي جنهن ڪري تو ۾ اها ڪيفيت طاري ٿي رهي. دل ۾ چوندو هئس تہ تنهنجي گڏ هوندي ڪهڙي جنڙي جي جرئت ٿيندي جو هن گهر ۾ داخل ٿئي، بهرحال ڪو تعويذ سڳو نہ ڇڏيو هئائين، ڪڏهن تعويذ ويهاڻي هينان رکي ڇڏيندي هئي تہ ڪڏهن پاڻي ۾ ڪجهہ شوڪاري پياريندي هئي، پر هن جي ڪا بہ ڦڪي فرق نہ پئي ڏيکاري.

هڪ ڏينهن تہ اهڙو ڪم ڪيائين جو هڪ عجيب و غريب ماڻهوءَ کي وٺي آئي جنهن لاءِ ٻڌايو هئائين تہ جِن ڪيڍڻ جو ماهر آهي. مون سمجهيو تہ شايد جِنُ ڪيڍڻ ماڻهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي اُن ڪري منهنجي بيگم هن جِنَ کي ئي تڪليف ڏني آهي، جيئن اردو ۾ چوندا آهن تہ لوها لوهي کو ڪاٽتا هي، بهرحال هُن سڄي گهر کي دونهين ۾ اهڙو تہ دُف ڪري ڇڏيو جو مون هن کي هٿ ٻڌا ۽ اهو چئي ٻاهر ڪڍيو تہ ڌپ جو خير آهي، اوهان هاڻي ٻاهر نڪرو تہ اسين ڪجهہ ساهہ کڻڻ جهڙا ٿيون.

هڪ دوست جو خيال هو تہ آءُ جسماني نہ پر روحاني بيماريءَ جو شڪار آهيان. جنهن لاءِ مونکي پنهنجي روح جو احاطو ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ اهو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن اسين سلوڪ جي وڏي منزل تي پهتل هجون پر جئين تہ اسان لاءِ پاڻ اهي منزلون طئي ڪرڻ مشڪل آهن اُن

ڪري اسان کي ڪنهن الله جي پهتل ٻانهي ڪنهن بزرگ جي در تي وڃڻو پوندو تہ جيئن پنهنجي روح جو علاج ڪرائي سگهون. هن جي گهڻي اسرار ڪرڻ تي آءٌ هن سان گڏ هن جي بقول الله جي هڪ پهتل ٻانهي ڏانهن هلڻ لاءِ تيار ٿيس. هو ڪيترو الله کي پهتل هو اها تہ الله سائين کي خبر هوندي پر اسان هن تائين ڏاڍي مشڪل سان پهتا سين. ويران ۽ سنسان علائقي جي پراڻي گهر ۾ جنهن شخص سان هن منهنجي ملاقات ڪرائي هئي، اُن کي ڏسي مون سوچيو پئي تہ الله سائين گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي پهتل ماڻهن سان اهڙو حشر تہ نہ ڪندو هوندو. هن جي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار وکريل هئا، ائين پئي لڳو تہ مهيني کن کان وهنجڻ تہ ڇا پر منهن بہ نہ ڌوتو هوندائين. ڪپڙا ميرا، نهن وڏا، ڳچيءَ ۾ گيڙو رنگ جو ڪپڙو ويڙهيل هئس . منهنجي دوست اڳ۾ ئي مون کي سمجهايو هو تہ.

”هن جي ظاهري حالت ڏسي پريشان نہ ٿجانءِ هي الله وارا ماڻهو آهن. هنن کي پنهنجي جسم جي نہ پر پنهنجي روح کي سنوارڻ جي لڇ ۾ فڪر هوندو آهي. هي علم جي ان درجي تي پهتل آهن. جو دنيا هنن جي لاءِ غير معنوي آهي هو جزڪان ڪُل جي سفر جي آخري مراحل تائين پهتل آهن. تون هن جي اڳيان پنهنجو مسئلو رکجان. باقي هيڏانهن هوڏانهن جا سوال پڇڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ. هي جلالي بزرگ آهي اسان کي ڪڏي ٻاهر نہ ڦٽوڪري“.

مون پنهنجي سوالن جي ڳوٿريءَ کي ويڙهي سيڙهي ٻاهر ڦٽوڪري ڇڏيو. هن بزرگ اکين سان اشارو ڪيو. هن جي اکين ۾ عجيب قسم جي ڪشش هئي ائين پئي لڳو ڄڻ هو زبان سان نہ پر اکين سان ڳالهائيندو هجي. مونکي پرسان ويهڻ جو اشارو ڪيائين ۽ پنهنجي آڱر منهنجي سيني تي دل واري جاءِ تي رکي ٿوري دير اکيون بند ڪري ڪجهہ پڙهڻ لڳو. منهنجي دوست وچي ڪن ۾ ڪجهہ ٻڌايس پوءِ اکيون بند ڪري هو الله جو پهتل ٻانهو الائي ڪٿي وڃي پهتو. مسجدن مان آذانون اچي ويون نمازون پڙهجي ويون پر هو الله جو پهتل ٻانهو منهنجي روح جي بيماري ڳولهڻ ۾ ڄڻ تہ ڪيڏانهن اڏري ويو هو. بهرحال طويل مراقبي کان واپس اچڻ کان پوءِ هن هڪ طويل هدايت نامون اسان کي ڏئي اتان فارغ ڪيو.

هن جي هدايت نامي مطابق اها ڏپ جسماني نہ پر روحاني آهي. جيڪا دنيا جي خواهش، لوڀ ۽ لالچ جي ڪري آهي. ان مان ڇوٽڪاري جو اهو رستو آهي تہ هن دنيا جي خواهش ڇڏي پنهنجي روح کي خواهشن کان آزاد ڪرائجي. هي دنيا فاني آهي تہ پوءِ هن فاني دنيا ۾ جسماني ضرورتن پويان ڇو ڀڄجي بس پنهنجي روح جو آواز ٻڌجي.

هن جون ڳالهيون تمام سٺيون ۽ مسحور ڪندڙ هيون هن سان ملي مون پاڻ کي ڪجهہ هلڪو محسوس ڪيو. ڀانيم تہ هن جي ڳالهين تي عمل ڪري هن ڏپ مان جان ڇٽي ويندي. مونکي هن جي صحبت جو اهڙو اثر ٿيو جو هن سان تقريباً روز ملڻ لڳس. روح جي غذا ۾ پوترتا جو اهڙو جنون چڙهيو جو جسم کي صفا وساري ڇڏيم. روحاني غذا جو ڪيترو اثر ٿيو اهو ڪنهن کان بہ ڏسجڻ محال هو پر

جسم تي اهڙو اثر ٿيو جو هر ماڻهوءَ کي مونتي ترس اچڻ لڳو. جسم ۽ ڪپڙن جي اها حالت ڪيم جو پهريان صرف پاڻ کي ڏپ ايندي هئي هاڻي ٻين کي بہ اچڻ شروع ٿي هئي. گهر ۽ آفيس وارن جي تہ جڻ عيد ٿي وئي صفائي ۽ سترائي کان هميشہ لاءِ آزادي. فيڪٽري کي ماڻهن ۽ تقدير جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڏنم.

”جيڪو تقدير ۾ لکيل آهي اهو ئي ٿيندو باقي ماڻهون ڪٽي ڪيڏا بہ هيلا بهانا ڪري هن جي هٿ ۾ ڪجھ بہ نہ آهي“.

روحاني حال جو اندازو ڪرڻ مشڪل هو باقي فيڪٽري ۽ گهر جو حال بي حال ٿي ويو هو. ها پرپٺي پاسي بزرگ سائينءَ جن جي ڪڪائين گهر کي ننيڍڙي حويلي ۾ ضرور تبديل ڪري ڇڏيو هئم. بزرگ سائين جي مسلسل منع ڪرڻ باوجود سائين جن جي آستاني تائين پڪو روڊ ٺهرائي ڇڏيو هئم ۽ مريدن ڏانهن اچڻ وڃڻ لاءِ ننيڍڙي 1000 سي سي ڪار جو نذرانو بہ پيش ڪيو هئم، اڳ مريد سائين جن ڏانهن ايندا هئا هاڻي سائين جن پاڻ بہ ڪڏهن ڪڏهن مريدن ڏانهن هليا ويندا هئا. آءُ اهو نٿو بيان ڪري سگهان تہ سلوڪ جون ڪيتريون منزلون طئہ ڪري چڪو هئس پر جسم مان ايندڙ ڏپ منزل بہ منزل وڌندي پئي وئي. بس فرق صرف اهو هو جو پهريان ان ڏپ مان نڪرڻ جي تڙپ هئي هاڻي ان ڏپ ۾ سڪون پئي آيو.

منهنجي گهر کي ٻڌندو ۽ فيڪٽري کي ٻڏندي ڏسي هڪ دوست کي منهنجي حال تي رحم اچي ويو. هن منهنجي سُلوڪ جي سفر کي يو ٽرن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، مونکي روحاني حصار مان ڪيڍڻ لاءِ هن ڊارون، هيگل، مارڪس ۽ لينن جي روحن کي ڪٺي ڪئو ڪيو.

”اڙي چريا! روح جو تصور هڪ سراب آهي، هڪ فريب آهي، اسان جو جسم ئي هڪ حقيقت آهي، جيڪو دماغ ۽ ٻين عضون جي عمل سان ڪم ڪري ٿو. دماغ جي عمل ختم ٿيڻ سان جسم جي حرڪت بہ ختم ٿي وڃي ٿي ۽ انهن سيني شين جي ترتيب کي زندگي، شعور يا تون ڪٺي اُن کي روح چئي سگهين ٿو“.

هن سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هي سڀ روحانيت جا چڪر صوفين ۽ سادُن جا ڍونگ آهن. هن ٻن ٽن ڏينهن ۾ منهنجو حليو تبديل ڪرائي ڪجھ ماڻهن جهڙو ڪيو. بغير ٻڌائڻ جي ويزا لڳرائي لنڊن جي ٽڪيٽ اچي هٿ ۾ رکيائين. هن کي خبر هئي تہ جيستائين ڪجھ عرصو آءُ هتان ٻاهر نہ نڪرندس تيستائين ان روحاني بزرگ جي ڄار مان نڪري نہ سگهندس.

لنڊن ۾ هن جا بہ يائر گهٽي وقت کان رهائشي هئا، هو بہ هر سال گرمين جون موڪلون فيملي سان گڏ اتي گذاريندو هو. ڪجھ ڏينهن هن سان گڏ لنڊن ۾ گذارڻ سان منهنجي جسم جي حالت ڪجھ بهتر ٿي پر ڏپ جو احساس اجان نہ ويو.

لنڊن ۾ روحاني دنيا کان پري مادي دنيا جي هن هلندڙ ڦرندڙ مشينن جي وچم رهندي مونکي احساس ٿيڻ لڳو تہ آءٌ بہ شايد هڪ مشين آهيان، هلندڙ ڦرندڙ ۽ ڳالهائيندڙ ٻولهائيندڙ مشين. بس فرق صرف اهو آهي تہ مشين نہ ڪنهن مشين مان جنم وٺي سگهي ٿي ۽ نہ وري پاڻ جهڙي مشين کي جنم ڏئي سگهي ٿي، جڏهن تہ مون انسان طور جنم ورتو بہ آهي ۽ جنم ڏئي بہ سگهان ٿو. پر هڪ سوچ وري ٻئي پاسي وٺي ويندي هئي تہ جي جنم ڏيڻ ۽ جنم وٺڻ جي ڳالهہ آهي تہ پوءِ اهو ڪم تہ حيوان بہ ڪري ٿو جنم وٺي بہ ٿو ۽ پاڻ جهڙي نسل جي حيوان کي جنم ڏئي بہ سگهي ٿو. تہ پوءِ ڇا آءٌ صرف حيوان آهيان؟ پر وري هڪ ٻئي سوچ حيوانيت تان بہ هٿ ڪٽائي ڇڏيندي هئي تہ حيوان پنهنجي مرضيءَ سان ڪائي پئي تہ سگهي ٿو پر پاڻ کي بکيو نہ ٿو رکي سگهي، گهمي ڦري تہ سگهي ٿو پر آزاد هوندي پاڻ کي قيد نہ ٿو رکي سگهي، پنهنجي مرضي سان سمهي تہ سگهي ٿو پر اوجاڳا نہ ٿو ڪري سگهي. هو نسل وڌائي تہ سگهي ٿو پر برٿ ڪنٽرول نہ ٿو ڪري سگهي، جڏهن تہ آءٌ اهي سڀ ڪم پنهنجي مرضي سان ڪري سگهان ٿو. ان سوچ سان هڪدم پيو خيال ذهن ۾ تري ايندو هو تہ ان جو مطلب حيوان ويچارو مجبورً حيوان آهي پر آءٌ مرضيءَ سان پاڻ کي حيوان بڻائي پيو سگهان. ان مان اهو اندازولڳائيندو هئس تہ آءٌ جيڪو ڪجهہ بہ آهيان پنهنجي مرضيءَ ۽ ارادي سان آهيان. پوءِ ڀلي حيوان آهيان يا مشين، انسان آهيان يا جانور.

اهي سڀ سوچون مونکي اجان گهڻو حيران تڏهن ڪنديون هيون جڏهن لنڊن ۾ پنهنجي چوڌاري هلندڙ ڦرندڙ مشينيون ۽ ڳالهائيندڙ ٻولهائيندڙ جانور ڏسندو هئس. هڪ پيءُ جِي، گهر ۾ ATMمشين کان وڌيڪ حيثيت نہ رهي هئي، ماءُ هاڻي ڪير پيارڻ وارو جانور بہ نہ رهي هئي ڇاڪاڻ تہ مشين مان ٿهيل کير پيارڻ لاءِ بہ ٻارن لاءِ نوڪر رکيل هئا. مرد ۽ عورت ۾ فرق گهٽي قدر ختم ٿي ويو هو جنهن ڪري مرد کي شادي ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي ويو هو تہ شادي عورت سان ڪري يا مرد سان. حيران جوڳي ڳالهہ اها هئي تہ هڪ طرف هتان جو انگريز ڏورانهن آفريڪي جنگلن ۾ وڃي جانورن جي عجيب و غريب نسلن کي ختم ٿيڻ کان بچاءَ جا اُپاءَ وٺندو نظر اچي پيو تہ ٻئي طرف وري انساني نسل ڪشيءَ جا سامان ڪنا ڪندو پيو وتي. هڪ طرف جانورن جي نسل ڪشيءَ خلاف عالمي قانون پاس ڪرائڻ ۾ رڌل نظر اچي پيو تہ ٻئي طرف انساني نسل ڪشيءَ جي قانونن کي ايوانن مان پاس ڪرائيندو پيو وتي.

منهنجي دوست ۽ ان جي فيملي جو حال بہ ڪجهہ مختلف نہ هو. نالن سان لڳندڙ مسلمان اٿڻ ويهڻ ۾ صفا بي دين، انگريزن کان بہ ڪجهہ قدم اڳتي هئا، منهنجي دوست جوچوڻ هو تہ.

”بہ چار ڏينهن جي زندگي آهي، ان کان پوءِ هوئڻ ئي ڪجهہ ناهي تہ پوءِ ڇو نہ اهي ٻہ چار ڏينهن ماٺهوپنهنجي مرضي سان زندگي گذاري هن زندگيءَ کيEnjoyڪري ۽ جواني جي مستيءَ ۾ گم ٿي وڃي ، هي دنيا آهي ئيEnjoyڪرڻ لاءِ“

پر وري جڏهن هن جي زندگي جو جائزو وٺندو هئس تہ هن جي پنهنجي مرضي نظر ئي ڪا نہ ايندي هئي. پاڪستان ۾ هن جي مرضي يورپ جي مرضي کان مختلف هئي. پاڪستان ۾ جيئن آزاديءَ سان بدمعاشي ڪندو وتندو هئو ائين يورپ ۾ نہ ڪندو هو. ۽ وري جنهن آزاديءَ سان يورپ ۾ عياشي ڪندو وتندو هئو اهڙي آزاديءَ سان عياشي پاڪستان ۾ نہ ڪندو هو. جنهن مان آءُ اهو سمجهي پئي سگهيس تہ هو پنهنجي مرضي ڪارڻ نہ پر مختلف حالات ۽ قانونن مطابق زندگي گذاري پيو. باقي جيستائين بہ چار ڏينهن جي زندگي کيEnjoyڪرڻ جي ڳالهہ هئي تہ اها بہ هن جي پنهنجي ذات تائين هئي. ڇاڪاڻ تہ Enjoyڪرڻ جا سڀ حق ۽ واسطا هن صرف پاڻ لاءِ محفوظ ڪيا هئا باقي ٻين رشتيدارن خاص ڪري زال، ڌيءُ ۽ پٽ جي حقن جي باري ۾ هو هميشہ پريشان هوندو هو.

”يار هي ملڪ رهڻ جي قابل ئي ناهي اسان جو پاڪستان پاڪستان آ “

ڊبل اسٽينڊرڊ زندگي گذاريندو هو پنهنجي لاءِ هڪڙا اصول ٻين جي لاءِ وري ٻيا.

آءُ اهو سوچيندو هئس تہ اها ڪهڙي مرضي ڇئجي جيڪا پنهنجي نہ هجي. جيڪڏهن اسان ڪنهن ماحول ، سسٽم ۽ نظريي جي مرضي تي ئي هلون پيا تہ ڇا ڪڏهن اسان اهو سوچيو آهي تہ اها مرضي اسان جي آهي يا اسان تي مڙهي وئي آهي. جنهن کي لاشعوري طور تي پنهنجي مرضي، ارادو يا آزادي سمجهي ويٺا آهيون. هڪ اهڙي آزادي جيڪا وڏي آزاديءَ سان اسان کي انسانيت کان ڪيرائي حيوانيت ۽ حيوانيت کان بہ ڪيرائي هڪ مشيني پرزي جي حيثيت تي پهچائي ٿي. اها صورتحال ڏسندي آءُ ان نتيجي تي پهچندو هئس تہ اسان پنهنجي حيثيت يا حقيقت وڃائي چڪا آهيون. اسان کان خارجي شهوتن ۽ اندروني جبلتن پنهنجي حقيقت کسي ورتي آهي. بلڪل سرڪس ۾ پليل ان شينهن وانگر جيڪو پنهنجي حقيقت وڃائي ماڻهن کي مختلف ڪرتب ڏيکاري ٿو ۽ ان جي بدلي ۾ مليل گوشت جي ٽڪري ۽ تماشائين جي داد کي ئي پنهنجي زندگي جو مقصد بڻائي سرڪس ۾ زندگي گذاري ٿو. ساڳيءَ طرح اسان بہ مختلف ماحول، نظام ۽ نظرئي جي اثر هيٺ حيواني زندگي گذاريون پيا ۽ پاڻ کي آزاد ۽ ترقي پسند سوچ رکندڙ گمان ڪريون پيا.

ايئن پنهنجي دوست کي بہ گمانن جي خوبصورت زنجيرن ۾ جڪڙيل ڏسندو هئس، والٽيئر جي چوڻيءَ مطابق تہ

”انهن بيوقوفن کي آزاد ڪرائڻ مشڪل آهي، جيڪي پنهنجي زنجيرن جي عزت ڪندا هجن“.

سو ان کان اڳ جو آءُ بہ پنهنجو نالو اهڙن بيوقوفن جي لسٽ ۾ لکرايان ها پنهنجي دوست کان اجازت وٺي پاڪستان موٽي وڃين ڏپ جو علاج ڳولهڻ جو فيصلو ڪيم.

فيڪٽري کي هڪ وفادار ملازم ۽ گهر کي منهنجي سالي سنڀالي ورتو هو. آءُ پاڪستان پهتس تہ صحيح ، پر ڏپ منهنجي جان نہ ڇڏي، مسلسل اها ئي ڪيفيت هئي، مون هاڻي هار مڃي ورتي ۽ پاڻ

کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيم تہ اها ڏپ هاڻي قبر تائين منهنجي جان نہ ڇڏيندي پر ذهن هو جو مڃڻ لاءِ تيار ئي ڪونہ پئي ٿيو۽ مسلسل ڏپ مان جان ڇڏائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو رهيو.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ عيد اچڻ واري هئي، هڪ دفعو ٻيهر ڏپ جو احساس پريشان ڪرڻ لڳو.

"پاڻ مان ئي ڪرپ ٿي اچي تہ ٻين سان ڪئين عيد ملندس."

بهرحال هاڻي تہ ان حال ۾ ئي زندگي گذارڻ جو سوچي ڇڏيو هئم. خير عيد جو ڏينهن بہ اچي ويو نماز پڙهي ماڻهن کان ڪترائيندي گهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪيم پئي تہ اچانڪ پري ٻيٺل هڪ شخص تي نظر پئجي وئي، اُن تي نظر پوندي ئي منهنجي دماغ جا تاڪ نڪري ويا. منهنجون اکيون کليون رهجي ويون. منهنجي جسم ۾ ان شخص کي ڏسڻ سان ڏڪڻي طاري ٿي وئي. مونکي ياد اچي ويو تہ مونکي اهو ڏپ جو احساس ڪڏهن کان ۽ ڪيئن ٿيو . منهنجون يادون مونکي ماضي ۾ گهلي وٺي ويون ،گذريل سال ان ئي عيد گاهہ ۾ اهو شخص مون سان مليو هو. ها مونکي ياد آيو  هي اهو ئي شخص هو جنهن سان آءُ عيد تي مليو هئس جڏهن تہ آءُ هن کي سڃاڻيندو بہ ڪونہ هئس بس الائي ڪيئن هو مون سان اچي عيد مليو هو . بهرحال جڏهن آءُ اُن شخص سان عيد مليو هئس تہ هن آهستي سان منهنجي ڪن ۾ ڪجهہ لفظ چيا ۽ اتان هلي ويو. اهي لفظ ڄڻ تہ منهنجي اندر ۾ گهاو ڪري ويا، جيڪي ٻڌندي ئي مون پاڻ کي ذلت جي اونهاين ۾ ڪرندي محسوس ڪيو هئم. پر هن جي چوڻ جو انداز ڪجهہ اهڙو هو جو آءُهن جا لفظ ٻڌي ڪجهہ نہ ڪچي سگهيس، ۽ پوءِ ان جي پويان ڊوڙندو ويس تہ جيئن اڪيلائي ۾ وڃي انهن تذليل ڪندڙ جملن جو ڪارڻ پڇي سگهان .

"معاف ڪجو آءُ اوهان کي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ مونکي اوهان مان عجيب قسم جي ڏپ اچي رهي آهي، ڪجهہ پنهنجو خيال ڪيو." هو جڏهن مونسان عيد مليو هو تہ مونکي ڪن ۾ چيو هئائين.

منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي هئي، آءُ ماڻهن جي ميڙ مان نڪرندو وڃي ان وٽ پهتو هئس تہ جيئن ان کان انهن جملن جي ۽ هن جي جرئت جوڪارڻ پڇي سگهان تہ هن اهي تذليل ڪندڙ جملا چو چيا.

"تون ڏسين ڪونہ پيو تہ مونکي بهترين قسم جو وڳو اعليٰ قسم جي پرفيوم ۽ باڊي اسپري لڳل آهن. نہ تہ مان ناليءَ مان ڪري آيو آهيان ۽ نہ ئي مونکي ڪا غلاظت چنبڙيل آهي پوءِ بہ تو کي مون مان ڏپ پئي اچي، جڏهن تہ تو کان سواءِ هت ٻئي ڪنهن کي بہ اها شڪايت ڪونهي" مون ڪاوڙ مان هن کان پڇيو.

هن شخص پنهنجي عجيب متاثر ڪندڙ اکين سان منهنجي اکين ۾ نهاريو. منهنجي بهترين لباس ڏانهن نهارڻ بغير چوڻ لڳو.

"واقعي اوهان پنهنجي جسم ۽ ڪپڙن کي صاف ۽ خوشبودار رکيو آهي انهن کي هر گندگي ۽ غلاظت

کان بچايو آهي اُن هنڌ اُن رستي تان وڃڻ کان احتياط ڪيو آهي، جتان اوهان کي گندگي لڳڻ جو امڪان آهي . پنهنجي گهر پنهنجي آفيس کي بہ بلڪل صاف سٿرو رکيو آهي پر ڇا اوهان پنهنجي فڪر پنهنجي سوچ پنهنجي فطرت جي صفائي رکي آهي؟ اُن جو ايترو خيال رکيو آهي؟ ڇا انهن شين انهن جاين انهن رستن کان پنهنجي فڪر پنهنجي سوچ پنهنجي نظريي کي بچايو آهي ، جنهن توهان جي ذهن ۾ گند ۽ فڪر ۾ گدلاڻ پيري ڇڏي آهي. الله جي موڪليل ضابطن کي پٺي ڏئي پنهنجي مفادن جي غلامي ڪئي آهي۽ ايمانداريءَ جي زندگي ڇڏي غرضن پٺيان ڊوڙڻ شروع ڪيو آهي. جيڪڏهن اوهان جي ڪپڙن تي داغ ٿو لڳي تہ اوهان سڄي گهر ۽ آفيس کي پريشان ڪري ٿا ڇڏيو پر ڇا پنهنجي سوچ ۽ فڪر ۾ لڳندڙ گندگيءَ کان ايترو پريشان رهيا آهيو. ڇا اوهان ڪڏهن اهو احساس ڪيو آهي تہ ڪٿان ڪٿان ڪيترو گند ڪٺي گهمائيندا پيا وتو ڇا اوهان جي لاءِ فقط ڪپڙن جي صفائي اهميت رکي ٿي سوچ ، فڪر ۽ عمل جي صفائي اهميت نہ ٿي رکي ، منهنجو فرض هيو اوهان کي آگاهہ ڪرڻ باقي اوهان جي مرضي.“

هن جا جملا توپن جا گولا بڻجي منهنجي سوچن جي ميدان تي ڪرندا رهيا. هن جو لفظ لفظ منهنجي روح کي جهنجهوڙيندو رهيو. هن جون ڳالهيونSurrounding Sound Systemجيان منهنجي ڪنن جي پڙدن تي پڙاڏو ٿي ٽڪرائڻ لڳيون ، آءٌ بت بڻيو بيٺو رهيس. منهنجي سوچ هڪ هنڌ ڄمي، وئي مونکي ڪو جواب نہ پئي مليو. هڪ لمحي لاءِ ائين لڳو ڄڻ آءٌ ، آءٌ نہ پر هو آهيان ۽ پاڻ کي پنهنجي بگڙيل شڪل ڏيکاريندو هجان. جيستائين آءُ هن جي سوالن جي جواب ڏيڻ جي همت ڪئي کيان ها ۽ هن کان انهن سڀن شين ۽ مشڪلن جو حل پڇان ها، هو ميڙ ۾ ڪيڏاهن گم ٿي ويو. مون هن کي تمام گهڻو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو نہ مليو هو.

اُن ڏينهن کان وٺي منهنجو دماغ جاءِ تي نہ هو اُن ڏينهن کان وٺي ڏپ منهنجي سوچن تي قابض ٿي وئي هئي، هر ڳالهہ گند هر ڪچهري گند هر ماحول گندگي جو ڍير نظر اچڻ لڳو هئو ائين لڳندو هو ڄڻ مان ڪنهن گهوڙن جي استبل ۾ رهندڙ اعليٰ نسل جو گهوڙو هجان . مون ڪيترائي طريقا اختيار ڪيا پر ڪا بہ تبديلي ڪو بہ فرق محسوس نہ ٿيو اڄ وري عيد جي ڏينهن هن شخص تي نظر پئي هئم جهٽ کن لاءِ لڳو تہ اڄ هن ڏپ مان هميشہ لاءِ جند ڇٽي ويندي ، اڄ هن شخص کان پنهنجي بهتري پنهنجي فلاح جو رستو پڇندس پر اڄ بہ هو مونکان اوجهل ٿي ويو هو اڄ بہ هو ڪيڏاهن گم ٿي ويو هو. گهڻي جاکوڙ ۽ ڪوشش باوجود بہ آءٌ هن کي ڳولهي نہ سگهيس، ناڪام ۽ پشيمان ٿي گهر موٽي آيس ، ايتري ۾ پاڙي جي مسجد مان آذان آئي جيئن ئي مؤذن حيءَ علي الفلاح تي پهتو تہ منهنجا قدم خود بہ خود مسجد ڏانهن وڌڻ لڳا ۽ مون سمجهي ورتو تہ فلاح جو رستو مونکي سڏي پيو. ماڻهن جي ناهيل هر رستي هر فڪر هرسوچ جي پويان لڳي پيو هئس، هر رنگ پاڻ تي چاڙهي ڏٺو هئم پر الله جي ڏنل سڌ ي رستي کي ويساري ويٺو هئس ۽ الله جو ڏنل رنگ لاهي ڦٽو ڪيو هئم. آءُ جيئن ئي مسجد جي قريب ٿيڻ

لڳس تيئن ئي منهنجي ڏپ جو احساس گهٽجڻ لڳو. نماز پڙهي قرآن شريف کولي پڙهڻ ويهي رهيس. قرآن جو هڪ هڪ لفظ مون کي پنهنجي ذات مان ، پنهنجي خوهشن ۽ مفادن جي ڳُن مانڪڍي انسانيت لاءِ جيئڻ جا ڏس ڏئي رهيو هو.قرآن مون کي فطرت جي اهڙين وادين کان آگاهه ڪري رهيو هو جتي هر طرف سونهن ۽ سندرتا هئي ۽ سچاين جي مهڪار هئي ۽ پوءِ مان هن آيت تي پهچي ڪجهه دير رڪجي ويس.

”صِبغَةَاللّٰہِ وَمَن احسَنُ مِنَ اللّٰہِ صِبغَةً “

رنگ تہ صرف الله جو آهي ۽ ان کان سنو ڪنهن جو رنگ ٿي سگهي ٿو.

# واپسي

ڪراچيءَ جي هڪ عاليشان فائيو اسٽار هوٽل جو هال شهر جي معززماڻهن سان ڀريل هو هڪ پاسي هال جي انٽرنس ، پٺين ۾ اسٽيج جي بيڪ ڊراپ تي لڳل بک ۽ بدحاليءَ جون تصويرون ٿر جي اهڙي تہ عڪاسي ڪري رهيون هيون جو لڳي پيو تہ ڄڻ ٿر جي غربت واڪا ڪري چوندي هجي تہ ٿر غربت جو شڪار نہ پر هي سڄو ملڪ غربت جو شڪار آهي. پر وري ٻئي پاسي وڏين وڏين گاڏين مان لهي ايندڙ هال ۾ ويٺل وڏن وڏن ماڻهن ڪي ڀهريل پوشاڪون ، پرفيوم جون خوشبوءِ هٿن ۾ مهانگا سيل فون اعلان ڪري چوندا هجن تہ اسان جو ملڪ دنيا جو امير ترين مُلڪ آهي.

آءُ اسٽيج تي معزز مهمانن سان گڏ ويٺو هيس، هي سڄو وايو منڊل منهنجي ڪري ئي سجايو ويو هو. آءُ اسٽيج تي ويٺو تہ هئس پر منهنجون سوچون سڄي هال ۾ گردش ڪري رهيون هيون، منهنجو حال توڙي جي هال ۾ ويٺل ماڻهن جي حال کان مختلف نہ هيو. پر ماضي وري هال ۾ لڳل تصويرن جي حال جو جيئرو جاڳندو اهڃاڻ هو.

ٿوري دير ۾ رسمي تقريرون شروع ٿيون.

”اسان دنيا کي ڏيکارڻ ٿا چاهيون تہ بک ۽ بدحالي ڇاکي چئبو آ......“

”اسان جون مائرون اسان جون ڀينرون ٿر جي ريگستان ۾ پنهنجي آجپي جي جنگ وڙهي رهيون آهن“......

”اسان سڀن جو هت گڏ ٿيڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ اسان ٿر واسين سان گڏ آهيون......“

”جس هجي هن انٽرنيشنل NGO کي جنهن هيڏو وڏو سيمينار ڪوٺائي اسان جي اڳيان ٿر جي حالتن کي پيش ڪيو“.......

هر ڪو اسٽيج تي اچي ٿر جي حالت تي روشني وجهي، پنهنجي روشن خياليءَ جو مظاهرو ڪندو ٿي ويو، آءُ معمول مطابق پنهنجي واري جي انتظار ۾ سڀن کي ٻڌندو رهيس .

منهنجو وارو سڀن کان آخر ۾ هوندو هو ڇو تہ مونکي ٿر جي بک ۽ بدحاليءَ تي ڪيل کوکلين تقريرن ۾ حقيقت ۽ لڳل بي جان تصويرن ۾ روح ڦوڪڻ لاءِ آخر ۾ پيش ڪيو ويندو هو. اهو انڪري تہ آءُ ان بک ۽ بدحاليءَ مان نڪري آيل هڪ زنده مثال هيس ، آءُ هنن سڀني لاءِ هڪ عملي نمونو هيس.

آءُ منيءَ کان ڪي ئي ميل پري هڪ ڪکائين گهر ۾ هوش سنڀاليندڙ ٻکن جو ستايل ٻارهيس،

پنهنجي ماءُ سان گڏ پري پري کان پاڻي ڀري اچڻ منهنجي پيرن ۾ اها سگهه ڏئي ڇڏي هئي جو جسماني طور ڪمزور هئڻ باوجود بہ ٿر جي ريگستاني علائقي ۾ اٺ وانگر ڊوڙندو هئس. جڏهن سانڍير سان ٿيس تہ مٺيءَ پنڌ ايندو ويندو هيس پوءِ اتي هڪ سيٺ جي دڪان تي نوڪري ڪرڻ لڳس ، سيٺ روزانو صبح جو اخبار پڙهي تہ آءٌ عجيب نظرن سان ڪيس ڏسندو هئس ، جڏهن سيٺ اخبار جي آخري پيج تي لڳل ماڊلز جي رنگين تصويرن سان پنهنجي من اندر رنگ ڀرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو هو تہ ان وقت آءٌ فرنٽ پيج تي لکيل وڏين وڏين سرخين کي پنهنجي ننڍڙي ذهن سان سمجهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو هئس. سرخين ۾ لکيل اکرن جو مفهوم پڙهي نہ سگهڻ ڪري سمجهي نہ سگهندو هئس پر هر ڏهاڙي اخبار ۾ لکيل اکر اهو ضرور سمجهائي ويندا هئا تہ مونکي پڙهڻ گهرجي، اهڙي طرح مون ۾ پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو ، مون سيٺ جي نوڪري ڇڏي اسڪول وڃڻ شروع ڪيو. آءٌ بغير داخلا بغير ڪتابن جي وڃي ڪلاس ۾ ويهي رهندو هئس جنهن تي استاد ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو هو پر آءٌ بہ وري ٻئي ڏينهن اچي ڪلاس ۾ ويهي رهان، استاد ڪيڏڻ کان نہ مڙي آءُ اچڻ کان نہ مڙان . اسڪول جو هيڊماستر منهنجو اهڙو شوق ڏسي حيران ٿي ويو . هن منهنجي پڙهڻ جو ذمو پنهنجي ڪلهن تي کنيو. انين تائين ڪورس مڪمل ڪرائي سرٽيفيڪيٽ ونرائي نائين ۾ ڏهين جو امتحان گڏ ڏياري مونکي ڪاليج ۾ ويهاريائين. ڪاليج ۾ آءٌ پڙهائيءَ جا ريڪارڊ قائم ڪرڻ لڳس. ٻين جي حيرانگي مونکي انکري حيران نہ ڪندي هئي، جو آءٌ پاڻ ايترو حيران هئس جو صبح جو ننڊ مان اٿي ڪاليج وڃڻ کي خواب ۾ وري رات جو خوابن ۾ ٿر جي ريگستانن ۾ رلڻ کي حقيقت سمجهندو هئس. مونکي ائين تيزيءَ سان اسرندو ڏسي هڪ انٽرنيشنل NGOمونتي هٿ رکيو ۽ منهنجي پڙهائڻ لکائڻ جو ذمو بہ کنيو. هيڊماستر صاحب جي گذاري وڃڻ ڪري آءٌ بہ پريشان هئس پوءِNGOجي سهاري پڙهائي جاري رکندي يونيورسٽي مان سوشالاجي ۾ ماسٽرس ڪري آيس.

جنهنNGOمونکي سهارو ڏنو هو اها ٿر جي تعليمي معيار، تعليمي جاڻ ۽ تعليمي سهولتن جي ترقيءَ تي ڪم ڪري پئي. منهنجي سوشالاجي ۾ ماسٽرس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، ان ئي NGO مونکي جاب ڏئي پنهنجي تعليمي ترقيءَ جي ڪم جو حصو بڻائي ڇڏيو. تعليم جي ترقيءَ تي ڪم ڪيم بہ الائي نہ پر پاڻ ترقيءَ جا ڏاڪا چڙهندو پئي ويس ، پهريان حيدرآباد پوءِ ڪراچي ۽ آخر ڪار اسلام آباد شفٽ ٿي ويس ، 5 سالن کان ٿر جي بک، بدحاليءَ ۽ تعليمي معيارتي ڪوتايل ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر سيمينارن ۾ پنهنجي ڪاميابيءَ جي مثالن ۽ NGO جي ڪردار تي تقريرن ڪرڻ ۾ ايڏو تہ مصروف رهيس جو ٿر کي ويجهي کان ڏسي ئي نہ سگهيس، پر ٿر جي بک، بد حاليءَ ۽ تعليمي معيارجو حال ڪڏهن اخبار ۾ پڙهي وٺندو هئس يا وري نيوز چينل تي ڏسي وٺندو هئس. مونکي ڪڏهن

ڪڏهن اهو سمجهه ۾ نہ ايندو هو تہ مون ٽر مان بک ۽ بدحاليءَ کي هميشہ لاءِ ڪيڻ لاءِ ٽر ڇڏيو هو يا وري پاڻ کي بک ۽ بدحاليءَ مان ڪيڻ لاءِ ٽر هميشہ لاءِ ڇڏي آيو هئس.

گذريل مهيني بابا سائين پنهنجي سوٽ جي انتقال تي مونکي زوريءَ ڳوٺ وٺي ويو هو. مون جڏهن ٽر جي واريءَ تي پنهنجن پيرن ۾ پاتل امپورٽيڊ ڪيٽرپلر جا بوٽ رکيا تہ ٽر مان صور ڦوڪجڻ جهڙي دانهن نڪتي . جنهن ٽر ۾ پيرين اگهاڙي ميلن جا ميل ڊوڙندو وتندو هئس ان ٽر ۾ امپورٽيڊ بوٽ پاتل هوندي بہ هڪ وک کڻڻ ڏکي پئي لڳم. ڳوٺ پهچڻ تي ائين لڳم تہ ڄڻ هتان جي هر اک منهنجي ڪاميابي جي سفر کي ڏسڻ ۽ هر ڪن منهنجي ڪماٽي ٻڌڻ پيو گهري پر مونکي پنهنجي حيرانگيءَ وڏيڪ پريشان تڏهن ڪيو جڏهن اهو احساس ٿيم تہ هت نہ ٽي وي آهي ۽ نہ وري اخبار نہ ڪو پڙهي ٿو ۽ نہ وري ڪو خبرون ٿو ڏسي تہ پوءِ آءُ پنهنجي ڪاميابيءَ جون ڪماٽيون هُنن وڏن سيمينارن ۾ ڪنهن کي پيو ٻڌايان ؟

انهن کي، جن جو نہ تہ ٽر سان ۽ نہ وري ٿري زندگيءَ سان ڪو واسطو آ. جڏهن منهنجي تقريرن مان ٿرواسين کي ڪو لاڀ ئي نہ ٿو ملي تہ پوءِ هنن سيمينارن ۾ ڊگهيون تقريرون آخر ڪنهن لاءِ!.

مونکي اهو سمجهه ۾ نہ پئي آيو تہ هتNGOsبک ۽ بدحاليءَ کي ٿرمان ڪيڻ جو ڪم ڪري رهيون هيون يا بک ۽ بدحاليءَ سان پنهنجي سر پاڻ مهاڏو اٽڪائيندڙ ٿرواسين کي ٿر مان ڪيڻ جو ڪم ڪري رهيون هيون.

انگ اکر ڏسڻ سان ائين پيو لڳي تہ جي ٿر جي امداد جي نالي تي ڪٿي ڪيل رقم، ٿر تي خرچ ڪئي وڃي ها تہ ملڪ ۾ هڪ نئون شهر اڏجي وڃي ها ، ۽ وري ٻئي پاسي ٿر جي گهر گهر جا جيترا انگ اکرNGOsڪٺا ڪيا هئا، جي سرڪاري ادارن وٽ هجن ها تہ شايد سرڪار کي پنهنجي نااهليءَ جي خبر پئجي وڃي ها ، خبرنہ پئي پيم تہ ڪٺا ڪيل انگ اکر ۽ خرچ ڪيل رقم مان فائدو ڪير پيو وٺي.

مون کي ٿر ۾ ڪجهہ ڏينهن گذاري اهو احساس ٿيو تہ هيترا سال آءُ جن ماڻهن اڳيان پنهنجي ڪاميابيءَ جا راڳ ڳائيندو رهيس،انهن ۾ تہ ڪو فرق نہ پوٽو هو پر ٻئي پاسي جي آءُ هتي جي ماڻهن ۾ رهي ڪري انهن جي محنت ۽ ارادن ۾ پنهنجي ڪاميابيءَ جي قصن سان روح ڦوڪيان ها تہ شايد ڪيترائي مون جهڙا ٻيابہ پيدا ٿي پون ها.

جڏهن ڪان آءُ، ٿر کان ٽي آيو هئس تہ مون اهو سمجهي ورتو هو تہ اڪثرNGOsجو ٿر لاءِ ڪم ڪرڻ جو طريقو غلط آهي. اهي سڀ ان شخص وانگي آهن، جيڪو ڪناري تي بيهي ٻڏندڙ ماڻهن جا

فوٽو ڪڍي فيس بڪ تي ته لڳائي ٿو. پر هٿ وڏائي انهن کي ڪناري تي نه ٿو پهچائي. ان ئي ڪري منهنجي سيمينارن ۾ تقريرن ڪرڻ تان صفا دل کڄڻ لڳي هئي .

مون هڪ دفعو وري هال ۾ ويٺل ماڻهن ڏانهن نظر ڦيرائي، ڪو به شخص اهڙو نظر نه آيو جنهن تي منهنجي تقرير جو ڪو اثر پوڻ وارو هو. هال ۾ جذباتي تقريرن جا آواز گونجي رهيا هئا. تقريرن ۾ لفظن کان وڌيڪ رڙين سان جذبات پيرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي. آءٌ اسٽيج تي ويٺي پنهنجي رٽيل تقرير به وسارڻ لڳس، ائين لڳي پيو ته جملا مونکان هٽ ڇڏائي پنهنجي اصلي ماڳ ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هجن. منهنجو وارو اچڻ وارو هو سمجهه ۾ نه پئي آيم ته آءٌ اسٽيج تي بيهي ڇا ڳالهائيندس ؟ منهنجي آتم ڪهاڻي، منهنجي جدوجهد، منهنجي ڪاميابي هتي ويٺل ماڻهن جي لاءِ ته عملي نمونو آهي ئي نه ته پوءِ ڇو آءٌ هنن کي ويٺو هردفعي پنهنجا داستان ٻڌايان.مون سمجهي ورتو هو ته هت NGO صرف زخم ڏيکارڻ جو ڪم پئي ڪري ان تي مرهم رکڻ جو نه.

آخرڪار مونکي اسٽيج تي گهرائڻ لاءِ منهنجي تعريف جا بند ٻڌا ويا . هال ۾ ويٺل ماڻهن ۾ منهنجي ڪهاڻي منهنجي واتان ٻڌڻ جو شوق اجان به وڌيڪ جاڳي پيو سڀ نظرون مونکي تڪڻ لڳيون . مون هڪ دفعو ٻيهر هال ۾ نظر ڦيرائي سڄو هال منهنجي اصل مخاطبن کان خالي هو. مون ڄاڻي ورتو هو ته ٿر جي حال تي جي ڪو اثر ٿيڻو هو ته اهو مون سان ۽ منهنجي ٿر سان لاڳاپي سان، پري ويهي ڪوڪلين تقريرن ڪرڻ سان نه. مونکي تقرير لاءِ گهرايو ويو آءٌ پنهنجي ڪرسي تا اٿيس، گهڻي ڪوشش ڪيم ته ڊائيس ڏانهن وڌان پر قدمن ساٿ نه ڏنو. منهنجا قدم پنهنجي ليکي مونکي هال کان ٻاهر وٺي آيا. مونکي ائين لڳو ته جڻ مونکي سڄ هال ۾ لڳل اسٽيج تان نه پر ٿر جي تتل ريگستان مان ٿيو هجي، مون ڄاڻي ورتو ته منهنجي تقرير جا مخاطب هال ۾ ويٺل شهر جا امير نه پر ٿر ۾ ويٺل منهنجا غريب مارو ٽڙا آهن.

# باغبان

پروفيسر احمد ڪمال جو اهو روز جو معمول هو تہ هو شام جو ڊاڪٽر آفتاب انصاري جي بنگلي تي ويندو هو جتي هو ڊاڪٽر سان گڏ لان ۾ ويهي چانهہ بہ پيئندو هو ۽ ڪچهري بہ ڪندو هو.

پر اڄ هن کي الائي ڇو ڊاڪٽر آفتاب جي بنگلي تي وڃڻ مزو نہ پئي آيو هن کي ائين لڳو پئي تہ ڄڻ هن جي سڄي زندگيءَ جي حاصلات پاٽي ۾ ملي رهي هجي، هن کي اتي وڃڻ ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ هن جا حاصل ڪيل سڀ تمغا ۽ انعام هن لان ۾ دفن ڪيا پيا وڃن ۽ هو پنهنجي ئي هٿن سان انهن جي قبر کوٽي رهيو هجي.

ڊاڪٽر آفتاب پنهنجي پراڻي مالهيءَ مٿان وڄ وانگر ڪڙڪي پيو هو ۽ سندس ڪاوڙ هئي جا گهٽجڻ جو نالو ئي نہ پئي وٺي.

” اڙي نياڳا! آءُ توکي هڪ قابل ۽ هوشيار مالهي سمجهندو هئس جيڪو منهنجي باغ جي ٻوٽن جي سٺي طريقي سان نشونما ڪندو پر تون تہ ڪو جاهل نڪري پئين، هي تو ڇاڪري ڇڏيو، سڄي باغ جو ستياناس ڪري ڇڏيئي، هڪ بہ ٻوٽو ثابت نہ بچائيئي“ ڊاڪٽر آفتاب گلو مالهيءَ جي مٿان گجندي چيو.

گلوءَ ڪجهہ چوڻ لاءِ پنهنجي چپن کي حرڪت ڏني پر ان کان اڳ ۾ جو گلوءَ جا لفظ ڊاڪٽر جي ڪنن تائين پهچن ها ڊاڪٽر اڳ ۾ ئي دڙڪو ڏيندي چيس.

”خاموش مونکي سڀ خبر آهي تہ تو ڇا ڪيو آهي، ڇا نہ ڪيو آهي سڄو ڏينهن رڳو ٻيڙي ۽ F.M Radio پيو ٻڌندو آهين“.

خبر ناهي تہ ڇو ڊاڪٽر آفتاب جو گلوءَ کي ڳالهايل هڪ هڪ جملو پروفيسر احمد ڪمال کي پنهنجي ئي کوٽيل قبر ۾ پورڻ جو ڪم ڪري رهيو هو هن کي اها خبر ئي ڪانہ پئي تہ هو ڪيئن اتان اٿيو ۽ بنگلي کان ٻاهر نڪري آيو هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هو ڪيڏانهن وڃي رهيو هو پنهنجي گهر ڏانهن ويندڙ رستو بہ هن کي اڄ اوپرو لڳي رهيو هو جنهن رستي سان هو ڊاڪٽر جي گهر سالن کان ايندو ويندو رهيو هو اهو رستو اڄ هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو هن کي ائين پئي لڳو تہ ڄڻ هو پنهنجي گهر ڏانهن نہ پر ڪنهن اجڙيل باغ ڏانهن وڃي رهيو هجي ، جنهن جو هر ٻوٽو گلو مالهيءَ جي لاپرواهيءَ ڪري اُسري نہ سگهيو هجي.

هن جو ذهن، هن جي سوچ منتشر ٿي چڪي هئي ، هن پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ ڪڏهن پاڻ کي ان زاويي کان نہ ڏٺو هو. هو هڪ ريٽائرڊ سوشالاجي جو پروفيسر هو پروفيشنل ڪيريئر جي دوران هن

جون کي ڪاميابيون هجن يا نہ پر ريٽائرمينٽ کان پوءِ هن پنهنجي ئي زندگي تي هڪ ڪتاب ”باغبان“ لکي پنهنجو نالو ملڪ جي وڏي اديبن ۽ دانشورن ۾ لکرائي ڇڏيو هو.
”۽ هاڻي آءُ ان شخصيت کي اسٽيج تي اچڻ جي دعوت ڏيندس جنهن ادب جي دنيا ۾ پنهنجو ۽ سنڌي ادب جو نالو سڄي دنيا ۾ مشهور ڪرايو آهي, ادب جي دنيا جا ڪيترائي اعزاز حاصل ڪيا اٿس ۽ اوهان سمجهي سگهوٿا تہ اها سنڌي ادب لاءِ هڪ وڏي خدمت آهي سو آءُ هاڻي گذارش ڪندس هڪ عظيم ڪتاب ”باغبان“ جي ليکڪ جناب پروفيسر احمد ڪمال جن کي تہ اهي اسٽيج تي اچن.............“
”سڄو هال تاڙيل جي گونج سان ڀرجي ويو هو............“
پر اڄ الائي ڇا ٿيو هو. جو هن کي اهي سڀ پنهنجون ڪاميابيون ناڪاميون پئي لڳيون هن کي ائين پئي لڳو جڻ ڪا سوچ ڪا قوت هن جي هٿ مان هن جا حاصل ڪيل سڀ تمغا سڀ انعام کسي رهي هجي.
باغبان صرف هڪ ڪهاڻي هڪ آتم ڪٿا يا هڪ ڪتاب نہ پر هن جي سڄي زندگيءَ جي تلخ حقيقت هئي, باغبان اهو ڪتاب هو جنهن ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جي مختلف رنگن کي گڏ ڪري هڪ اهڙي اسڪيچ کي تخليق ڪيو هو جنهن دنيا آڏو ماڊرن معاشري جون تلخ حقيقتون ظاهر ڪري ڏيکاريون هيون. انساني چهرن پنيان بگيڙ نما ماڻهن کي ظاهر ڪيو هو . عهدن ۽ رتبن تان لهي وڃڻ کان پوءِ ڪيئن ماڻهو پنهنجن جي دلين تا بہ لهي وڃي ٿو هن ظاهر ڪري ڏيکاريو هو. هُن پنهنجي رڳن ۾ گردش ڪندڙرت کي پاڻي ٿيندي ڏيکاريو هو.
پنهنجي آتم ڪٿا جو نالو باغبان رکڻ کان اڳ ۾ هن جي ذهن ۾ گهڻا ئي نالا آيا هئا پر گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هن ان جو نالو باغبان رکيو هو. ڇاڪاڻ تہ هن جي سڄي آتم ڪٿا ۾ هن جو ڪردار هڪ باغبان وانگر هو. اهو باغبان جنهن پنهنجي باغ ۾ ان جي ٻوٽن کي نہ صرف پاڻ اسرندي ڏٺو هو پر انهن ٻوٽن جي ڦٽڻ کان وٺي وڏي وڻ ٿيڻ تائين هر ضرورت هڪ سٺي باغبان وانگر پوري ڪئي هئي, ها پر جڏهن باغ جا ٻوٽا وڻ بڻجي ميوي ڏيڻ جهڙا ٿيا تہ ان وقت تائين هو پنهنجي سگهہ وڃائي ويٺو هو ۽ باغ کي بہ باغبان جي ضرورت نہ رهي هئي, عمر جي ان حصي ۾ جڏهن هو جسماني سگهہ وڃائي چڪو هو. ان وقت هڪ وڏي ويل وڻ تان ميوو لاهڻ هن لاءِ مشڪل ٿي ويو هو.
”باغبان“ هن جي زندگيءَ جي هڪ وڏيAchievement هئي, باغبان هن کي ڪيترائي ايوارڊ ڏيارايا هئا. ٿوري ئي وقت ۾ ان جا ترجما ملڪ جي مختلف ٻولين ۾ ٿي چڪا هئا. پر اڄ خبر ناهي تہ ڇو هن کي سڀ ايوارڊ ۽ مليل تمغا پنهنجي مٿان ٺٺول ڪندي محسوس ٿي رهيا هئا. هن کي ائين لڳي رهيو هو تہ جڻ هو ڊاڪٽر آفتاب انصاريءَ جي سامهون گلو مالهيءَ وانگر هٿ ٻڌي بيٺو هجي هڪ نا اهل مالهيءَ وانگر.
هو سهڪندو سهڪندو پنهنجي گهر پهتو جيئن ئي بيڊروم ۾ داخل ٿيو تہ سامهون آئيني تي نظر

پيس جتي هن کي پنهنجو عڪس بيٺل نظر آيو. جيڪو هن کان جڻ تہ ڪجهہ سوال پڇڻ چاهيندو هجي ۽ هو پاڻ کي هن جي سامهون گلو ماليءَ وانگر بيوس ۽ لاچار بيٺل محسوس ڪندو هجي، هن پنهنجي سوچ، پنهنجي خيالن کي هٽائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر هن جي هر ڪوشش ناڪام وئي، هن جون سوچون هن کي واپس ڊاڪٽر آفتاب جي لان ۾ وٺي ويون.

ڊاڪٽر آفتاب گلو ماليءَ مٿان وڄ وانگر ڪڙڪي رهيو هو.

" تون مونکي ٻڌاءِ جاهل! تہ ماليءَ جي ڪهڙي ذميواري هوندي آهي! پنهنجي ٻوٽن جي اسرڻ لاءِ ضروري هر شيءِ جو خيال رکڻ يا ....."

هو پنهنجي سوچن کي زوريءَ ڇڪي واپس ڪٺي آيو ۽ وڏي اعتماد سان پنهنجي عڪس جي اکين ۾ اکيون وجهي چيو.

" مون پنهنجي باغ جي هر ٻوٽي جي ضرورت پوري ڪئي ننڍي کان ننڍي شيءِ کان وٺي دنيا جي هر اها شيءِ انهن کي ڏني جيڪا انهن جي اسرڻ لاءِ ضروري هئي".

هو واقعي هڪ سٺو باغبان هو هن جي باغ جا ٽي ٻوٽا جمال،سهيل ۽ راحيل وڏي وڻ ٿي چڪا هئا ۽ اها حقيقت هئي تہ اهي ائين ئي نہ اسريا هئا، انهن جي وڏي وڻ ٿيڻ ۾ هن جي ڏينهن رات جي محنت شامل هئي، هن کي هڪ هڪ ڏينهن هڪ هڪ لمحو ياد آهي تہ ڪيئن انهن کي پالي نپائي وڏو ڪيو هئائين. اڄ جي ڪڏهن هو سڀ وڏن عهدن تي فائز هئا تہ اهو سڀ هن جي ڪوششن ۽ ڪاوشن جو نتيجو هو، نرسري اسڪول کان وٺي ملڪ جي وڏن تعليمي ادارن تائين ۽ ملڪ کان وٺي ٻاهرين ملڪن تائين هن هر خرچ خوشي خوشي ڪيو هو تہ جيئن هن جي اولاد ڪنهن سٺي منزل تي پهچي سگهي.

هن پنهنجي عڪس جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو.

" آءُ اهو باغبان آهيان، جنهن پنهنجي ٻوٽن جي انهن جي خواهش مطابق ضرورت پوري ڪئي آهي".

هن کي ياد آيو تہ ڪيئن هڪ دفعي اڌ رات جو سهيل آئيس ڪريم جو ضد ڪيو هو ۽ اهو بہ ڊسمبر جي سرد رات ۾ ۽ هن ان وقت گاڏي ڪڍي هئي ۽ سڄي شهر ۾ گاڏي ڊوڙائي، الائي ڪٿان هُن لاءِ آئيس ڪريم وٺي آيو هو. هن کي اهو بہ ياد آيو تہ ڪيئن جمال ڪاليج وڃڻ لاءِ موٽر سائيڪل جي فرمائش ڪئي هئي ۽ هن ٻئي ڏينهن تي هن جي هٿ ۾ بائيڪ جي چاٻي رکي هئي. هو راحيل جي رڳو هڪ ننڇ ڏيڻ تي هاسپيٽل جي ڊاڪٽرن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيندو هو.

هن هڪ دفعو ٻيهر فاتحانہ انداز سان آئيني ۾ پنهنجي عڪس ڏانهن نهاريو. پر عڪس هو جو هن ڏانهن عجيب طرح سان نهاري کلي رهيو هو. هن جي حيرانگي ۽ پريشاني اجان بہ وڌي ويئي. عڪس جڻ تہ هن تي ٺٺوليون ڪري رهيو هجي ۽ طنزيہ کلندي چئي رهيو هجي تہ.

" تون پنهنجين سيني راتين جون ننڊون ڦٽائي پنهنجي ڪمايل سڄي دولت اولاد مٿان لٽائڻ باوجود بہ گلو ماليءَ وانگر هڪ نااهل ۽ ناڪام مالهي آهين".

هن جي پريشاني اجان وڌي وئي هن جي مٿي تي پگهر لهي آيا هن کي ائين لڳڻ لڳو جڻ گلو

مالهي هن جي وجود ۾ گهڙي آيو هجي ۽ هو ان کي ڪيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هجي. آئيني ۾ سامهون بيٺل هن جو ئي عڪس هن کي گلو مالهي چئي ٺٺوليون ڪري رهيو هجي. هن جي سوچ هن کي هڪ دفعو ٻيهر ڊاڪٽر آفتاب جي لان ۾ وٺي وئي جتي گلو مالي ڊاڪٽر جي پيرن ۾ ڪريو پيو هو ۽ هٿ ٻڌي ڊاڪٽر کي چئي رهيو هو.

”سائين اوهان کي ته خبر آهي ته هن دفعي جهولو ڪيڏو نه تيز لڳو هو جنهن گلاب جي مکڙين کي گل ٿيڻ کان اڳ ئي ساڙي ڇڏيو ۽ سائين مون اوهان کي اڳ به ٻڌايو هو ته دريا جي پاڻي ۾ به هن دفعي اها طاقت نه هئي، جنهن ڪري به ٻوٽا ڪمزور ٿي پيا، مٿان وري پاڙي وارن ڇورن جي بيٽ بال به باغ جو حشر خراب ڪري ڇڏيو مون کين گهڻو روڪيو پر ڇورا مڙن ئي ڪانه پيا آءُ ڇا ڪريان“.

ڊاڪٽر آفتاب گلو مالهيءَ جا اهي عذر ۽ بهانا ٻڌي ويتر مچرجي پيو.

” جاهل انسان مونکي ٿو پڙهائين، ڇا ان جهولي سڄي شهر جا ٻوٽا ساڙي ڇڏيا، وچ وچين پرسان سائين جان محمد جي بنگلي تي ڏسي اچ ڪيڏا نه سهڻا گل ڦٽي آيا آهن، اڙي نا اهل! اهو تنهنجو ڪم هيو ته تون پنهنجي باغ کي سنو پاڻي سنوماحول ڏين هان ۽ وري هر خطري کان محفوظ به رکين ها“.

هو پنهنجي سوچ کي واپس بيڊروم ۾ ڇڪي ڪٽي آيو هن دفعي پاڻ کي وڏيڪ پر اعتماد محسوس پئي ڪيائين، هن پنهنجي عڪس جي اکين ۾ اکيون ملائي هُن کي ٻڌائڻ ٿي چاهيو ته هو ڪيڏو نه مهان باغبان آهي. هن کي ياد آيو ته ڪيئن هن پنهنجي باغ جي نازڪ گلن کي سردي گرمي کان محفوظ رکيو هو هر بيماري کان بچايو هو. هو پنهنجي محدود وسيلن باوجود به گهر ۾صحت ۽ صفائي لاءِ هر اُپاءُ وٺندو هو هڪ دفعي سڄو ڏينهن بجلي ڇا وئي هئي، هو ٻجي وڃي وڏو جنريٽر وٺي آيو هو. هن کي اهو ڏينهن به ياد آيو جڏهن ڪرڪيٽ کيڏندي پاڙي جي ڇوڪري جو بائونسر سهيل کي لڳو هو ۽ هن ان ڇوڪري کي اها ڪٽ ڪڍي هئي جو هو ست ڏينهن ٻيڊ تان نه اٿي سگهيو هو.

هن هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي عڪس جي اکين ۾ اکيون وجهي پنهنجي فتح جو اعلان ڪرڻ ٿي چاهيو پنهنجي وجود ۾ گهڙيل گلو مالهيءَ کي ڇڪي ٻاهر ڪيڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين پر هن جو عڪس هئو جو هن مٿان مسلسل طنز سان کلي رهيو هو هن جي پريشاني ويتر وڌي وئي هن جي نرڙ تي پگهر جا ڦڙا نڪري آيا هن جي زبان خشڪ ٿي وئي هن فرج مان ٿڌو پاڻي ڪيڍي پيتو ۽ صوفي تي لاچار ۽ بيوس ٿي ويهي رهيو.

اڄ هو پاڻ کي بلڪل ائين بيوس ۽ لاچار محسوس ڪري رهيو هو جيئن هن پاڻ کي ريٽائرمينٽ کان پوءِ پهريون دفعو بيوس ۽ لاچار محسوس ڪيو هئائين. اڄ هن کي پنهنجي اها بيوسي ياد اچي وئي جيڪا هن کي ريٽائرمينٽ کان پوءِ سرڪاري بنگلو واپس ڏيڻ وقت محسوس ٿي هئي. هو اهو باغبان هو جنهن پنهنجي سڄي زندگي باغ جي ٻوٽن کي ٿڌي ڇانو ڏيڻ ۾ گذاري ڇڏي هئي پر پنهنجي ڇانو لاءِ هڪ سڪل وڻ به نه بچايو هئائين . هن کي ياد آيو ته ڪيئن هن پنهنجي وڏي پٽ جمال کي شوق سان پڙهايو هو ۽ شهر جي وڏي بزنس مين لالا رحمت جي ڌيءُ کي گهر ۾ نهن بڻائي وٺي آيو هو پر لالا رحمت

جي ڏيءُ کي هن جو گهر ننڍو لڳو هو ۽ ٻئي زال مڙس ڊفينس ۾ بنگلو وٺي شفٽ ٿي ويا هئا. هن کي اهو به ياد آيو ته ڪيئن سهيل هن سان انگلينڊ مان MBAڪرڻ جو ضد ڪيو هو. هن پنهنجي سڀ جمع پونجي لڳائي، هن کي انگلينڊ موڪليو هو ۽ سهيل انگلينڊ مان MBAسان گڏ ميڊم به وٺي آيو. MBAهن کي ڪاروبار ڪرڻ سڪاريو الائي نه پر ميڊم هن کي ماءُ پيءُ کان پري ٿيڻ ضرورسيکاري ڇڏيو.

ريٽائرمينٽ کان پوءِ هڪ راحيل ئي بچيو هو جيڪو هن ٻنهي زال مڙسن جو خيال به رکندو هو ۽ وري پنهنجي ٻنهي ٻائرن کي والدين ڏانهن توجه نه ڏيڻ تي ٽوڪيندو به رهندو هو. هر وقت پنهنجي پيءُ ماءُ جون ننڍيون ننڍيون ضرورتون ۽ خواهشون پوريون ڪرڻ ۾ لڳو پيو هوندو هو. هر هفتي لڪي لڪي ياءُ جي گاڏي ڪڍي ٻنهي کي گهمائڻ به وٺي ويندو هو. پر جڏهن کان جمال هن جي شادي پنهنجي ساليءَ سان ڪرائي ۽ هن کي هڪ ننڍو بزنس سيٽ اپ هٽي ڏنو هو ته هو به ٻين ٻائرن وانگر والدين کي بار سمجهڻ لڳو هو.

هن کي ياد آيو ته ڪيئن هن جي اولاد وٽ هنن جي پنهنجي اولاد لاءِ ته وقت هوندو هو پر والدين لاءِ هنن وٽ وقت صفا نه هو. جڏهن کان هن سرڪاري بنگلو ڇڏيو هو تڏهن کان ٻئي زال مڙس چرڻ آسمان ۾ ڪاتا ٽيل لغڙ وانگر ٿي پيا هئا. ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي، جيڏانهن هنن جي اولاد جي مرضي هنن کي وٺي ويندي هئي اتي وڃي رهندا هئا. هونءَ ته هن جا پٽ پنهنجي پنهنجي ٻارن سان وڏن وڏن بنگلن ۾ رهندا هئا پر انهن وڏن بنگلن ۾ هنن لاءِ ٿوري جڳهه به مشڪل سان هئي. جنهن ڪري هي ٻئي ڪڏهن ڪنهن پٽ وٽ ته ڪڏهن ڪنهن پٽ وٽ رهندا هئا. ڪڏهن هڪ نُهن جا مهڻا ته ڪڏهن ٻئي جا طعنا ٻڌڻ هنن جو معمول بڻجي ويو هو. آخر ڪار هن جي پٽن هنن ٻنهي کان بيزار ٿي، هڪ الڳ گهر وٺي ٻنهي پوڙهن کي ان ۾ شفٽ ڪري ڇڏيو. اها هن لاءِ هڪ وڏي سزا هئي جو هڪ باغبان کي پنهنجي باغ کان جدا ڪيو ويجي پر هن ان کي قسمت جو فيصلو سمجهي قبول ڪري ورتو ۽ ان فرصت دوران پنهنجي احساسن کي قلم جي زبان ڏيڻ شروع ڪيائين ۽ پنهنجي باغبانيءَ کي دنيا تائين پهچايائين.

باغبان هن جي هڪ عظيم تخليق هئي. باغبان صرف هڪ آتم ڪٿا نه پر هن ترقي يافته دور جي گهر گهر جي ڪهاڻي هئي، هن دور جي مجبور ۽ لاچار والدين جي آهه و ٻُڪا هئي ، هن دور جي نئين نسل جي تنگ نظري ۽ بي حسيءَ جي عڪاسي هئي. باغبان اهڙي ته پسند ڪئي وئي جو هن جو پهريون ايڊيشن ٿورڙي وقت ۾ ختم ٿي ويو. باغبان هن کي صرف نالو نه پر تمام گهڻو پئسو به ڏنو. پنهنجي ٽيهه سالا پروفيشنل دور ۾ هن ايترا ايوارڊ حاصل نه ڪيا هئا، جيترا باغبان لکڻ کان پوءِ هن کي مليا هئا.

هن جو نالو پئسو ۽ معاشري ۾ حيثيت ڏسي، هن جي باغ جا اُسريل ٻوٽا جمال، سهيل ۽ راحيل هن ڏانهن ڊوڙندا آيا ته جيئن هن کي پرڇائي هن جي دولت ۽ شهرت مان ڪجهه مستفيد ٿي سگهن ، پر هن

انهن کي هميشہ لاءِ عاق ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي گهر جا دروازا هنن لاءِ هميشہ لاءِ بند ڪري ڇڏيا هئا.

هاڻي هو وڏيڪ غضب ۽ ڪاوڙ سان صوفي تان اٿي آئيني ڏانهن ويو پنهنجي جوش ۽ همت کي ڪٺو ڪندي پنهنجي عڪس جي اکين ۾ اکيون ملائي چيو.

”تون ڇا ٿو سمجهين، آءُ گلو مالهيءَ وانگر هڪ جاهل مالهي آهيان جنهنجا ٻوٽا صحيح ماحول نہ ملڻ ۽ غذا جي کمي ڪري سڙي ويا هئا . نہ تون غلط ٿو سوچين مون پنهنجي ٻوٽن پنهنجي اولاد کي کاڌ خوراڪ ۽ سٺي ماحول جي ڪا بہ کمي نہ ڏني هئي مون پنهنجي ٻوٽن کي بهتر کا بهتر خوراڪ ۽ ماحول ڏنو هو.“ هن وڏيڪ جذباتي ٿيندي چيو.

”تون ڇاٿو سمجهين، آءُ بہ گلو مالهيءَ وانگر آهيان، جنهن پنهنجي ٻوٽن کي صحيح وقت ۽ توجهہ نہ ڏني، جنهن ڪري هن جي ٻوٽا گل ۽ ميوو ڏيڻ جي موسم ۾ سڪل پنن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڏئي سگهيا. نہ تون غلط آهين، تنهنجي سوچ غلط آهي منهنجي ٻوٽن گل بہ ڏنا ۽ ميوو بہ ۽ اهو سڀ ڪجهہ منهنجي صحيح توجهہ ۽ وقت ڏيڻ جي نتيجي ۾ ٿيو“.

هن جي انهن سڀن ڳالهين جو هن جي عڪس تي ڪو بہ اثر نہ پيو پئي. عڪس هن ڏانهن مسلسل طنزيہ نظرن سان ڏسي رهيو هو. هن کي آئيني ۾ بيٺل عڪس تي ڪاوڙ اچي رهي هئي، هن پنهنجي نرڙ تان پگهر اگهندي رڙ ڪندي چيو.

”آخر تون مڃين ڇو ڪونہ ٿو ، تہ آءُ هن مالهيءَ وانگر ناڪام نہ آهيان ، آءُ تہ هڪ ڪامياب مالهي آهيان تون تہ ڇا، مونکي سڄي دنيا مڃي پئي. آءُ بهترين والدين لاءِ هڪ اهڃاڻ ٿي پيو آهيان، ۽ تون آهين جو مونکي مڃين ئي ڪانہ پيو.“ هن پنهنجي اندر جي باهہ ڪيندي چيو.

”ها آءُ وري بہ چوندس تہ تون هڪ نااهل، جاهل ۽ ناڪام مالهي آهين بلڪل گلو مالهيءَ وانگر.“ عڪس هن جي اکين ۾ اکيون وجهندي اعتماد سان چيو.

”نہ نہ، مان ناڪام نہ آهيان ! تون نہ پيو ڏسين مون کي ڪيڏا انعام ڪيڏا تمغا مليا آهن.“ هن گڙگڙائڻ جي ڪيفيت ۾ عڪس کي مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”ها بلڪل! تو کي انعام ۽ تمغا مليا آهن، پر اهي سڀ تو کي تنهنجي ڪامياب باغبانيءَ جي ڪري نہ، پر ناڪام باغبانيءَ جي قبر تي بهترين لفظن جي چادر چڙهائڻ تي مليا آهن. جيڪڏهن گلو مالهيءَ کي بہ پنهنجي ناڪامي تي ڪجهہ لکڻ اچي ها تہ شايد هن کي بہ انعام ڏنا وڃن ها.“ عڪس هن جي ڪاميابيءَ کي ناڪامي ثابت ڪندي چيو.

ڪاوڙ ۽ غضب جا آثار هن جي منهن تي تري آيا، هو ڳاڙهو لال ٿي ويو.

”تون منهنجي ڪاميابي تي سڙين ٿو آءُ گلومالهيءَ وانگر نا اهل ۽ ناڪام ڪيئن ٿو ٿي سگهان، جنهن جا سڀ ٻوٽا سڙي ويا جڏهن تہ مون پنهنجن ٻوٽن کي پنهنجي مقام تي پهچايو آهي، انهن کي انهن جي رتبن تي پهچائڻ ۾ منهنجن ئي ڪاوشن جو عمل دخل آهي.“ هن پنهنجو ڪاميابيون ڪولي ٻڌايون.

هن جي عڪس هن ڏانهن ڪلندي نهاريو.”اهو ئي تہ ڏک آهي تہ تون پنهنجي باغ جي ٻوٽن کي پنهنجي مقام تي نہ پهچائي سگهين.“ عڪس هن کي ويتر حيران ڪندي چيو.

هن جي ڪاوڙ اجان بہ وڌي وئي. هن هيڪر چاهيو تہ ٽيبل تي رکيل گلاس کڻي آئيني کي هڻي ۽ پنهنجي عڪس جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي پر اهو سوچي هن پاڻ کي روڪي ورتو تہ هڪ عڪس کي جواب ڏيڻ سئو عڪسن کي جواب ڏيڻ کان آسان آهي. هن پنهنجي ڪاوڙ تي ڪنٽرول ڪندي وراڻيو.

”مقام! تون نہ ڏنو ڇا؟ تہ ڪيئن جمال، سهيل ۽ راحيل وڏن وڏن عهدن تي فائز آهن ۽ سڄو شهر هنن جي مقام ۽ مرتبي کي مڃي پيو اجان مان هنن کي ڪهڙي مقام تي پهچايان ها ؟“

”پروفيسر احمد ڪمال صاحب ! تنهنجي باغ جو مقام ۽ مرتبو گلو مالهيءَ جي باغ جي مقام ۽ مرتبي کان مختلف آهي ، مقام تي پهچڻ معنيٰ فطري ڪمال تي پهچڻ ۽ تون چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿو تہ هڪ ٻوٽي جي فطري ڪمال ۽ انسان جي فطري ڪمال ۾ ڪهڙو فرق آهي. ٻوٽي جو ڪمال ٻج کان اسري هڪ مڪمل ٻوٽو يا وڻ ٿيڻ آهي، جنهن جا گل خوشبودار ,پن ساوا ۽ ميوو مٺو هجي ۽ اهو سڀ ڪجهہ هڪ سٺو باغبان پنهنجي باغ جي نباتاتي ضرورتون پوريون ڪري ئي ڪري سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ هو هڪ نباتات ساز آهي، ٻوٽن کي پالڻ نپائڻ وارو هنن کي ڪمال تي پهچائڻ وارو پر تون جنهن باغ جو باغبان آهين ان جي ٻوٽن کي انسان بڻجڻو آهي، تون هڪ انسان ساز آهين. انسان کي پالڻ نپائڻ وارو ان کي ڪمال تي پهچائڻ وارو. تنهنجي ٻوٽن جو مقام عظيم آهي، انهن کي صرف جسماني طور وڏي وڏو ناهي ٿيڻو پر انهن کي انسانن لاءِ نفعي بخش ۽ معاشري جو هڪ با ڪردار انسان بڻجڻو آهي. جيئن هڪ ٻوٽي جون نباتاتي ضرورتون پوريون نہ ٿينديون تہ هو سڪل سڙيل پنن کان سواءِ ڪجهہ نہ ڏيندو، ائين ئي جيڪڏهن انسان جون فطري ضرورتون پوريون نہ ٿينديون تہ هو اخلاق ۽ ڪردار کان آجو رهجي ويندو.“ عڪس هن جي ذهن جا پڙدا کوليندي چيو.

هن جو مٿو چڪرائڻ لڳو هن جا چپ خشڪ ٿي ويا، هن کي ائين پئي لڳو ڄڻ سامهون بيٺل هن جو عڪس هن کان پنهنجي شناخت کسي رهيو هجي. هو پاڻ کي ان ڪوهہ پيما وانگر محسوس ڪري رهيو هو جيڪو K2 جي آخري چوٽيءَ تان ٿاٻو کائي اونهاين ڏانهن هيٺ ڪري رهيو هجي. هن بيزاريءَ مان عڪس ڏانهن نهاريندي چيو.

”مون کي تنهنجون ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ پيون اچن. تون آخر چوڻ ڇا پيو چاهين؟ ڇا مون پنهنجي ٻوٽن پنهنجي اولاد جي فطري نشونما جون ضرورتون پوريون نہ ڪيون آهن؟“

”ڪاش! تو پوريون ڪيون هجن ها ! تہ هو اڄ صرف جسماني طور تي وڏي ويل گهمنڊڙ ڦرنڊڙ انسان نما جانور نہ هجن ها ، آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ روبوٽ نما مشينيون نہ هجن ها ۽ جديد دور جي بنگلي نما غارن ۾ رهندڙ ٻگهيڙ نہ هجن ها.

ڇا تو ڪڏهن ڪنهن گلاب جي ٻوٽي لاءِ ڪنهن کي ائين چوندي ٻڌو آهي تہ جيڪڏهن هن جي

صحيح نشونما يا باغباني ٿئي ها تہ هي ڪيڏو نہ با اخلاق ، باڪردار ۽ شرافت مند گلاب جو گل ٿئي ها, نہ ! ڪير بہ ائين نہ چوندو ڇاڪاڻ تہ هن جي فطرت ۾ اها خاصيت آهي ئي نہ, اها خاصيت صرف انسان جي فطرت ۾ آهي تہ هو هڪ با ڪردار ، با اخلاق, شرافت مند, ذميدار ۽ فرض شناس ٿي سگهي ٿو. هاڻي تون ٻڌاءِ تہ جهڙي طرح هڪ ٻوٽي جي سڪي ۽ سڙي وڃڻ جو ڪارڻ مالهي ٿي سگهي ٿو تہ انسان جي بد ڪرداري, بد اخلاقي, بي حسي ۽ بي ادبي جو ڪارڻ ڪير ٿي سگهي ٿو.“ عڪس هن جا حواس خطا ڪندي پڇيو.

عڪس جون ڳالهيون هن جي ذهن تي ڊرون حملن جيان ڪم ڪري رهيون هيون. هن جو سڄو جسم ڏڪي رهيو هو, هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هو ڇا ڪري ڇا چوي, عڪس وڌيڪ چيو.

”مالهيءَ جي لاپرواهي نا اهليءَ جي ڪري هڪ گل ڦٽڻ کان اڳ۾ سڪي سگهي ٿو ، هڪ ٻوٽو اسرڻ کان اڳ۾ سڙي سگهي ٿو ۽ هڪ باغ سرسبز ٿيڻ کان محروم ٿي سگهي ٿو پر انساني باغبان جي لاپرواهيءَ نا اهليءَ سبب هڪ انسان بدڪردار فرد بڻجي ٿو, جنهن وٽ نہ انسان دوستيءَ جا قدر هجن, نہ پنهنجي سماج جي اڏاوت جو جذبو هجي, نہ رشتن جو احترام هجي ۽ نہ قدرت جي حرمت هجي. اهڙو انسان پنهنجي ذات جي سياءَ ۾ پلاين کان تہ سماج کي محروم رکي ٿو پر گڏو گڏ هڪ اهڙي خاندان جو بنياد رکي ٿو جنهن مان انساني قدرن کان خالي معاشرو جنم وٺي ٿو. ڪنهن اجڙيل باغ کي تہ وري سرسبز ڪري سگهجي ٿو پر ڪنهن معاشري کي سڌارڻ ۾ صديون ٿيون لڳي وڃن “.

هن جا چپ صفا خشڪ ٿي ويا هئا, هو پاڻ کي ڪٽهڙي ۾ بيٺل هڪ ڏوهيءَ وانگر محسوس ڪري رهيو هو اهڙو ڏوهي جنهن جي ڏنل هر دليل هن جي ئي مٿان ڏوهہ ثابت ڪرڻ جو ڪم پئي ڪري. هن کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ تہ هو فرياديءَ جي ڪٽهڙي ۾ بيٺل هڪ مجرم هجي ، جنهن جي پنهنجي فرياد ئي هن  مٿان فرد جرم ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي هجي. هن کي ائين پئي لڳو ڄڻ هن جي مجرم جون هٿڪڙيون کولي سندس هٿن ۾ ٻڌيون پيون وڃن ۽ هو واڪا ڪري چوندو هجي تہ آءُ بي ڏوهي  آهيان.

هن ڪجهہ چوڻ چاهيو پر هن جا لفظ خشڪ ڳلي ۾ اٽڪي پيا هن پاڻيءَ جو گلاس پي پنهنجي ڳلي کي آلو ڪيو.

”تون ڇا ٿو چوڻ چاهين تہ پنهنجي اولاد پنهنجي گهر ۽ معاشري جي هر برائي جو ذميوار آءُ آهيان..... نہ نہ تون غلط ٿو سوچين, هر ڪو پنهنجي سوچ سمجهہ ۽ ڪردار جو ذميوار پاڻ آهي, آءُ ڇو آهيان؟“ هن عڪس اڳيان پنهنجي صفائي پيش ڪئي.

”جي ائين آهي تہ پوءِ تون ڇو پڇي آئين ڊاڪٽر آفتاب جي بنگلي تان وڃ نہ اتي بيهر ۽ ڊاڪٽر کي سمجهاءِ تہ سائين ڇو هن غريب مالهيءَ کي پيا ڳالهايو هن غريب جو تہ ڪو ڏوهہ ئي ڪونهي, سڄو ڏوهہ تہ توهان جي هنن ٻوٽن جو آهي جو صحيح طرح اسري نہ سگهيا ڪٿي ڦِٽي ڪيو هنن ٻوٽن کي هي پاڻ سڪي سڙي ويا آهن.“ عڪس هن کي تنقيدي جملن جي مار ڏني. ”وڃ نہ, ڇو نہ پيو وڃين.“ عڪس زور

پريندي چيس.

هو ائين بت بڻجي بيٺو هو جڻ ڪنهن هن جي پيرن ۾ ڪوڪا هڻي ڇڏيا هجن يت چري جو هو چري.

”تون ڄاڻي ٿو تہ جهڙي طرح مالهيءَ جي ذميواري هوندي آهي اهڙي طرح والدين جي بہ ذميواري هوندي آهي ۽ اها ذميواري هڪ عظيم ذميواري آهي، جنهن جي ڪري ئي الله تعاليٰ ماءُ پيءُ جو عظيم رتبو ڪيو آهي. اهو رتبو صرف جنسي جذبي تحت اولاد کي وجود بخشڻ ڪري نہ مليو آهي، پر اهو ان ذميواريءَ ڪري مليو آهي جنهن تحت هو اولاد کي فطري ڪمال تي پهچائن ٿا. پنهنجي اولاد کي انسانِ ڪامل بڻائن ٿا. والدين جي ذميواري صرف اها نہ آهي تہ اولاد جي کاڌي پيتي رهڻ ڪرڻ جون ضرورتون پوريون ڪن، پر انهن جي بهتر تربيت جون ضرورتون بہ پوريون ڪن. هڪ باغ جو باغبان تہ صرف ان باغ جو ذميوار آهي، پر بگڙيل اولاد جا والدين سڄي معاشري جي بگاڙ جا ذميوار آهن. ڇاڪاڻ تہ اڄ جو ٻار ئي سڀاڻي جي معاشري جي تشڪيل ڏيندو. جيڪڏهن هن جي تربيت صحيح ٿيل هوندي تہ سڀاڻي جو معاشرو هڪ ڪامل ۽ بهترين معاشرو هوندو. سڀاڻي جون سڀ علمي، سماجي ۽ سياسي شخصيتون انهن مان وجود ۾ اچڻيون آهن. ان ڪري جو اڄ جو ٻار سڀاڻي جو ماءُ پيءُ آهي، هڪ انسان ساز آهي، سڀاڻي جو باغبان آهي.“ عڪس هن جي اڳيان پنهنجو موقف کولي رکيو.

عڪس جون ڳالهيو هن جي ذهن کي وڪوڙي ويون هيون. هو پاڻ کي پنهنجي ئي وجود جو قيدي محسوس ڪري رهيو هو. هڪ اهڙو قيدي جنهن جي چوڌاري اڏيل ڪوٽ جا سڀ در ۽ رستا ڪليل هجن پر هن ۾ فرار جي سگهہ ئي نہ بچي هجي. هن کي پنهنجا سڀ تمغا ۽ انعام بيڪار محسوس ٿي رهيا هئا. هن دل سان اهو فيصلو ڪيو تہ هو پنهنجي عڪس جي سامهون هار مڃيندو ۽ اقرار ڪندو تہ واقعي هو هڪ ناڪام باغبان آهي، هن اهو فيصلو ڪيو تہ هو پنهنجي عڪس جا لڳايل سڀ الزام قبول ڪندو. هو همت ڪري هڪ دفعو ٻيهر آئيني جي سامهون آيو تہ جيئن هو عڪس جي سامهون پنهنجي جرم جو اقرار ڪري. پر هن دفعي جيئن ئي آئيني ڏانهن نهاريائين تہ پنهنجي عڪس کي بي وس ۽ لاچار بيٺي ڏٺائين . جنهن جي هٿ ۾ تہ ڪامياب ليڪڪ، اديب ۽ دانشور جا ڪيترائي ايوارڊ هئا پر ان جي چهري تي هڪ ناڪام باغبان جا آثار صاف نظر اچي رهيا هئا.

هن آئيني ڏانهن ڪلندي ڏسي چيو.

”پروفيسر احمد ڪمال!“

# بيوقوف

آءُ تو کي ڪيڏو نہ بيوقوف سمجهندو هئس۽ ڪيئن نہ توکي هر وقت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس، پر تون هئين جو پنهنجي عجيب حرڪتن کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هئين، تون منهنجو گهاٽو دوست هئين ۽ منهنجي اها خواهش هوندي هئي تہ تون بہ مون وانگر هِڪ ڪامياب زندگي گذارين پر تو هميشہ پنهنجي بي جا ضد ۽ انا جي ڪري زندگي جي هر ونهوار ۾ پوئتي رهجي وئين.

تنهنجي بہ عجيب طبيعت هئي، جنهن قطار ۾ ماڻهون ٻين کي ڌڪا ڏئي اڳيان ٻيهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، اتي تون ٻين کي اڳتي ڪري پاڻ پويان ٻيهي رهندين هئين، جنهن ادارن ۾ گوسڙو شاگرد استادن جي چاپلوسي ۽ ڪاپي ڪري وڏين مارڪن سان پاس ٿيندا هئا، اتي تون پنهنجي قابليت تي ئي ڀاڙيندي هئين ۽ ڏينهن رات هڪ ڪري چڙيندين هئين، پاڻ تہ پڙهندي هئين پر ٻين کي بہ پڙهائيندو وتندو هئين پر جڏهن رزلٽ ايندي هئي تہ اڪثر سفارشي ۽ ڪاپي ڪندڙ شاگردن جون مارڪون تو کان وڌيڪ اينديون هيون، وري جي آءُ تو کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس تہ تنهنجي ڏينهن رات جي پڙهائيءَ باوجود بہ جڏهن هڪ ڪاپي ڪندڙ۽ سفارشي تو کان وڌيڪ مارڪون ڪٽي پاس ٿو ٿي وڃي تہ تنهنجي هيڏي پڙهائيءَ جو ڇا فائدو تہ موٽ ۾چوندو هئين،

” آءُ هتي صرف ڊگري وٺڻ ڪو نہ آيو آهيان، آءُ تہ علم پرائڻ آيو آهيان، علم پرائڻ بغير وڏين مارڪن سان ڊگري وٺي، دوکو پاڻ سان ڪيان ۽ بيوقوف ٻين کي سمجهان، اهو منهنجي سمجهہ کان چڙهيل آ“.

”اڙي بيوقوف! هت نوڪريءَ لاءِ علم ڪٿي ڏنو ويندو آهي، هتي تہ سفارش ۽ ڊگري ڏٺي ويندي آهي ، اُها علمي قابليت ڪهڙي ڪم جي جو نہ تہ ڪنهن سٺي اداري ۾ داخلا وٺي سگهجي نہ وري ڪا سٺي پوسٽ.“ آءُ تو کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس.

”هينئر منهنجو مقصد صرف علم حاصل ڪرڻ آهي، اُن مقصد تي پهچڻ مون لاءِ تمام ضروري آهي ۽ مقصد کان هٽائيندڙ هر شيءِ مون لاءِ فضول آهي، ڀلي ڪٿي اها ڪنهن پوسٽ جي لالچ هجي يا وري ڪنهن سٺي اداري ۾ داخلا ڇو نہ هجي.“

تنهنجن اهڙن بيوقوفانہ فلسفن تي مونکي ڪل بہ ايندي هئي تہ وري چڙ بہ وٺندي هئي. تون پاڻ ڏسندين هئين تہ تنهنجي اڳيان ڪهڙا ڪهڙا نااهل ماڻهون سٺيون مارڪون ڪٽي پاس ٿي ويندا هئا ۽ رشوَتون ڏئي وڏين وڏين پوسٽن تي بہ پهچي ويندا هئا، پر انهن ڳالهين جو توتي ڪو اثر نہ ٿيندو هو ، جت ماڻهون چالاڪيءَ ۽ هوشياريءَ جي تيز رفتار لفٽ تي چڙهي ڪاميابيءَ جي منزل تائين جهٽ

وجي پهچندا هئا, اُتي تون پنهنجي فُضول اصولن جي پٺڀل تٺل ڏاڪڻ تان متي چڙهڻ جي ڪوشش ڪندو هئين, جيڪا هر دفعي ڦيرائي توکي پٺ تي ڪيرائيندي هئي. وري عجيب ڳالهہ اها هئي تہ هر دفعي ڏک ڪاٺڻ کان پوءِ بہ تون ڏاکڻ ڏانهن ئي وڌندو هئين, لفٽ استعمال نہ ڪندو هئين.

آءٌ تنهنجي سامهون هيس مون هر اها لفٽ استعمال ڪئي هر اُن گس تي هليس ۽ هر اهو طريقو اختيار ڪيو جيڪو مونکي ڪاميابيءَ طرف وٺي ويو. آءٌ مجان ٿو تہ پلي ڪٽي توکان قابليت ۾ گهٽ هيس پر توکان سنيون مارڪون کڻندو رهيس ۽ پوسٽ ۾ بہ متي رهيس. ها اها بہ ڳالهہ آهي تہ جي آفيشل ڊرافٽنگ جي ضرورت پوندي هئي يا وري ڪنهن ميٽنگ جي تياري ڪرڻي هوندي هئي تہ تنهنجي مدد وٺندو هيس. پر افسوس اهو ٿيندو هئم تہ تون پنهنجي قابليت سان نہ پاڻ کي ۽ نہ وري پنهنجي اولاد کي ڪو فائدو ڏئي سگهيو هئين.

ساڳئي ئي اداري ۾ جتي ٻيا آفيسر رشوت جي مال جون ٿوڪريون ڀري پنهنجي وڏين وڏين گاڏين ۾ روزانو گهر ويندا هئا اتي تون خالي هٿين ڪپڙا ڇنڊي پنهنجي پراڻي موٽر سائيڪل تي گهر ويندو هئين. آءٌ توکان سينئر هوندي توکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس تہ تون بہ ڪجهہ پنهنجي ۽ پنهنجن ٻچڙن لاءِ سوچ تہ ان تي فخر سان چوندو هئين.

”الله جو شڪر آ, جيتري اسان جي پيٽ جي گنجائش آهي ان کان وڌيڪ الله سائين رزق ڏنو آهي, ڪڏهن بکيا نہ سمهيا آهيون, پر جي بکيو سمهڻو بہ پيو تہ بک تي سکون جي ننڊ سمهي پوندا سين, پر حرام جو گرهہ پيٽ ۾ وجهي پنهنجي سکون کي تباهہ نہ ڪنداسين“.

تنهنجو منطق بہ تو وانگي عجيب هو هتي ماڻهون رڳو پنهنجو پيٽ ڀري مون وانگي ٿلها متارا نہ ٿيا هئا پر انهن پنهنجا گهر پنهنجون ماڙيون بہ ڀري ڇڏيون هيون, پنهنجا ڏندا پنهنجون زمينون ۽ ملڪيتون ايتريون تہ وڌائي ويا هئا جو هنن جون ست پيڙهيون بہ سکون سان ويهي کائي سگهن پيون. ۽ وري ٻئي پاسي تون هئين جو تنهنجو پيٽ خوراڪ ۽ ذهن عقل جهڙي نعمتن کان جڻ تہ ڀري پٺڀل هئا.

پلي تون ڪٽي پنهنجي لاءِ نہ سوچين ها پر پنهنجي اولاد لاءِ تہ سوچين ها انهن جي مستقبل لاءِ ڪجهہ ناهي وٺين ها, آءٌ توکي ڪيڏو سمجهائيندو هئس تہ ڪٽي تنهنجي اولاد احساس ڪمتريءَ جو شڪار نہ ٿي وڃي , هو پنهنجي چوڌاري سيڪجهہ ڏسن وائسن پيا, متان ڪٽي هنن جي اڄ جي محرومي سڀاڻي تنهنجي پڇتاءَ جو ڪارڻ نہ بڻجي پوي.

”ڇا, مون پنهنجي اولاد کي سٺي تعليم ۽ تربيت نہ ڏني آهي؟ مون هنن کي سٺي تعليم سان گڏ اهڙي تربيت ڏني آهي جنهن سان هو پنهنجي خواهش, طاقت ۽ غضب جي هٿيار کي پنهنجي قابو ۾ رکڻ جي مهارت رکن ٿا, ڇاڪاڻ تہ بغير ڪنهن تربيت جي مليل هٿيار ٻين کي تہ نقصان پهچائيندو پر پنهنجي تباهيءَ جو ڪارڻ بہ ٿي سگهي ٿو. باقي جيستائين محروميءَ جي ڳالهہ آهي تہ ڪنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ هنن لاءِ مشڪل ناهي, هو جيڪا بہ شيءِ پنهنجي لاءِ بهتر سمجهندا, اها حاصل

ڪري وٺندا.“ تون بيوقوفن جي جنت مان هڪ ڳُل پٽي منهنجي اڳيان رکڻ جي ڪوشش ڪندو هئين.

آءٌ مڃان ٿو تہ منهنجا ٻار تنهنجي ٻارن وانگر پنج وقت نماز نہ پڙهندا هئا، منهنجي ڌيءَ تنهنجي ڌيءَ وانگر پڙدي جو خيال نہ رکندي هئي، پر ان جو اهو مطلب بہ نہ هيو تہ هو ڪا ڇڙواڳ زندگي گذاريندا هئا، بس جيڪو ڪاليج، يونيورسٽي جو ماحول هو ۽ اسان جو سماجي ڪلچر هو ان مطابق زندگي گذاريندا هئا. آءٌ تو وانگر بيوقوف نہ هئس، مون هنن کي سٺيون ڊگريون ۽ سٺيون نوڪريون وٺڻ جي فڪر کان آزاد ڪري ڇڏيو هو ۽ هنن کي وڏين پوسٽن تائين پهچائڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي هئي. الله جو شڪر آ ٿورڙي عرصي ۾ گهڻو ڪجهہ ناهي ورتو هئم، هڪ ڪوٺي ڳوٺ ۾، هڪ بنگلو ڪراچيءَ ۾، ٽي چار فليٽ ۽ هڪُ فارم هائوس باقي ٻنين جو ڪو حساب ئي ناهي، اُن تي وري تنهنجي بيوقوفيءَ جي انتها اها ڏسندو هئس تہ اهو سڀ ڪجهہ ڏسندي بہ تو کي رِيس تہ نہ ايندي هئي پر ويتر چوندي هئين،

” هي سڀڪجهہ تون ڪيڏانهن کڻي ويندين.“

”اهي سڀ الله سائينءَ جون نعمتون آهن جيڪي هن مونکي محنت جي نتيجي ۾ عطا ڪيون آهن انهن کان لطف اندوز نہ ٿيان الله جي نعمتن کي پٺي ڏيان.؟“

”ڪهڙي محنت جي نتيجي ۾ تو کي هيڏيون ساريون نعمتون مليون آهن اهو بہ تہ ٻڌاءِ نہ ؟“.

”ڇو جيڪا محنت هر ڪو ڪري ٿو . مون ڪو ڪنهنجو حق غضب ناهي ڪيو بس ٿورڙي گهڻي رشوت جي ورتي آهي تہ ان ۾ ڇا ٿيو، پر مون باقاعدي سان صدقا ۽ زڪوات ڪڍي آهي جيڪا تنهنجي مُلن ٻڌائي آهي.“ مون تنهنجي اڳيان پنهنجي محنت جي تشريح پيش ڪئي هئي.

”مونکي اهو تہ ٻڌاءِ! هڪ مڻ کير ۾ جي هڪ ٽيپو زهر جو پئجي وڃي تہ ان کي پيئڻ لائق ڪرڻ لاءِ ان مان ڪيترو کير ڪيڏڻو پوندو.؟“

تنهجو سوال نڙيءَ ۾ هڏيءَ وانگر اٽڪي پوندو هو جنهن کي ڳهڻ بہ مشڪل هو تہ اوڪارڻ بہ مشڪل ، پوءِ پاڻ کي اهو چئي مطمئن ڪندو هئس تہ چرين جي هر سوال جو جواب نہ ڏبو آهي.

پر هاڻي تنهنجو ڪيل هر سوال تنهنجي عقل جو ثبوت ۽ پنهنجو ڏنل هر جواب منهنجي بيوقوفيءَ جو اهڃاڻ پيو لڳي. اهو پيو محسوس ٿي تہ هڪ پل ۾ هي سڀ ڪجهہ گذري ويو 60 سالن جي عمر ۾ بہ دفعا دل جو دؤرو پئجي چڪو آهي ۽ باءِپاس ڪرائڻ کان پوءِ بہ طبيعت ۾ مزو ناهي، مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ ڊاڪٽر هر مزيدار شيءِ کائڻ کان جهلي ڇڏيو آهي، هن جون جهليل ذائقيدار شيون بہ کائڻ کان مڙي ويو آهيان پر ڪو وقت هو جو الله جون جهليل بي ذائقہ ۽ صحت لاءِ هاڃيڪار شيون کائڻ کان بہ نہ مڙندو هئس. پنهنجن بنگلن هوندي بہ گهڻي قدر وقت اسپتالن ۾ پيو گذري، تون هن وقت بہ مونکي ذهني ۽ جسماني طور تي مضبوط ۽ صحت مند پيو لڳين، اها ئي ڳالهہ آهي تہ فنا سين لاءِ آهي، سڀ پنهنجي پڄاڻيءَ ڏانهن پيا وڃن، پر زندگيءَ جي هن موڙ تي آءٌ پاڻ کي هارايل پيو محسوس ڪيان، سڄي عمر توکي بيوقوف چوندو آيس پر هاڻي پاڻ کي مهابيوقوف پيو سمجهان .

آءٌ پاڻ کي ميراٿن ريس ۾ ڊوڙندڙ ان شخص وانگر پيو سمجهان، جيڪو فنش لائين تائين صرف ان ڪري نہ پهچي سگهيو، جو هن کي رستن جون رنگينيون، پاڻ ۾ ائين گم ڪري ويون ،جو هن کان فنش لائين ڏانهن وڌڻ ئي وسري ويو. آءٌ اهو ڪاٿو نہ ٿو ڪري سگهان تہ مون ڇا وڃايو ۽ تون ڇا ڪمايو. پر اهو ضرور چوندس تہ تون پنهنجي مقصد جي چٽي هجڻ ۽ ارادي جي مضبوطيءَ ڪري، دنيا جي هر خوبصورت دوکي کان بچي نڪري آئين . پر آءٌ هر موڙ تي حوس ۽ خواهش جي خوبصورت دوکن هٿان بيوقوف ٿيندو آيس.

اهو سڀ آءٌ ان ڪري نہ پيو چوان جو هاڻي عمر جي هن حصي ۾ ڪجهہ ڪرڻ جي سگهہ ناهي رهي يا وري دوزخ جو ڊپ ۽ جنت جو شوق پيدا ٿيو اٿم،پر اهو سڀ ان ڪري پيو چوان جو مونکي پنهنجي بيوقوفي هاڻي آشڪار ٿي آهي، آءٌ جيڪڏهن ماضي ۾ پيو وڃان تہ تون مون کي هڪ آزاد انسان ٿو نظر اچين فطرت کان آزاد، خواهش کان آزاد، سماج کان آزاد ۽ وڏي ڳالهہ تہ پنهنجي ذات کان آزاد، پرہئي پاسي پاڻ کي انهن سڀني زندانن جو قيدي ٿو پايان، ڇاڪاڻ تہ آءٌ پاڻ بيوقوف بڻجندو رهيس، ڪڏهن فطرت جي هٿان تہ ڪڏهن خواهش جي هٿان، ڪڏهن سماج جي رنگينين هٿان تہ ڪڏهن پنهنجي ذات جي مستيءَ هٿان ۽ پنهنجي بيوقوفيءَ کي عقلمندي سمجهندي وجود جي حقيقت ئي وڃائي وينس ، اهو بہ وساري وينس تہ آءٌ هڪ انسان آهيان ۽ انسان آخر آهي ڇا؟

پنهنجي ذات جي ڪليل ميدان ۾ خواهشن جا مست گهوڙا ڀڄائڻ ۾ ائين مشغول رهيس جو ارادن جي ٽٽڻ ۽ مقصد تان هٽڻ جي ڪل ئي ڪانہ پئي ۽ جڏهن ڪل پئي اٿم، تہ هاڻي گهڻي دير ٿي چڪي آهي. آءٌ هاڻي پنهنجي زندگيءَ جي ڪتاب مان ڪي چڱان مضمون چونڊڻ جي ڪوشش پيو ڪيان، پر ڪتاب ۾ لکيل هر مضمون بي اثر ۽ بي مقصد پيو نظر اچي. آءٌ ماضيءَ جي ورقن تي لکيل پنهنجي اکر اکر کي، حال جي خالي ورقن تان ڊاهڻ جي ڪوشش پيو ڪيان. آءٌ هاڻي نہ رڳوپنهنجي زندگيءَ جي ڪتاب ۾ لکيل باب ڊاهڻ جي سگهہ وڃائي وينو آهيان پر ڪو نئون باب تخليق ڪرڻ جهڙو بہ ناهيان رهيو.

پر وري ٻي طرف تنهنجي زندگي منهنجي اڳيان هڪ اهڙي ڪتاب وانگر کلي پئي آهي جنهن جي هر باب ۾ تنهنجي ڪاميابيءَ جا تذڪره آهن جنهن جو اکر اکر گواهي ٿو ڏي تہ تون هڪ ڪامياب شخص آهين.

تنهنجي علمي صلاحيت ۽ اڻٿڪ محنت هميشہ تو کي ٻين کان ممتاز رکيو. تون انهن ماڻهن مان نہ هئين جن کي ادارا هلائيندا آهن، پر تون انهن ماڻهن مان هئين، جن جي ڪري ادارا هلندا آهن. تو جي ٻين وانگي رشوت نہ ورتي هئي تہ انهن وانگي پنهنجا بي جا اخراجات بہ نہ وڌايا هئا، تو هميشہ پنهنجي وسائل مطابق هڪ خوشگوار زندگي گذاري . پنهنجي اولاد جي اها تربيت ڪئي، جو هنن علم ۽ صلاحيت جي بنياد تي هر شعبي ۾ پاڻ کي مڃايو.

اڄ تون پنهنجي با اخلاق، باڪردار پٽن سان گڏ هڪ شفيق ۽ مهربان دوست جيان منهنجي

طبيعت پڇڻ آيو آهين ۽ آءُ پنهنجي پگهاردار ۽ وفادار نوڪرن سان گڏ تنهنجي سامهون بي وس ۽ لاچار هن ويل چيئر تي ويٺو آهيان.

آءُ اڄ تنهنجي اڳيان اهو اعتراف ٿو ڪرڻ چاهيان ته جنهن نافهميءَ ڪارڻ توکي بيوقوف سمجهندو رهيس، اها ئي نافهمي منهنجي بيوقوفيءَ جو ڪارڻ بڻي ۽ وري وڏو افسوس اهو اٿم ته رڳو پاڻ بيوقوف نه بڻيم پر هڪ بيوقوف نسل ، قوم ۽ سماج جو بنياد به رکي ڇڏيم جنهن جو هر فرد تو جهڙي انسان شناس کي بيوقوف سمجهندو رهندو.

ها! مان اڄ مڃان ٿو ته بيوقوف تون نه پر مان آهيان.